# خراسان جبلت

مجتبيٰ راشدي

# خدا، انسان ۽ جبلت

مجتبيٰ راشدي

ماجد پبليشرس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ليکڪ جا محفوظ

پهريون ڇاپو: آڪٽوبر 1998ع
تعداد: هڪ هزار
ڇپائيندڙ: عبدالماجد خلجي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
فون 7737291

ملهه: 100 رپيا

وي پي ذريعي گهرائڻ جو پتو
راشدي هائوس، سالار محلہ
پير جو ڳوٺ، ضلع خيرپور

ملڻ جا هنڌ
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي
عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ سکر
۽ سنڌ جا وڏا اسٽال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

پياري امڙ سائڻ

**بي بي عائشيته**

جي نالي

جنهن جي اعليٰ تربيت منهنجي زندگيءَ

جي علمي پهلوءَ کي روشن ڪيو

مجتبيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


مهاڳ — ظهير ميراڻي 7
پيش لفظ — مجتبيٰ راشدي 15
مارڪسي سوشلزم ۽ لساني نفسيات جو تاريخي ڪردار 18
فلسفي جا آفاقي پهلو، شڪ کان تصديق تائين 43
حسن جي وجودي حقيقي ڇا آهي؟ 53
ڇهين حس جو طبعي پس منظر 65
خدا، انسان ۽ جبلت 72
وجودي فلسفي جو منفي پهلو 80
فطرت ڇا آهي؟ 95
عرياني، فطرت ۽ ارتقا 104
جبلت موت 111
موت جي سڌريل شڪل 117
هندي تمدن، موسيقي ۽ ارتقا 123
سنڌي قوم جو فڪري جائزو 138
مهاجر قوم جي نفسيات ۽ سنڌي قوم جو مستقبل 148
قومون ڇا آهن؟ 156


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”فڪرِ فرنگ“ کان ”خدا، انسان ۽ جبلت تائين“

سائين مجتبيٰ راشديءَ پنهنجي پير جو ڳوٺ واري ڪنهن دور جي ”قومي اوطاق“ تي ڪتاب لکڻ شروع ڪيو ته ڪين اڪثر اهو چوندي ٻه ٻڌو ويو ته مهاڳ ڪنهن نوجوان ليکڪ کان لکرائيندس. ڪجھ عرصي بعد جڏهن ڪتاب جو پهريون پروف مڪمل ٿي چڪو ته مون ۽ همسفر گاڏهيءَ ڪيس صلاح ڏني ته نوجوانن ۾ انعام شيخ کان سواءِ ٻيو ڪو ڀلو مهاڳ لکي نه ٿو سگهي پر جيئن ته ڪراچي کان حيدرآباد بلڪ ڄامشوري جي ٿڌين هوائن ۾ وڃڻ کان پوءِ انعام شيخ پنهنجو ڏس پتو ٻه وڃائي ويٺو آهي تنهن ڪري. اها ذميواري مون مٿان آئي ۽ آءُ راشدي صاحب جي خواهش موجب اها ڪوشش ضرور ڪندس ته ڪتاب جي معيار ۽ سندس اميد تي پورو لهجي. ڇاڪاڻ ته مان سمجهان ٿو ته اهڙو عمل نوجوانن جي علمي، ادبي قابليت منجھ سندن جذبي ۽ ايمان کي اڃا ٻه پختو ڪندو.

هونئن اصولي طور تي هن ڪتاب جو مهاڳ ڪنهن فلسفي جي ماهر يا ڄاڻو کي لکڻ گهرجي. اهو انڪري ته منهنجو فلسفي واري علم سان نه ڪو واسطو آهي ۽ نه ئي وري ڪو مان فلسفي جو ڄاڻو آهيان. منهنجو اصل شعبو انجنئرنگ کان پوءِ صحافت آهي پر سائين جو پنهنجو چونڊ هو ته سنڌ ۾ فلسفي جا ماهر، ڄاڻو ۽ پڙهندڙ آهن ڪٿي؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير جو ڳوٺ سان واسطو هجڻ سبب مان مجتبيٰ راشديءَ کي ننڍپڻ کان وٺي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. مون جڏهن مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ ڊي ايس ايف ۾ شموليت اختيار ڪئي ته سائين راشدي صاحب پنهنجي وچين عبوري دور مان گذري رهيو هو. مون کيس جوانيءَ ۾ ڏٺو ۽ حشمت وارو ماڻهو ڏسڻ کان پوءِ اندازو لڳايو هو ته شايد سائين به ”روايتي پير“ آهي جنهن کان اوڙي پاڙي جا ماڻهو ڪنبدا آهن پر اها ڳالهه اوچتو حيران ڪُن انداز ۾ تبديل ٿي وئي. جڏهن مون پڙهائي ختم ڪرڻ بعد صحافت اختيار ڪئي ته سائين راشديءَ صاحب کي جيئي سنڌ جي مکيه ماڻهن منجهه شامل ڏٺم. ان وچ ۾ سائين جي اوطاق سياسي ميڙاڪن، قومي ڪاڄن ۽ سياسي ڪچهرين جو مرڪز پڻ بڻجي وئي. هي راشدي صاحب جو هڪ نئون ۽ اثرائتو جنم هو جنهن کيس جَلا بخشي ۽ پير ڳوٺ جي رهواسين کان پوءِ علمي، ادبي، سياسي ۽ شعور پريو سڄو لڏو پڻ سنڌن اوتاري ڏانهن پلٽجي پيو. توڙي جو سائين پنهنجي سياسي سفر جو ڏنگ اڇي قومپرست تحريڪ تائين ڪيو پر پاڻ هر قسم جي رنگ، مذهبي، سياسي تنگ نظري ۽ بنياد پرستيءَ کان آجا رهيا. اهو ئي سبب آهي جو قومپرست ڪارڪن کان وٺندي ڪميونسٽ، مذهبي ۽ اقليتي ڪارڪن تائين سمورا ماڻهو ساڳي جذبي ۽ چاهه سان سنڌن اوطاق تي اچي ڪَنا ٿين ٿا جن جي وري آجيان به بنا ڪنهن ڦير فرق جي ساڳي مسڪرائيندڙ انداز ۾ ٿئي ٿي. هي سلسلو اڄ تائين جيئن جو تيئن جاري آهي، جيڪا پير جو ڳوٺ جي پيرن جي حوالي سان نئين روايت چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

ائين راشدي صاحب جي سياست ۾ عملي طور اچڻ بعد ساڻن شعوري طور ڪچهرين جو سلسلو به شروع ٿيو. مان جڏهن ڪراچيءَ مان ڳوٺ وڃڻ بعد پهريون پيرو ساڻس سياسي ڪچهريءَ تي ويو هيس ته مون سمجهيو ته هو شايد ئي هڪ اخباري نيوز ايڊيٽر کي متاثر ڪري سگهي، جاڪاڻ ته منهنجو اهو به اندازو هو ته هن به سنڌ جي ٻين پيرن ۽ وڏيرن وانگي خلق تي

رُعب ويهارڻ لاءِ سياست شروع ڪئي هوندي ۽ سنڌ جا روايتي پير، جاگيردار ۽ وڏيرا وري جيڪو سياسي شعور رکن ٿا يا جيڪو ڪجھ ڳالهائين ٿا سو به ڪنهن کان ڳجهو ناهي. پر گفتگو دوران مون هڪ نئون مجتبيٰ راشدي ”ايجاد“ ڪيو جنهن تي ڪافي سرهائي به ٿي. سندن شخصيت ۾ يڪسر تبديلي، انداز بيان، عقل ۽ دليل ۽ ڪانٽ کان وٺندي ارسطو، افلاطون، اينگلس، مارڪس، لينن، هيگل، برگسان ۽ نٽشي تائين فلسفين جي پختن حوالن مون کي ڪافي متاثر ڪيو ۽ قومي سياست جي حوالي سان ڪافي پيرا مون منجهن سائين جي- ايم سيد جي پختي فڪر مان ڦٽي نڪتل خوشبوءِ پڻ محسوس ڪئي. شايد هي ئي اهو واحد ڪارڻ آهي جنهن سبب نه صرف جيئي سنڌ تحريڪ پر سائين جي- ايم سيد وٽ به کين ڪافي مان مليو، جنهن کي هو اڄ به پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي ٿو ۽ مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي ماڻهن لاءِ هي انتهائي مسرت جوڳي ڳالھ هوندي ته انتهائي ڪٺن ۽ مشڪل وقت ۾ سورهيه بادشاھ شهيد صبغت الله شاھ راشديءَ جي خاندان جو هي پهريون فرد آهي جنهن سنڌ جي قومي سياست ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو.

مون ڪچهرين دوران جڏهن سائين مٿان فلسفي جي وڏن ڄاڻن ۽ ماهرن جي گهري اثر جو اندازو لڳايو ته هڪ ٻيري ڪانئس پڇيا ڪئي ته ”اڪثر پير جو ڳوٺ ۾ اها راءِ آهي اوهان جو علم ادب سان ڪو واسطو ناهي ڏنو ويو پوءِ هي سڀ ڄاڻ... آخر اوهان وٽ ڪيئن ۽ ڪٿان آئي؟ سائين ڪلندي وراڻيو ته ڇا پير جو ڳوٺ جي پيرن ۾ اوهان جي اک نه ٿي ٻڏي ڇا؟ پير علي محمد شاھ راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي به ته اسان جي ڳوٺ ۽ خاندان جا ئي هئا! بعد ۾ هُن ٻڌايو ته سکر ۾ رهائش دوران کين ”فڪر فرنگ“ نالي هڪ ڪتاب اتفاق سان مليو جنهن کان پاڻ مطالعو شروع ڪيائون. ٻيو سنڌ جي مشهور دانشور ۽ فلسفي جي پارکو رشيد ڀٽيءَ سان به ننڍي کان وٺي سندن صحبت رهي جنهن ڪري علم ادب ڏانهن سندن لاڙو ٿيو ۽ اڳتي هلي هُن ڪانٽ،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارسطو، اينگلس کان نٽشي تائين فلاسافرن جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو جن ڪيس ايترو متاثر ڪيو جو پاڻ ”لاجڪ“ ڏانهن ڇڪجي ويا ۽ هي ڪتاب به يقينا انهيءَ لاڙي جي ئي پئداوار آهي.

جيتري قدر اخباري ڪالم لکڻ جو تعلق آهي سائين مجتبيٰ راشدي ڪي مون، همسفر گاڏهي، اعجاز شيخ، زلف پيرزادي ۽ حميد سبزوئي اڪثر زور بار رکيو ته جيڪي عوامي آواز، سنڌ، برسات، پڪار، جاڳو ۽ ڪيترن ئي سنڌي رسالن ۾ پڻ شايع ٿيا، انهن منجهه ڪيترائي اهڙا ڪالم به شامل هئا جيڪي سنڌ جو آواز بڻجي پرڏيهه تائين به پهتا. ڪجهه ڪالمن جا چوندڊ ٽڪرا خبرن جي صورت ۾ ڪراچيءَ جي اردو اخبارن ۾ شايع ٿيا جن ۾ خاص طور تي ”سنڌ جي حادثاتي طور آزاد ٿيڻ وارو“ فڪري جائزو سرفهرست آهي.

بيماري سبب عملي سياست کان الڳ ٿيڻ بعد سائين پنهنجي علمي پورهئي کي ڪتابي شڪل ڏيڻ جي جستجو ڪئي. انهيءَ وچ ۾ اخبارن ۾ منجهن جيڪي ڪالم ڇپيا تن جي جتي تعريف ٿي اتي انهن تي اها به تنقيد ٿيندي رهي ته سائين سچو فلسفو لکي ٿو ۽ ٻولي اهڙي استعمال ٿئي ٿي جيڪا عام ماڻهن جي سمجهه کان ڇڙهيل آهي. هينئر به هي جيڪو ڪتاب اچي رهيو آهي تنهن بابت هڪ دفعو ڇپائي جي مرحلي دوران سنڌيڪا اڪيڊمي جي چيئرمين نور احمد ميمڻ اهو تبصرو ڪيو ته ”سائين جو هي ڪتاب پاڻ وارن پيارن کي سمجهڻ ۾ اجا چاليهه سال لڳندا.“

فلسفي وارن ڪتابن بابت اسان سڀ هن راءِ تي اڳواٽ ئي پهتل هجئون ٿا جو سنڌ اڄڪلهه فڪري ۽ علمي طور پيچ ڊاهه جو شڪار آهي. هڪڙا ماڻهو پنهنجي پراڻي نالي جو ڪتيو ڪائي رهيا آهن. ٻيا علم ۽ مطالعي واري سگهه وڃائي رهيا آهن. ٽيان وري شارٽ ڪَٽ جي چڪر ۾ ماراماري واري جهان ۾ غرق ٿي چُڪا آهن. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن علم ۽ ادب جا عام رواجي ڪتاب ئي حيثيت وڃائي ويهن ٿا ته پوءِ سماجي سائنس، عقل ۽ نوس دليلن واري فلسفي جو ڇا ٿيندو؟ سو پنهنجي جاءِ تي هڪ سوال


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور آهي.

هونءَ به اسان سنڌين وٽ فلسفي جي معنيٰ ئي منجهائيندڙ آهي ۽ حيثيت ڪجهه هيءَ رهي آهي ته جڏهن به ڪو ماڻهو ڪا ڳالهه نـوس عقل ۽ دليل سان ڪري ٿـو ته ڪيس اهو چئي نظرانداز ڪيو ويندو آهي ته "اهو وري ڪهڙو فلسفو شروع ڪيو اٿئي." چاڪاڻ ته لڪير جا فقير ٿيڻ اسان جي پراڻي ۽ وڻندڙ روايت رهي آهي. بقول مجتبيٰ راشديءَ جي ته "سنڌي قومي سياست ڪان ويندي هر شعبي ۾ مار ئي انهيءَ ڪري کائي ويا آهن جو اهي عقلي بنيادن تي اڳتي وڌڻ کان لنوائين ٿا."

هتي هيءَ ڳالهه واضح ٿـئي ٿـي ته فلسفو "انساني تهذيب جو سائنسي رخ آهي ۽ جن به قومن فلسفي، عقل ۽ دليل جي ڳالهه ڪئي سي اڄ سوڌو تاريخ جو سونهري حصو آهن ۽ دنيا وري به ڦري گهري پنهنجي سفر جي اتان ئي شروعات ڪري ٿي جتي هنن ڇڏيو هو. يونان اسان جي سامهون آهي. چـو ته يوناني فلسفي ۽ شعوري سگهه ۾ ايترو اڳتي هئا جو هڪ ڀيري سڪندراعظم جي سامهون هڪ فقير قسم جو ماڻهو اچي ويو ته هُن ڪيس چيو ته ڇا گهرجئي، جيڪو گهرڻو اٿئي سو گهر. پر جيئن ته انهيءَ ماڻهو کي سيءَ لڳي رهيو هو ۽ ڪيس اُس جي شديد ضرورت هئي تنهن ڪري ڪيس چيو ته مهرباني ڪري ٿـورو پرتي ٿي بيهو! پر جيڪڏهن اجوڪي سنڌ اندر ڪو حڪمران ڪنهن کي آڇ ڪري ته صورتحال ڇا بيهندي؟ ان بابت انڪري وڌيڪ لکڻ اجايو آهي جو سڄي سنڌ چڱيءَ طرح باخبر آهي.

اهڙي صورتحال دوران مجتبيٰ راشديءَ سنڌ اندر فڪري لاڙن کي هڪ نئون رخ ڏنو آهي. جنهن ڪري اجوڪي سنڌ کي هن شعبي ۾ هڪ تازي دستڪ آهي چاڪاڻ ته اسان کي اڄ جنهن فڪر ۽ دليل جي ضرورت آهي تنهن جا پيرا اسان منڊ کان ئي وڃايون ويٺا آهيون. حالت هيءَ آهي ته جيڪو ڪم اسان جي پڙهيل لکيل طبقي کي ڪرڻ گهرجي سو اڻ پڙهيل (رسمي تعليم کان وانجهيل) ماڻهو ڪري رهيا آهن. اسان جي اعليٰ درسگاهن ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلسفي جا باقاعده الڳ ڊپارٽمينٽ آهن پر اتي ڪير پڙهن ٿا، انهن جا ڪير سربراهه آهن، جيڪي پڙهن ٿا سي ڪيڏانهن وڃن ٿا؟ ڪٿي تحقيقي ڪم ڪري رهيا آهن؟ تنهن جي ڪنهن کي ڪا به خبر ناهي.

صرف زور ترجمن ۽ لفاظي تي آهي. اسان وٽان مطالعو، تحقيق ۽ جاکوڙ موڪلائي رهيا آهن. علم ۾ حياتي ڳارڻ واري تصور کي اڏوهي کائي رهي آهي جنهن ڪري اسان اڳتي وڌڻ ۽ مسئلن جي حقيقي اپٽار ڪرڻ ۾ پلجي ويئون ٿا. هيءَ وري به هڪ چڱي ۽ داد لائق ڳالهه چئبي ته مجتبيٰ راشدي پنهنجي علم، عقل ۽ فهم جي بنياد تي سنڌ اندر پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ سنڌ کي فلسفي جو خالص پنهنجو ڪتاب ڏنو آهي ۽ سندس چئلنج سان چوڻ آهي ته اهڙي نوعيت جو سنڌ ۾ اڳواٽ ڪو به ڪتاب موجود ناهي. سندس اهو به چوڻ آهي ته: ”محترم رشيد ڀٽي ۽ سائين ابراهيم جويي صاحب جا جيڪي فلسفي جا ڪتاب آهن سي ترجمو ٿيل آهن. ايتري تائين جو اهي ڪٿي پنهنجي راءِ به ناهن ڏئي سگهيا“.

شايد علم فلسفو ان ڪري به ڏکيو آهي جو اهو هرمسئلي تي عقل ۽ فهم ذريعي رسائي ڪندو آهي. فلسفي کي باقي علمن تي وري انهيءَ ڪري فوقيت حاصل آهي جو اهو موضوع ۽ مسئلي کي ائين سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيئن اهو خود هوندو آهي. هڪ حوالي سان سائنس ڪيترائي موضوع فلسفي ڏانهن انهيءَ ڪري به رجوع ڪندي آهي جو اُها انهيءَ جي ته تائين پهچي ناهي سگهندي يا وري اهي ان جي تحقيق واري دائري کان ٻاهر هجن ٿا. ساڳئي وقت فلسفي جو انداز بيان به ساڳيو ئي (شاعري ۽ ادب جيان) نه هوندو آهي. جيئن دعا جي متعلق علامه اقبال چيو آهي ته،

”لب پي آتي هي دعا بن کي تمنا ميري“ پر جڏهن فرائيڊ کان پڇيو ويو ته دعا جو سماجي پسمنظر ڇا آهي؟ ته هن چيو ته، ”خدا کي پنهنجن ارادن تان هٽائڻ لاءِ متاثر ڪرڻ جي ڪوشش آهي.“ تنهن ڪري جيڪڏهن فلسفي جو مطالعو ڪجي يا فلاسافي تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ لکجي تہ نفسياتي طرح ان جي اندازِ بيان ڪي ان علم جي مطابقت سان لکجي تہ اهو پنهنجي حقيقي روح جواظهار ڪندو.

ايئن بہ آهي تہ سنڌيءَ ماڻهوءَ جي عام سوچ غير قدرتي بہ ٿيل آهي. جيئن اسان وٽ چيو ويندو آهي تہ هي انگريزي ڏاهو آهي جو انگريزي سنڌي ٿو ڇاڻي. جڏهن تہ انگريزي ڳالهائڻ ذهين هجڻ جو ثبوت ناهي جيڪڏهن ائين هجي تہ پوءِ انگريزن ۾ ڪو بيوقوف پيدا ئي نہ ٿئي ها. جڏهن تہ بيوقوف جو وڏو تعداد منجهن موجود آهي. هي هڪ روايتي ٿوس دليل ۽ عقل جي ڳالهہ آهي جنهن کي اسان جا پڙهيل ڳڙهيل بہ نظرانداز ڪري ويندا آهن.

. اهڙي ريت مجتبيٰ راشديءَ پنهنجي ڪتاب ”خدا، انسان ۽ جبلت“ ۾ فلسفي جي موضوع جي جنهن نئين انداز ۾ چنڊڇاڻ ڪئي آهي ان مان ليکڪ جي فڪري گهرائپ جو اندازو بہ آساني سان لڳائي سگهجي ٿو. البتہ سائين پنهنجي لکت ۾ ڪيترين ئي جاين تي جلدبازيءَ جو مظاهرو بہ ڪيو آهي. ائين ٿو محسوس ٿئي تہ راشدي صاحب جيئن تہ بيماري دوران هي ڪتاب لکيو آهي تنهن ڪري موت جي اوچتي امڪاني خوف جي پيش نظر سندس لکڻ واري نفسيات جلدبازي جو شڪار ٿي وئي آهي. راشدي صا جا ڪيترائي ڪالم ”تصوير جو ٻيو رخ“ جي عنوان سان عوامي آواز، جنهن جو ان وقت مان اسسٽنٽ ايڊيٽر هيس، ۾ شايع ٿيندا رهيا. انهن ڪالمن مان ”آدرش ڇا آهن؟ “جي ايم سيد ۽ تصوف“، ”ڪُهر“، ”ضمير ڇا آهي؟“، ”تضادن جي هيءَ پراسرار دنيا“ ۽ ”شيخ اياز خدا جي حضور ۾“ ۾ ڏاڍا پسند آيا، پر الائي ڇو سائين انهن ڪالمن کي پنهنجي ڪتاب ۾ جاءِ ناهي ڏني؟ تنهن هوندي بہ سنڌ جي فڪري ويچارن تي راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪو مواد پيش ڪيو آهي اهو اسان جي معاشري ۾ دستاويزي حيثيت رکي ٿو ۽ جن موضوعن تي راشدي صاحب اپٽار ڪئي آهي تن جي علمي حيثيت مستقل رهي ٿي. مختلف مضمونن تي مشتمل هي ڪتاب سنڌي ماڻهن جي سوچڻ جي عام سطح کان ڪجھ مٿيرو ضرور آهي پر ان جي افاديت نہ متاثر ٿئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي نه ئي وري ان جي اهميت کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو. يقينا اسان کي اڳ يا پوءِ هي ساڳي وات ونٽي آهي ۽ جڏهن به سنڌ "لاجڪ" ڏانهن وڌندي ته هي ڪتاب علمي طور "دروازي" جي حيثيت رکندو.

توڙي جو اڄ هو پوڙهو ٿي چُڪو آهي. لاڳيتو بيماري ۽ 8 پيرا آپريشن جي ميز تي پهچڻ کان پوءِ سندن ارادا ساڳيا ئي پختا آهن. قومي سياست اندر سندن ڪردار هميشه بي داغ رهيو آهي ۽ هو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ دوستن لاءِ قابلِ اعتماد پڻ رهيو آهي. ماضيءَ جي فرسوده روايتن کان هو جان ڇڏائي چُڪو آهي. مون هڪ دفعو ڪانئس پڇيو ته توهان قومي سياست ڪهڙي پسمنظر کان ڪريو ٿا؟ ته هن وراڻيو ته "اسان جو قومي وجود خطري ۾ پئجي چُڪو آهي ۽ اهڙين معروضي حالتن ۾ بقا جي جنگ لڙڻ ڪهڙن به شرطن تي غيرانساني عمل ناهي."

مان سمجهان ٿو ته سنڌ اندر جيڪڏهن ڪتاب جو ڳوڙهو مشاهدو ڪيو ويو ته هڪ نئين بحث جا لاڙا ۽ رخ پئدا ٿيندا جنهن سان اسان جي فڪري سطح بُلند ٿي سگهي ٿي. اڄ جڏهن هر ماڻهو وٿ، انفراديت، پئداگيري ۽ نفسانفسي واري دور جو شڪار آهي عين انهيءَ وقت فڪر جي دعوت ڏيڻ ۽ ذهن جي عقلي بنيادن تي پرورش ڪرڻ وارو ڪم يقينا داد لائق آهي.

**—— ظهير ميراڻي**

ڪراچي

26 سيپٽمبر 1998ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

هن حقيقت کي اڄ به مان ڀريون ڀريون جيان تسليم ڪريان، ته مان زندگي جي سڀني مرحلن ۾ پنهنجن سڀني عملن کان عمومن غير مطمئن رهيو آهيان. منهنجو عشق، منهنجا فيصلا، زندگي گذارڻ جا طور طريقا ۽ ڏينگ حتاڪ پنهنجن لکڻين کان به غير مطمئن رهيو آهيان. غير مطمئن حالت ۾ لکيل هي ”ڪتاب“ توهان کي ڪيتري قدر مطمئن ڪري سگهي ٿو؟ جنهن متعلق مان يقين سان ڪا به راءِ قائم نه ٿو ڪري سگهان.

البت بقول ”ڪانٽ“ شڪ کان تصديق، ڪرڻ جو انساني ڪردار، خالص انسان جو شعوري عمل آهي.

پر مان ڪانٽ کان متاثر هوندي به، چوان ٿو ته اڄ تائين ڪنهن به پيدا ٿيل شڪ جي مڪمل تصديق نه ٿي سگهي آهي. ڪنهن ڏاهي جي چواڻي ته انسان جي شخصيت ڪڏهن به مڪمل ٿئي ٿي سگهي، شايد ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ ۾ مونکي مطمئن ٿيڻ گهربو هو! پر الائي ڇو مان اهڙي واضع حقيقت کي به آخري فيصلو ميڃڻ لاءِ تيار نه آهيان! مان ايئن سوچيندو آهيان ته ڇا واقعي هر نامڪمل شيءِ مڪمل ٿي (رهي) آهي. يا ايئن سمجهڻ صرف اسان جي ذهني زندگي جو نفسياتي پهلو آهي. ممڪن آهي ڪائنات جي ڪا به شيءِ نامڪمل کان مڪمل ٿيڻ جو عمل ڪندي نه هجي؟ بحرحال ”ڪانٽ“ جي اهڙي دعويٰ متعلق مون وٽ ڪو به آخري فيصلو نه آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سوشلسٽ سوچ رکندي به مارڪسي نظريه کان غير مطمئن آهيان مارڪس جي هن خيال کان ته

"علم کان انسان جي هستي وجود ۾ نه ايندي
آهي، بلڪ هي هن جو سماجي وجود هوندو آهي
جنهن کان، هن جي هستي وجود ۾ ايندي آهي.

پر جيئن ته منهنجي علم ۾ آهي ته هر سماجي زندگي گذارڻ وارو جاندار پنهنجي علم ۾ وسعت پيدا نه ڪري سگهيو آهي. جنهن جو هڪ مطلب هي به ٿيو ته صرف سماجي وجود علم جو ذريعو نه آهي. بهرحال غير مطمئن هجڻ منهنجي عادت به نه آهي. شايد علم جي محدوديت مون کي غير مطمئن ڪرڻ جو سبب رهي هجي.

جڏهن سقراط جو هي لافاني خيال ته مان اهو سمجهيو آهي ته مان ڪجهه بي نه سمجهيو آهي. منهنجي مطالعي ۾ آيو، تڏهن مون کي مطمئن ٿيڻ گهربو هو! پر ڇا ڪجي مان هي ڪيئن قبول ڪريان ته مان جيڪڏهن ڪجهه به نه سمجهيو آهي، ته پوءِ نه سمجهڻ جي شڪايت مون وٽ ڪيئن پيدا ٿي!

مان پنهنجي ڪتاب "خدا، جبلت ۽ انسان"، جيڪو مختلف موضوعات تي مشتمل آهي، جنهن متعلق منهنجي راءِ آهي ته مان انهن موضوعات جي پوشيده پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ کان سواءِ هڪ منفرد انداز ۾ به بحث ڪيو آهي، البت پڙهندڙ حضرات ڪتاب متعلق ڪهڙو فيصلو ڏين ٿا ان لاءِ مان پهريون کان ته ڪا به راءِ قائم نٿو ڪري سگهان. ان ڪري جو علمي دنيا ۾ "ڪتاب" جو عمل منهنجو پهريون تجربو آهي البت ڏاهن دوستن جي راءِ مطابق ته منهنجي هي "ڪاوش" سنڌي ليکڪن جي حوالي کان ان ڪري انفرادي حيثيت رکي ٿي ته هي پهريون سنڌي ٻوليءَ ۾ فلاسافيءَ تي لکيل اهڙو ڪتاب آهي. جيڪو ترجمو ٿيل نه آهي. دوستن جي هي راءِ به ته هي ڪتاب علمي معاشري ۾ پنهنجو هڪ مخصوص مقام پيدا ڪندو دراصل ڪتاب متعلق منهنجي ارادي

ڪي مستحڪم ڪرڻ جو پڻ سبب بڻيو، نتيجتن اڄ ”خدا، جبلت ۽ انسان توهان جي مطالعي هيٺ آهي، اميد ته پنهنجي قيمتي راءِ کان واقف ڪندا.

آخر ۾ مان محترم فقير غلام حيدر منگرئي صاحب جن جو ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ مڪمل تعاون ڪيو.

**مجتبيٰ راشدي**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارڪسي سوشلزم ۾ لساني نفسيات جو تاريخي ڪردار

جڏهن بہ ڪنهن موضوع جو فڪري حوالي کان جائزو ورتو ويندو آهي، تڏهن ان جا سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ادبي پهلو پنهنجو پاڻ هڪ سمت اختيار ڪري موضوع جي تسلسل جو حصو بڻجي ويندا آهن. ان حوالي جي پيش نظر اسان جڏهن سوشل ازم جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو فڪري جائزو وٺنداسين تہ انساني تهذيب جا سڀ علم فڪر جي سانچي ۾ تبديل ٿي اسان کي ٽن پهلوئن کان مسئلي کي سمجهڻ لاءِ آماده ڪندا.

1ـ سوشلزم جو واقعاتي پسمنظر.

2ـ سوشلزم جو نظرياتي پهلو.

3ـ سوشلزم انقلاب، لساني نفسيات جي پسمنظر ۾.

واقعاتي حوالي سان اسان کي هي پڌائڻو آهي تہ سوشلزم جا تاريخي مرحلا فڪري تسلسل ۾ ڪيئن ۽ ڇا هئا يا آهن؟ نظرياتي حوالي کان اسان کي هي واضع ڪرڻو آهي تہ سوشلزم پنهنجي فڪري وجود ۾ ڪيتري قدر تاريخي ماديت جو جدلي اصول آهي. نفسياتي حوالي کان اسان کي هيءَ تصديق ڪرڻي آهي تہ انقلاب روس جو پسمنظَر نظرياتي هجڻ کان سواءِ ڪيتري قدر لساني نفسيات جو پهلو رکي پيو. البت جيسيتائين سوشلزم جي تاريخي واقعات جو تسلسل آهي تہ منهنجي خيال ۾ سوشلزم جي پهرين يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروعاتي شڪل، شڪاري دؤر ۾ پنهنجو فطري ڪردار ادا ڪري چڪي هئي، ان لحاظ کان ايئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ انسان جو ابتدائي دؤر سوشلسٽ دؤر هو. هن دؤر ۾ ذاتي ملڪيت جو نہ وجود هو ۽ نہ تصور، عورت ۽ ٻار بہ قبيلي جي اشتراڪي ملڪيت تصور ڪيا ويندا هئا ۽ هي سارو سماجي عمل شعوري پلاننگ جو نتيجو نہ هو. بلڪ فطرت جو خودڪار سماجي ترتيب اهڙي نوعيت جي هئي بس شڪاري دؤر جي سوشلزم ۽ جديد دؤر جي سوشلزم ۾ بنيادي فرق هي هو تہ شڪاري دؤر جي سوشلزم جو نفاذ غير شعوري حالت ۾ فطرت جي منشا هئي، جڏهن تہ جديد دؤر جي سوشلزم جو نفاذ غير فطري حالت ۾ شعور جي منشا هئي. اهڙي تضاد جو فڪري تصفيو واقعات جي شڪل ۾ هن طرح سامهون آيو، تہ جڏهن شڪاري دؤر يعني فطري سوشلزم، شعوري حالت ۾ غلامانہ سماج ۾ داخل ٿيو تہ هي پنهنجو پاڻ طبقاتي ٿي ويو. جنهن جو هڪ مطلب هي بہ ٿيو تہ غير طبقاتي سماج، شعوري ٿيڻ کان پوءِ غير طبقاتي نٿو رهي سگهي! اهڙو تجربو هڪ دفعو ٻيهر اسان کي " انقلاب آڪٽوبر" کان بہ ٿيو، هي عمل بہ هڪ مختصر عرصي تائين غير طبقاتي ڪردار ادا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ بغير رد عمل ڏيڻ جي ٻيهر طبقاتي ٿي ويو، ٿيو ايئن تہ انقلاب آڪٽوبر تبديليءَ جي عمل ۾ بجاءِ ڪنهن ارتقائي شڪل پيش ڪرڻ جي، هن پنهنجي ماضي ڏانهن رخ اختيار ڪيو، جيڪو عمل مارڪسي جدلياتيماديت جي شيڊول مطابق نہ هو. اهڙي صورتحال جي پيش نظر تاريخي ماديت جو جدلي اصول، هن نوعيت جو ثابت ٿئي ٿو. تہ غير طبقاتي نظام خود سبب آهي طبقاتي نظام جو. انسان جو مڪمل فطري نظام (شڪاري دؤر) تہ غير طبقاتي رهي سگهي ٿو، جيئن جانورن جو سماج آهي، پر فطرت جي مهذب شڪل يعني فطرت جو شعوري ڪردار غير طبقاتي نٿو رهي سگهي. جيڪڏهن جبرن غير طبقاتي نظام مڙهيو

ويندو ته معاشرو ارتقيٰ ڪرڻ ڇڏي ويندو.جيئن رشين معاشري جي ان نسل ارتقيٰ ڪرڻ محدود ڪري ڇڏي، جنهن ان جنت نما غير طبقاتي معاشري ۾ اک کولي، بس انسان جو تخليقي الميو هي آهي ته هن جي تهذيبي شڪل، هن جي ڏند ڪٿائن واري خوابيده تلاش ڪي يعني هن جي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ موجود هڪ اهڙو معاشرو جنهن ۾ ظلم، ڏاڍ، بک، افلاس ۽ سماجي نابرابري نه هجي، جتي سڀ مسئلا پنهنجو پاڻ پهريون کان حل ٿيل هجن جي فطري شڪل ۾ تڪميل نٿي ڪري. البت هن جي اهڙي خواهش صنعتي دؤر جي طبقاتي تشدد ڪان سوشلزم جي ائڊريس تي. هڪ دفعو حقيقت ٿيڻ لڳي هئي. مارڪسي نظريي هيٺئين طبقي ڪي وڏو حوصلو ڏنو ۽ لينن جي سحر انگيز قيادت 17 آڪٽوبر جي انقلاب دوران مثبت عملي ڪردار ادا ڪري ڏيکاريو، ۽ سچ پچ ته نه صرف مظلوم طبقي جا خواب حقيقت ٿيڻ لڳا هئا، بلڪ 75، سالن تائين انسان جي ڏن ڪٿائن واري رنگين دنيا، رشيا ۾ عملي ڪردار به ادا ڪري ورتو، پر هي سڀ ڪجهه سائنسي سچ نه هجڻ جي ڪري هڪ دفعو ٻيهر فطرت جي قائم ڪيل شعوري دنيا ۾ واپس ٿي ويو.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇو سوشلسٽ تهذيب جا اعليٰ آدرش فطرت جي شعوري مرحلي ڪي متاثر ڪرڻ جا مستقل سبب ثابت نه ٿيا حيرت جي ڳالهه آهي ته سوشلزم جي نفاذ خاطر رشيا جي لکين ماڻهن پنهنجين جانين جي قرباني ڏني ۽ جڏهن چند فردن جي فيصلي تي سوشلزم نظريه ڪي ملڪ نيڪالي ڏني وئي ته رشين معاشرو خاموش رهيو. ڪوبه رد عمل نه ٿيو. ڇڻ ته معاشرو ڪنهن پوائنٽي ۽ بي ڪيف خواب مان بيدار ٿيو هو. ڇا سوشلزم نظريه جي عملي شڪل معاشري ڪي بي حس بڻائي ڇڏيو هو؟ جڏهن اهڙي سنگين واردات تي مڪمل طور ڪميو نسٽ رشيا خاموش رهي، ته پوءِ هي ڪيئن ٿو چيو وڃي! ته سوشلزم جي ناڪامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صرف چند فردن جي نااهلي يا غداريءَ جو نتيجو هئي؟ ان لحاظ کان هي سمجهڻ بہ نهايت ضروري آهي تہ ايڏي وڏي فيصلي ڪرڻ ۾ انهن، چند فردن جي بي خوفي، جو سبب ڪهڙو هو. ۽ ڪين پنهنجي اهڙي تاريخي فيصلي جي ڪاميابيءَ جو پهريون کان ان حد تائين يقين چو هو. جو هنن اهڙي سنگين تبديلي متعلق ريفرنڊم جي ذريعي رشين عوام کان راءِ ونڻ کي بہ ضروري نہ سمجهيو. حقيقت هي آهي تہ سوويت قيادت پنهنجي ذهني پيڙا جي پيش نظر معاشري جي صدمي کان نفسياتي طور واقف ٿي چڪي هئي. هنن جي علم ۾ اچي چڪو هو تہ رشين معاشرو نفسياتي تجسس کان خالي ٿي چڪو آهي. هو تبديلي چاهي ٿو ۽ هي رد عمل نہ ڪندو.

## مارڪسي نظريي جو فڪري تجزيو:

سوشلزم ۽ مارڪسي سوشلزم، تاريخيماديت جو جدلي اصول ۽ مارڪسي تاريخي ماديت جو جدلي اصول، دراصل هڪ شيءِ نہ آهن. مارڪس، ڊاڪٽر هيگل جي روحاني جدلي اصولن کان متاثر ٿي، ماديت جا جدلي اصول پيش ڪيا. ۽ انهن جي پيش نظر مارڪس هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سوشلزم انسان جي سماجيات جو سائنسي مرحلو آهي، يعني سوشلزم تاريخ جو فطري دؤر آهي. تنهن جي ڪري هن جو نفاذ پنهنجو پاڻ ٿيندو. البت انساني ڪاوشن کان صرف ايترو ممڪن ٿي سگهي ٿو، تہ تبديلي جي عمل ۾ تاريخ جي مقرر وقت کي گهٽائي سگهجي ٿو.

تاريخي ماديت جي جدلي اصولن جي وضاحت ۾ مارڪس ٻڌايو آهي تہ سماجي تبديلي جو بنيادي محرڪ پيداواري اوزارن ۽ ذريعن جي ارتقيٰ آهي. ان حوالي کان مارڪس تاريخ کي پنجن حصن ۾ ورهايو آهي، جنهن کان هن هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪيئن هڪ دؤر پيداواري ذريعن يا اوزارن جي تبديليءَ کان معاشري جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي معيارن ۾ تبديلي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻي ٿو. مارڪس جي تاريخي جدليات جو خاڪو هيٺ ڏنل شيڊول مطابق آهي.

شڪاري دؤر+ لوهه= غلامي دؤر، غلامي دؤر+ غلامن جي ڪثرت ۽ ذاتي ملڪيت ۾ اضافو= جاگيرداري دؤر، جاگيرداري دؤر+ ٻاڦ جي انجڻ= صنعتي دؤر، صنعتي دؤر+ بيروزگاري بک افلاس= سوشلسٽ دؤر.

ان خاڪي جي وضاحت ڪندي مارڪس ٻڌايو آهي ته، شڪاري دؤر جو معاشرو پٿر جو هٿيار استعمال ڪندو هو، جنهن جي محدود صلاحيت جي ڪري هڪ فرد سڄي ڏينهن جي محنت ۽ مشقت ڪرڻ باوجود به پنهنجي پيٽ پالڻ جيتري خوراڪ حاصل نه ڪري سگهندو هو. تنهن ڪري هن وٽ پاڇيءَ جو تصور نه پيو جڙي سگهي، جيئن ته هن جو ذريعه معاش، جانورن جي شڪار ۽ (سرسبز) علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ خودرو-ميون تي هو، تنهن جي ڪري ٿيندو ائين هو ته جڏهن هڪ گروهه ٻئي گروهه کان اهڙا سرسبز علائقا ويڙهه ڪري کسي وٺندو هو ته هو مفتوح قبيلي جي ماڻهن کي غلام رکڻ جي بجاءِ قتل ڪري ڇڏيندا هئا. پر جڏهن انسان لوهه جي اوزار کان متعارف ٿيو ته ان جو لازمي نتيجو هي نڪتو ته لوهي اوزار جي اعليٰ صلاحيت کان هڪ فرد پنهنجي پيٽ پالڻ کان سواءِ پاڇي به ڪرڻ لڳو. مارڪس جو خيال آهي ته فرد جي ان پاڇي ڪرڻ جو منتقي نتيجو هي نڪتو ته فاتح قبيلي مفتوحن کي قتل ڪرڻ جو بجاءِ انهن کي غلام ڪري رکڻ ۾ پنهنجو منافعو سمجهيو. جنهن جو خودرو نتيجو غلامانه سماج جي شڪل ۾ سامهون آيو.

اهڙي تجزيي کان مارڪس جو فڪري پهلو هي آهي ته غلام رکڻ جو تصور انسان جي ذهني اوسر جو صرف نتيجو نه آهي. ان ڪري جو شڪار دؤر جو انسان غلام رکڻ جو تصور تيستائين نه پيو ڪري سگهي، جيستائين پيداواري ذريعن ۾ تبديلي نه پئي آئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح ٻاڦ جي انجڻ جي تخليق کان سواءِ جاگيرداراڻي دؤر جو صنعتي دؤر ۾ تبديل ٿيڻ ممڪن نہ هو. جنهن جو هڪ مطلب هي بہ ٿيو تہ انسان جي ارتقيٰ جو عمل شعوري حالت ۾ سڌو نہ آهي. بلڪ هي عمل شعوري هجڻ جي باوجود بہ جدلي اصولن جو پهريون کان منطقي نتيجو آهي.

مان مٿي وضاحت ڪري آيو آهيان تہ جدلي اصول ۾ مارڪس جا جدلي اصول بنيادي طور هڪ شيءَ نہ آهن. بس مفڪر جو فڪري ڪردار هي هوندو آهي تہ هو فطرت جي قانونن کي جيڪي ترتيب ۾ تسلسل جي شڪل ۾ پهريون کان موجود ۾ جڙيل هوندا آهن، انهن کي ايئن سمجهي جيئن هو خود آهن. ۾ هڪ شيڊول جي شڪل ڏئي، دراصل ان شيڊول کي جدليات چئبو آهي. جيڪو مفڪر قانون فطرت جي اصولن کي وڌيڪ بهتر ۾ سائنسي شڪل ۾ پيش ڪري ٿو، تہ ان جو جدلي فارمولا وڌيڪ قابل قبول هجڻ گهرجي.

مٿي ذڪر ڪيل معيارن جي پيش نظرجڏهن مارڪسي جدلياتي فارمولا جو تجزيو ڪجي ٿو تہ هو اسان کي تسلسل جي شڪل ۾ محسوس نٿو ٿئي، ۾ نہ هو مڪمل طور سائنس جي پورائي ڪن ٿا. ڪنهن ڏاهي جي چواڻيءَ تہ شڪاري دؤر جڏهن غلامي جي دؤر ۾ تبديل ٿئي ٿو. تڏهن اهڙي تبديلي جو محرڪ لوهہ جو اوزار آهي. پر جڏهن غلامي دؤر جاگيرداراڻي سماج يا دؤر ۾ تبديل ٿئي ٿو تہ اهڙي تبديلي ۾ ڪنهن بہ نوعيت جي تخليقي قوت يعني ڪنهن اوزار جهڙي شيءِ جو عمل دخل نظر نٿو اچي. اهڙي طرح جاگيرداراڻي دؤر جو صنعتي شڪل ۾ تبديليءَ جو سبب ٻاڦ جي انجڻ بڻايو ٿو وڃي. پر صنعتي دؤر جو سوشلزم دؤر ۾ تبديل ٿيڻ لاءِ ڪنهن تخليقي عمل جو ذڪر ٿيل نہ آهي. تنهن ڪري ٿيو ايئن تہ هڪ نوعيت جي پيداواري اوزارن کان ٻن دؤرن جو تصور جڙي ٿو. جنهن کان هي ثابت نٿو ٿئي تہ سڀ دؤر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيداواري تبديلين يا پيداواري اوزارن جي تبديلين جو لازمي نتيجو آهن.

ساڳئي وقت مارڪس جا هي تبديلين وارا محرڪ معاشري ۾ اتفاق يا حادثي جي شڪل ۾ ڏيکاريل آهن. مارڪس واضع چيو آهي ته جڏهن شڪاري دؤر جي فرد کي لوهه جو تعارف ٿيو ته يقينا اهو ان جو انفرادي واقعو هوندو. جنهن کي حادثو به چئي سگهجي ٿو. جڏهن ته خود مارڪسي نڪتئہ نظر کان جدلي اصول هڪ سائنسي عمل آهي. فطرت جو پهريون کان طئہ ٿيل قانون!

حقيقت هي آهي ته مارڪس جدلي منطق کان هڪ اهڙي سلسلي جو تصور ڏنو آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ ضابطن ٺاهڻ وارو سماجي روپ اختيار ڪري ٿو وڃي ۽ هو لا محالا پهريون کان طئہ ٿيل نتيجا پنهنجو پاڻ ڏيڻ ٿو لڳي، جڏهن ته اسان جا مشاهدا ۽ سماجي سائنس مارڪس جي اهڙي دعويٰ جي نفي ٿي ڪري. چو ته انسان جي سماجي وجود ۾ هڪ جهڙين حالتن کان هڪ جهڙا نتيجا نٿا ملن، ۽ نہ سماجي تبديلين جا محرڪ صرف پيداواري اوزار ثابت ٿين ٿا. بلڪہ اهڙا محرڪ هڪ کان وڌيڪ ملن ٿا، جيڪي پيداواري اوزارن جي تبديلين کان سواءِ تاريخ ۾ پنهنجو بنيادي ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. جدلي اصول جمادات، نباتات جي عمل ۾ مڪمل طور مارڪسي هوندا آهن، يعني اٽل هوندا آهن. ۽ هو گهريل نتيجا بہ ڏيندا آهن. پر حيات خصوصا انساني وجود يعني ”فطرت جي شعوري شڪل“ ماديت جي جدلي اصولن کان جيڪڏهن مڪمل طور آزادا نہ بہ آهي تڏهن بہ هوءَ جمادات ۽ نباتات جيئان فطرت جي مڪمل پابند بہ نہ رهي آهي. خصوصا جهد البقاءَ جي شعوري عمل انساني سماج ۾ ماديت جي جدلي ضابطن کي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کان اسان جي سماجي وجود جا ڪيترا پهلو اهڙي نوعيت جا ٿي چڪا آهن. جن جي اظهار ۽ عمل ۾ جدلي اصولن جو ڪوبہ سراغ نٿو ملي. مثلا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن رسمن جي حوالي کان شادي، سخاوت، دشمن نوازي، اهڙي طرح اسان جي آدرشي معيارن کان خدا جو تصور ۽ حسن جو ادراڪ، هي انساني زندگي جا اهڙا پهلو آهن جيڪي فطرت جي ڪنهن به ميدان ۾ نٿا ملن اهو پَل نباتات ۽ جمادات جو ميدان هجي يا حيواني زندگي جو ڪردار. حقيقت هي آهي ته انسان جي موضوع جا ٻہ رخ هڪ وقت اسان جي سامهون اچن ٿا. هڪ پهلو کان هن سچائي کي به پيش نظر رکڻو ٿو پئي ته خدا جو تصور يا حسن جو ادراڪ يا اسان جي رسمن ۽ رواجن جا اعليٰ قدر ڪيتري قدر به صرف سماجي محسوس ٿيندا هجن، پر انهن جا بنيادي محرڪ بک، خوف، مسرت ۽ جنسيات، جدلي ٿا محسوس ٿين ۽ ٻئي پهلو کان جيئن ته اسان کي معلوم آهي ته بک، خوف، مسرت ۽ جنستيات جون جبلتون حيوان ۾ به موجود آهن. بلڪ انسان جهڙيون ساڳيون آهن. پر حيوان سماجي نتيجن ۾ انساني سماج جهڙي آفاقيت حاصل نہ ڪري سگهيا آهن. جنهن جو هڪ مطلب هي به ٿيو ته زندگي پنهنجي ارتقيٰ جي عمل ۾ هڪ جهڙن محرڪن کان هڪ جهڙا نتيجا نٿي ڏئي. يا ائين قبول ڪرڻو پوندو ته انسان جي سماجي بلنديءَ جا محرڪ، بک، جنسيات، مسرت ۽ خوف کان سواءِ ٻيا به ڪي آهن، جيڪي انسان ۽ حيوان ۾ امتيازي سبب پيدا ڪرڻ جو سبب بڻيل آهن. حقيقت هي آهي ته انسان جي آئي ڪيو، ۽ حيوان جي آئي ڪيو ۾ بنيادي فرق هي آهي ته انسان پنهنجي فهم جي فهم ڪرڻ جي صلاحيت به حاصل ڪري ورتي آهي، جيڪا صلاحيت تخليقي طور حيوان کي مليل نہ آهي. جنهن جي ڪري حيوان پنهنجي جبلي دائري کي ٽوڙي نٿو سگهي. جڏهن ته انسان جبلي پابندين کي ٽوڙي ٿو وجهي. ان حوالي کان سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن انسان جون صلاحيتون، فطرت جي لاڪ ” جبليت“ کي ٽوڙي سگهن ٿيون ته پوءِ هو فطرت جي جدلياتي اصولن جون ڇو پابند رهنديون؟ اهڙي طرح


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي پهلو کان به اهڙي فڪري تڪرار کي آسان ٻٽائي سمجهي سگهجي ٿو. جيئن ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته، جانورن جا سماجي ڪردار جدلياتي ضابطن مطابق مستقل حالت ۾ هڪ ڪرا هوندا آهن. مثلا اٺ سڀ موڳا هوندا آهن، گدڙ سڀ چالاڪ هوندا آهن. ڪانگرو سڀ امن پسند هوندا آهن ۽ بگهڙ سڀ وحشي هوندا آهن. اهڙي ريت جانورن جو عام تعداد بلڪ تقريبا سڀ جانور پنهنجن جبلي خصوصيت جي دائري ۾ بند، جدلياتي ڪردار پابنديءَ سان ادا ڪندا رهندا آهن پر انسان پنهنجي جبلي اصولن جي مطابقت ۾ هڪ ڪرا نه هوندا آهن. هي. نه سڀ سست هوندا آهن ۽ نه سڀ دلير ۽ نه هي سڀ امن پسند هوندا آهن ۽ نه سڀ ظالم هوندا آهن. حالانڪ هڪ پيءُ جي اولاد به مختلف جذبن ۾ ورهايل هوندي آهي. ته پوءِ هي ڪيئن فيصلو ٿيڻ گهرجي ته انهن جا ڪهڙا جذبا جدلي آهن؟ تنهن ڪري هي سمجهڻ گهرجي ته نه صرف زندگي جي اعليٰ يا عام اصولن ۾ بلڪ فطرت جي عام قاعدي کان منحرف انسان جي زندگي هڪ مختلف حقيقت آهي يعني ڪائنات جي مڪمل انفراديت ۽ ڪائنات جي انفراديت ڪائنات جو جدلي اصول نٿي ٿي سگهي. حقيقت هي آهي ته جيئن روشني فضا ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ منحني ٿي ويندي آهي تيئن فطرت به شعوري دائري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجا جدلياتي معيار ٻـٽا ٻٽائي ٿي وجهي! توهان کي جدليات جي ٻـٽـن معيارن جي اصطلاح عجيب ضرور محسوس ٿيندي هوندي، ان ڪري جو هيءَ فڪري دائري کان ٻاهر سائنسي ثابت اجان نه ٿي سگهي آهي. جدليات جي ٻـٽـن معيارن واري اصول کي جيڪڏهن مادي تضادن کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي ته هي تڏهن ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن تضادن جا معيار به ٻـٽا هجڻ قبول ڪجن. البت ڪائنات جي بي جان مادي ۾ روشني جي خصوصيت ٻـٽي آهي، هي لهري به آهي، ته ذراتي به آهي، اهڙي طرح اصول


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪئنٽم“ ڪان اهڙا ذرا تلاش ٿيا آهن، جن جو ڪوبہ طبعي محور نہ آهي. يعني هي ذرا ماديت جي تضادن واري جدلي اصولن کان فري آهن. آئن اسٽائن، ارادي رڪندڙ اهڙن ذرن جي اصطلاح کي سخت تشويش جو ڪارڻ چيو آهي. آئن اسٽائن جو چوڻ آهي تہ اهڙي صورتحال ۾ سائنس جي حيثيت ثانوي ٿي ويندي. ۽ ڪائنات جي حقيقي ماهيت سمجهڻ لاءِ فطرت جي اصل روپ کي هڪ دفعو ٻيهر انتهائي سنجيدگي سان تلاش ڪرڻو پوندو، ۽ مسئلن کي سمجهڻ لاءِ فڪر جا نوان زاويا اختيار ڪرڻا پوندا.

جڏهن تہ ٻئين ڪان انسان جي شعوري زندگي پنهنجن مخصوص حرڪتن ۽ عمل ڪان نظريہ ڪئنٽم جي اهڙي تلاش جي تصديق ڪندي پئي آئي آهي. انسان جي اعليٰ شعوري ڪارڪردگي فطرت جي عام قاعدن جي خلاف پنهنجو ڪردار ادا ڪندي آئي آهي. ۽ جيئن جيئن انسان وڌيڪ باشعور ٿيندو ٿو وڃي، تيئن تيئن هي فطرت جي عام قاعدن ڪان آزاد ٿيندو ٿو وڃي.

جيئن تہ جدليات جو مفهوم آهي فطرت جي قانوني ربط جو شيڊول، جنهن ۾ سبب ۽ ان جي سبب وارو سلسلو زنجير جي ڪڙن جيان هڪ ٻئي سان مليل هوندو آهي. پر انساني حرڪتون شعور جي ملڻ ڪان پوءِ جڏهن هڪ جهڙين حالتن ڪان هڪ جهڙا نتيجا نہ ٿيون ڏين تڏهن اسان کي قبول ڪرڻ پوندو، تہ انسان جو هي عمل فطرت جي عام قاعدي وارو نہ آهي. يا فطرت جي شعوري شڪل جدليات جي ٻئن معيارن کي قائم ڪري ورتو آهي. دراصل انسان پنهنجي سماجي وجود جو هڪ رخ متعين ٿئو ڪري سگهي. اسان جي سماجي وجود ۾ هي سوال بدستور پنهنجي اهميت محسوس ڪرائيندو ٿو رهي، تہ آخر انسان جو ضابطہ حيات ڪهڙو هجڻ گهرجي، جيڪڏهن معاشرو صرف فطري هجڻ گهرجي تہ ظاهر آهي تہ ان جي استعمال جا سڀ پهلو بہ فطري هجڻ گهرجن، تہ پوءِ اسان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جنسي عمل ۾ ماءُ پيءُ جي آدرشي تميز ڪرڻ کان سواءِ جنسي ميلاپ جو عمل به معاشري جي سامهون ڪرڻ گهرجي، ڇو ته فطرت ۾ ايئن آهي ۽ اهڙي عمل ڪرڻ وقت اسان کي جانورن جيان هڪ ٻئي سان وڙهڻ به گهرجي. ان ڪري جو فطرت جو عمل بي روڪ حالت ۾ جاري رهندو آهي، اهڙي طرح اسان جي آدرشي زندگي ۾ سگهائي جو سوال آهي جيڪو عمل به فطرت جو نه آهي ته پوءِ ڇا اسان کان هي ممڪن ٿي سگهندو ته اسان سگهائيءَ تان به جدت پسندي جي شوق ۾ دستبردار ٿي وڃون. اهڙي طرح ٻئي پهلو کان جيڪڏهن اسان جو ضابطهٔ حيات صرف آدرشي هوندو، جنهن ۾ اسان فطرت جي بنيادي اصولن کان به انڪاري ٿي وڃون ته شايد عملي زندگي ۾ اسان هڪ وک به نه کڻي سگهون.

اهڙي سماجي صورتحال جي پيش نظر جدليات جي ٽن معيارن جي اصطلاح مان منهنجي مراد هي آهي ته اسان اهڙي سماج کان سواءِ زندگي جي ٻئي ڪا اعليٰ شڪل جوڙي نٿا سگهون جيڪا فطرت جي شعوري شڪل (تهذيب) ڪي فطرت جي عام قاعدن مطابق به هلائي سگهي. دراصل آدرشي سوال اسان جي سپرانا جي وجود جي ڳالهه ٿو ڪري. هي خيال پرستي يا روح پرستي نه آهي، بلڪه هيماديت جو خود اهڙو شعوري ڪردار آهي، جنهن جا ضابطا ماديت جي عام قانونن يا سيني قانونن سان مطابقت پيدا نه ڪري سگهندا. ڇو ته انسان جو شعوري ڪردار ڪائنات جي واضع انفراديت آهي ۽ انفراديت جدليات جي همه گيري خود هڪ ٻئي جو عالمگير تضاد آهن. يعني اسان جو عمل فطرت جي ٽن معيارن وارو ٿي چڪو آهي. هڪ اهو ڪردار آهي، جيڪو فطرت جي عام اصولن جي خلاف آهي ۽ ٻيو اهو ڪردار آهي، جنهن ۾ اسان فطرت جي خاص قاعدن مطابق آهيون. جنهن جو هڪ مطلب هي به ٿيو ته اسان جو سماجي جو هر پنهنجي صفات ۾ فطري جو هر سان پنهنجي مطابقت محدود ڪري چڪو آهي. جيڪو سبب آهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي سپرانا واري دنيا جيڪا فطرت جي نمائندي لاشعور سان ڪيترن پهلوئن ۾ بنيادي اختلاف رکي ٿي ۽ انسان جي ساخت کي پنهنجي منشا مطابق به استعمال ڪري ٿي وجي. بلڪ حاوي ٿي رهي آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن اسان جي سپرانا واري صفت عام فطري اصولن مطابق پنهنجي فطري جوهر ”لاشعور“ سان مطابقت پيدا ڪندي ته اسان جو هي آدرشي ماحول فنا ٿي ويندو. تنهن ڪري اسان جي مجبوري آهي يا فطرت جي شعوري شڪل جي سائنس اهڙي آهي، ته اسان سماجي وجود ۾ جدليات جي ٽن معيارن مطابق هلڻ قبول ڪيون ۽ مثبت نتيجا حاصل ڪريون.

جدليات جي ٽئي معيار مان هيگل، جي مجرد روح جي مراد نه آهي، جنهن ۾ روح فطرت کان آزادي لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هجي. ۽ نه هي ڪنهن مافوق الفطرت شيءِ جو تصور آهي ۽ نه هن کان اهڙو تاثر جڙي ٿو، جنهن کان شعور غير مادي ثابت ٿيندو هجي. البت هن جي ٽن معيارن مان مراد آهي فطرت جي هڪ اها شڪل جيڪا طبعي حالتن ۾ غير ارادي طور منظم ۽ لازمي نتيجا ڏيندڙ آهي، جنهن کان غلطي عموما گهٽ ٿيندي آهي ۽ فطرت جي ٻئي شڪل شعوري آهي، جنهن ۾ فطرت پنهنجي عمل کان واقف ٿي چڪي آهي. هن ۾ فطرت ارتقا جو عمل ورائٽي جي انتخاب ڪرڻ ۾ ميڪانڪي ضابطن کان سواءِ حاصل ڪرڻ سکي ورتو آهي. تنهن ڪري هن وقت ڪائنات ۾ تخليق ڪرڻ جون ٻه قوتون ميدان عمل ۾ سرگرم ٿي چڪيون آهن. هڪ قوت تخليقي جو عمل طبعي حالتن ۾ ماحول جي نسبت کان ورائٽي جو انتخاب ڪري ٿي ۽ ٻئي اها تخليقي قوت آهي، جيڪا انتخاب پهريون ٿي ڪري ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ مصنوعي ماحول کي به جوڙي ٿي. يعني فطرت جي هڪ شڪل کي تخليق ڪرڻ جو تصور پهريون کان نه آهي. هن کان جيڪا تخليق ٿئي ٿي، اها ان ماحول جو لازمي نتيجو آهي. ۽ فطرت جي ٻي شڪل شعوري آهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا تخليق جي عمل ۾ پهريون تصور ٿي ڪري ۽ پوءِ نتيجو ٿي ڏئي. ايئن ٿو محسوس ٿئي ته فطرت جي شعوري شڪل فطرت جي غير شعوري حالتن کي ڪنهن عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ تراشي رهي هجي. جڻ هوءَ پنهنجي غير ارادي وجود کان خائف ۽ غير مطمئن آهي. تنهن ڪري هوءَ طبعي حالتن جو رخ ۽ سمت تبديل ڪرڻ ٿي گهري اهوئي سبب آهي ته هوءَ بتدريج بالغ ٿيندي ٿي وڃي. ممڪن آهي هن جي بلوغت جي آخري شڪل هن بي جان طبعي عمل کي پنهنجن تصورن جي مطابق تراشي وجي ۽ جڏهن به هي يعني فطرت جي شعوري ڪردار مادي حالتن کي پنهنجي منشا مطابق هلائڻ سگهي ويندو. تڏهن به هو مافوق الفطرت نه هوندو، بلڪ هن جي عمل ڪرڻ جون سڀ شڪليون غير روحاني حالت ۾ سائنسي هونديون وڌيڪ آسان ڪري سمجهڻ خاطر توهان هن اصطلاح جو استعمال ڪري سگهو ٿا ته شعور فطرت جي مقداري تبديلي آهي. جنهن پنهنجي متضاد اظهار ڪرڻ لاءِ انسان جو مادل منتخب ڪيو آهي.

البته مارڪسي سوشلزم کي، مارڪسي جدليات جي سائنس قبول ڪندي، جيڪڏهن اسان هي فرض به ڪريون ته اسان جا هي سڀ آفاقي تصور يا اعليٰ سماجي روايتون ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ کان مارڪسي جدليات جو نتيجو آهن. ان ڪري جو انهن جون محرڪ قوتون خوف، مسرت، بک ۽ جنسيات واضع طور جدلي ماديت جو نتيجو آهن، تڏهن به مارڪسي نظريو جدلي ثابت نٿو ٿئي. ان ڪري جو مارڪسي سوشلزم مسرت ۽ خوف جي جبليتن کان بيگانو سماجي عمل آهي جنهن کان ارتقيٰ ڪرڻ جا چانس سائنسي يا جدلياتي اصولن کان پنهنجو پاڻ محدود ٿيل آهن.

هڪ اهڙو معاشرو جنهن ۾ خوف ۽ لالچ جو عنصر انتهائي محدود ٿيل هجي، جنهن ۾ فرد سماجي مسئلن ۾ هڪ پهلوُ کان روزگار، اولاد، گهر، پوڙهاپ، علاج، ٽيڪس بلڪ اهڙي نوعيت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سيني امڪاني مسئلن کان مڪمل طور آجو ٿيل هجي، ۽ ٻئي پهلوءَ کان فرد جون لا محدود خواهشون محدود ۽ ڪمتر حالت ۾ هڪ پهريون کان طئہ ٿيل شيڊول جي مطابق واضع ٿيل هجن يعني فرد پنهنجي آئيندي جي سيني نتيجن کان پهريون واقف هجي. زندگي جي شروعاتي مرحلي ۾ فرد جي علم ۾ اچي چڪو هجي تہ هو ڪيتري بہ ذهانت رکندي ۽ بي انتها جدوجهد ڪرڻ کان پوءِ بہ پنهنجي مرضي جو اهڙو گهر نٿو ناهي سگهي، جنهن کان هن جي خوابيده خواهشن جي تڪميل ٿيندي هجي. جنهن ڪي هي پنهنجو گهر چئي سگهي. يا هڪ اهڙي صورتحال جنهن ۾ پهريون کان فرد جي علم ۾ هجي تہ هي پنهنجن خداداد صلاحيتن کان اهڙي ملڪيت جو تصور بہ نٿو ڪري سگهي. جيڪا هن کان پوءِ هن جي اولاد ۾ منتقل ٿي سگهي.

خوف ۽ تجسس کان پاڪ، بي ڪيف معاشري ۾، سماجي سائنس کان ڇو ۽ ڪيئن سمجهڻ گهرجي تہ فرد جي تخليق صلاحيت ۽ جدوجهد جو عمل متاثر نہ ٿيندو؟

جڏهن فطرت ۽ زندگي ۾ ڪشمڪش محدود ٿي ويندي، جنهن معاشري ۾ فرد جا نہ مسئلا هوندا ۽ نہ مستقبل هوندو، اتي ارتقيٰ جو پسمنظر سائنسي طور ڇا هوندو؟ ڇا بي خوف معاشري ۾ خوش رهي ڏيکارڻ ۽ مستقبل جي اهميت نہ هجڻ کان پوءِ جدوجهد جي عمل کي جاري رکي سگهڻ صرف نظرياتي يا اخلاقي اپيل کان ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ تاريخي ماديت جي جدلي اصولن کان مارڪس هي نہ سمجهي سگهيو تہ انسان جي ارتقيٰ ڪرڻ واري پسمنظر ۾ جيڪي قوتون ڪارفرما آهن، اهي پيداواري ذريعن يا اوزارن کان سواءِ خوف ۽ لالچ وارا جذبا بہ رکن ٿيون. شڪاري دؤر جيڪو فطري طور غير طبقاتي دور هو، جنهن ۾ اولاد بہ ذاتي ملڪيت ۾ شامل نہ هئي. اهڙي معاشري بہ خوف ۽ لالچ جي تصور هيٺ ارتقيٰ ڪئي. مثلا شڪار نہ ملڻ جي امڪان کان بک مرڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خوف ۽ گهٽي کان گهٽي شڪار ملڻ جي مسرت فرد ۾ جدوجهد ۽ تجسس کي قائم رکڻ جو سبب بڻيل هئي. اهڙيءَ ريت لوهي اوزار جي ملڻ کان پوءِ جيڪا معاشرتي تبديلي آئي، ان کان ذاتي ملڪيت، غلام رکڻ جو رواج ۽ اولاد متعلق معاشرتي انا پيدا ٿي ته ڇا انهن عواملن ۾ يا اهڙين تبديلين جي پسمنظر ۾ خوف يا غير متعين ٿيل لالچ جو مستحڪم انساني فهم ڪارفرما نه هو؟ بلڪ مان ايئن چوندس ته اهڙو عنصر پهريون کان وڏيڪ سماجي تبديلين جو سبب رهيو آهي. ڇو ته انسان جي فطرت سان جنگ، معاشري جي ارتقيٰ صرف پيداواري اوزارن جو ڪارڻ نه آهي ۽ نه پيداواري اوزارن جو انتخاب ۽ انهن جي اهميت کي سمجهڻ جو فهم صرف خوف ۽ لالچ جي جبلي صلاحيت جو نتيجو آهي. ان ڪري جو جبليتون ته جانورن ۾ به ساڳيون آهن. مارڪس جي تاريخي ماديت جو شيڊول ان ڪري غير سائنسي آهي، جو ان کان انسان جي ترقي، فطرت جي سڌي ترتيب جو اهڙو نتيجو ٿئي ثابت ٿئي، جنهن کان انساني جذبن يعني جبليتن پنهنجن مفادن کي پنهنجي خصوصيت کان تلاش ڪري ورتو هجي. جيئن ٻدڪ جو ٻچو ڄمڻ سان جيت پڪڙڻ ۽ ترڻ سکيل هوندو آهي، جڏهن ته انسان جي ترقي ڪرڻ جو سارو عمل مشاهداتي ۽ تجرباتي آهن. انسان جو فطرت جي نقالي ڪرڻ کان هڪ پيچيده سماج جي تشڪيل ڪرڻ صرف ان جي جبلي جذبن جي خصوصيت جو نتيجو نه آهي، جنهن کي اسان ماديت جو ميڪانيڪي جدلي اصول چئي سگهون. جيڪڏهن انسان جي جبليتن کي شعور جي رهنمائي حاصل ٿيل نه هجي ها، ته هو حادثاتي واقعن ۾ پنهنجن سماجي مفادن واري چونڊ نه ڪري سگهي ها، حقيقت ۾ انسان وٽ فطرت جي نقالي ڪرڻ کان سواءِ ان کي بهتر بڻائڻ جي صلاحيت تخليقي طور موجود هئي، جيڪا ساهوارن جي ڪنهن به نوع ۾ نٿي ملي، جنهن کي اسان فطرت جو عام قاعدو چئي سگهون. ساڳي وقت ذاهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن خيال کي بہ غير اهم نٿو چئي سگهجي تہ ڇا انسان تضادن کان سواءِ سماجي سلسلن کي هلائڻ سگهي ٿو؟ يعني تشدد ۽ نفرت کان سواءِ محبت جي افاديت کي شعور ۾ قائم رکي سگهجي ٿو؟ منهنجي خيال ۾ ناممڪن جي حد تائين غير يقيني آهي. اسان تضادن کان سواءِ اشياءَ جو تہ ڇا، پر پنهنجن جذبن جو بہ ادراڪ نٿا ڪري سگهون. حقيقت هي آهي تہ فطرت خود تضادن جي قانون ۾ ورهايل آهي. هن ۾ امن ۽ مساوات جو عمل هڪ ڪرو نٿو ٿي سگهي، هتي هر ذادي شيءِ پاڻ کان ڪمزور شيءِ کي ختم ڪندي آهي. چاهي اها بي جان مادي ذرن جي دنيا ڇو نہ هجي. فطرت متعلق هڪ ڏاهي جو خيال آهي تہ هتي هر وات هڪ ذبح خانو آهي ۽ هر پيٽ هڪ قبرستان بڻيل آهي. يعني ڏاڍي جو پيٽ ڪمزورن جو قبرستان هوندو آهي. ان لحاظ کان انساني فطرت کي چاهي شعور مليو، تڏهن بہ هن ۾ ڪا اهڙي بنيادي تبديلي نہ آئي، البت جيڪو ڪجھ سامهون آيو، ان کان صرف هي ثابت ٿيو تہ اسان فطرت جي وحشي تقاضائن کي مهذب سليقي سان وڌيڪ تيز ڪرڻ سگهي ويا آهيون، يعني تهذيب يافتہ باشعور وحشي. تشدد ڪرڻ يا محبت ڪرڻ ۾ اسان انتها پسند ٿيڻ کان سواءِ باقي ڪجھ بہ نہ ٿي سگهياسي. هتي هڪ دلچسپ فڪري سوال هي بہ پيدا ٿو ٿئي تہ فطرت جي شعوري ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن فطرت ۾ ڪا بنيادي تبديلي اچي بہ ها تہ اها ڪهڙي نوعيت جي هجي ها؟ ڇا معاشري جي ڪا اهڙي شڪل سامهون اچي ها، جيڪا طبعي اصولن کان مڪمل طور ماورا هجي ها؟ جيڪڏهن هيءَ آهي تہ جڏهن انسان جي مادل ۾ فطرت کي شعور مليو، تڏهن اسان جي سماجي جدليات جا معيار بڻتا ٿي ويا. اسان هڪ پهلوءَ کان فطرت جا نافرمان ثابت ٿيا آهيون ۽ ٻئي پهلوءَ کان اسان فطرت جي بنيادي شرطن جي پورائي ڪرڻ کان سواءِ ارتقيٰ جي عمل کي جاري نٿا رکي سگهون. تنهن جي ڪري اسان جي ضرورت هڪ اهڙي سائنسي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاشري جي آهي، جنهن ۾ جدليات جي پٽن معيارن کي ڪردار ادا ڪرڻ جي مڪمل آزادي مليل هجي، جنهن ڪان اسان جا اعليٰ ۽ حساس آدرش بہ قائم رهي سگهن ۽ ارتقيٰ جو سلسلو بہ متاثر نہ ٿئي. جنهن متعلق منهنجو خيال آهي تہ اهڙي معاشري جي سڌريل شڪل سوشلزم واري هوندي البت اهو مارڪسي سوشلزم نہ هوندو ۽ نہ ان جو نفاذ انقلاب جي ذريعي ٿيندو! انقلاب جي سائنس متعلق ڪيترن ڏاهن جو خيال آهي تہ انقلاب ماضي جي سيني روايتن کي معاشري ڪان پٽي ڇني ڏار ڪري ڇڏيندو آهي. نتيجتا معاشري جو ماضي سان تسلسل ٽٽي ويندو آهي. اهڙي معاشري جي حيثيت ان ذهين فرد واري ٿي ويندي آهي، جنهن جي ياداشت گم ٿي وئي هجي. پر سلسليوار ارتقيٰ جو عمل ماضي سان پنهنجي تعلقات نہ ٽوڙيندو آهي ۽ هو ماضي جي اعليٰ روايتن کي گڏ ڪٽي هلندو آهي. نتيجتا هن جو عمل پائدار ۽ سماجي سائنس جي مطابق ثابت ٿيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو سماجي جدليات ۾ تبديليءَ جي ڪامياب شڪل بتدريج ارتقيٰ واري رهي آهي. ساڳئي وقت انقلاب جي سائنسي تشريح ڪان بہ اهڙي تشفي نٿي ٿئي، جنهن ڪان اسان انقلاب کي جدلياتي ماديت ۾ ڇلانگ جي حيثيت ڪان ڪو مثبت عمل قبول ڪريون! اسان ايئن نٿا چئون تہ فطرت ۾ ڇلانگ جو عمل آهي ئي نہ. بلڪ اسان جو چوڻ هي آهي تہ ڇلانگ، سماجي عمل ۾ شعور جي مداخلت ڪان پوءِ غلطي جا پهلو بہ رکي ٿو. اسان هي قبول ٿا ڪريون تہ جيستائين اشياءَ ۾، مقداري ۽ ڪيفيتي تبديليءَ جو تعلق آهي تہ يقينا پاڻي 100 ڊگري گرمي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيفيتي تبديلي ڪري ٻاڦ جي شڪل اختيار ڪري ٿو وڃي. حالانڪ هي عمل شؤن آهي يعني فطرت جو عارضي فيصلو آهي. ان ڪري جو ٻاڦ ٻيهر پاڻي جي ڪيفيت ۾ لا محالا واپسي اختيار ڪندي آهي. يعني هڪ اهڙو عمل جنهن جي پنهنجي پهرين ڪيفيت ۾ واپس ٿيڻ جو سلسلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون ڪان متعين ٿيل هجي. جڏهن ته ارتقيٰ جو بتدريج عمل اهو بي جان مادي ۾ هجي يا حياتياتي مادي شڪل ۾ سماج جو فطري رول ادا ڪندو هجي. پائدار ۽ ديرپا ثابت ٿيندو آهي. مثلا چار ارب سالن ڪان حياتياتي خليه وجوديت جي عمل ۾ هڪ ڪرو رول ادا ڪندا رهيا. يعني هي ساهواري جيوت ڪي سڌي عمل ۾ تخليق ڪندا هئا. پر هڪ خاص مرحلي ۾ خلين جي (ڊي اين اي) جي هدايت ڪرڻ تي هنن تخليق جي سلسلي ڪي وراثت جي شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جيڪو عمل پنهنجي سادي شڪل ڪان پيچيده ٿيڻ ۾ سلسليوار بڻيل هو. نتيجتا هي تبديلي جنسي عمل ۾ مستقل شڪل واري ٿي وئي ۽ پنهنجي پهرين حالت ۾ واپس ٿيڻ جا سڀ امڪان رد ڪري چڪي آهي. هن تجزيي جو هڪ مطلب هي به ٿيو ته فطرت ۾ هڪڙا تضاد اهڙا به هوندا آهن، جيڪي پنهنجي خصوصيت ۾ پهريون ڪان شئون يعني عارضي بڻيل هوندا آهن ۽ فوري طور پنهنجي پهرين شڪل ۾ واپسي اختيار ڪندا آهن جيئن پاڻيءَ ۾ فطرت جا ڪي تضاد ڊگهي عرصي تائين پنهنجو هڪ ڪرو عمل ڪندا آهن، جيئن جيو گهرڙن جي وراثت جو عمل ان حوالي ڪان اسان ڪي هي واضع ڪرڻو پوندو ته ڇا سرمائيداراڻي دور جا طبقاتي تضاد صرف سرمائيداراڻي دؤر جو جدلي نتيجو آهن. يا هي فطرت جا دائمي تضاد آهن جن کي ختم ڪرڻ سان فطرت جي بنيادي اصولن جي پيچڪڙي به ٿيندي. جنهن جي نتيجي ۾ جهدالبقاءَ جو عمل رڪجي ويندو ۽ انساني معاشرو ارتقيٰ ڪرڻ ڇڏي ڏيندو. ڇو ته ارتقيٰ جي عمل ۾ انتخاب فطرت جو اصول، اخلاق ۽ امن وارو نه هوندو آهي بلڪ ورائتي وارو هوندو آهي. جيڪڏهن اسان فطرت جي ورائتي واري انتخاب ڪي، اخلاقيات ۽ امن پسندي جي سماجي جذبن ڪان ختم ڪري ڇڏينداسين ته يقينا اسان جهدالبقاءَ جي عمل ڪي اخلاقيات ۽ مساوات جو ڪفن پارائيي، مارڪسي سوشلزم جي جنت نما


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبرستان ۾ دفن ڪري ايندا سين. حقيقت هي آهي ته انقلاب جي شعوري عمل کان معاشرو اهڙي غلطي ڪري سگهي ٿو، جنهن کان هو فطرت جي بنيادي تضادن تي پنهنجن جذبن کي ترجيح ڏئي وڃي، جيئن سوشلزم انقلاب ۾ ٿيو. پر ارتقيٰ جو بتدريج عمل غير سائنسي نٿو ٿي سگهي. هو مستقل ۽ مثبت ٿئي ٿو. جيئن شڪاري دؤر کان غلامانه سماج يا جاگيرداراڻي دور کان صنعتي سماج جو نفاذ مثبت ۽ واپس نه ٿيڻ وارو ثابت ٿيو. اهڙيءَ طرح بتدريج شڪل ۾ انقلابي عمل کان سواءِ جيڪو سوشلزم نافذ ٿيندو. اهو تاريخي ماديت جو حقيقي ۽ مثبت ڪردار هوندو. اهو ڪهڙي شڪل جو هوندو. جنهن جو تصور پهريون کان نٿو ڪري سگهجي. البت هن جو نمونو اسان جي تخليقي قوت جو نتيجو هوندي. جيئن ائٽم بم جي ايجاد دنيا کي وڏي جنگ ڪرڻ کان جدلي بنيادن تي روڪي ڇڏيو آهي ۽ اسان جا سماجي لاڙا پنهنجو پاڻ امن پسند هجڻ کي بهتر خيال ڪرڻ سکي رهيا آهن. پر هي عمل شئون ثابت ٿي سگهي ٿو . جڏهن به اسان تخليقي عمل ۾ ائٽم بم جو رد تلاش ڪري ورتو ته اسان وري هڪ وڏي جنگ ڪرڻ لاءِ پهريون کان وڏيڪ تيار ٿي وينداسين. پر بتدريج معاشرتي تبديلي جيئن اعليٰ تعليم، جمهوريت جي بهتر نفسياتي شڪل کي تخليق ڪري رهي آهي جنهن کان سرمائي جي معاشرتي حيثيت فرد جي اعليٰ هجڻ جو نفسياتي ڪارڻ نه رهندي. يعني طبقاتي سرمائي جو نفسياتي موت ٿي ويندو. دولت ڪنهن جي اعليٰ هجڻ جو معيار نه رهندي. بين الاقواميت جو رجحان تيز ٿي رهيو آهي ۽ بتدريج هي عمل عالمي وحدت جي قانوني شڪل اختيار ڪري ويندو. جنهن جو لازمي نتيجو رنگ، نسل، مذهب ۽ قوميت جي خاتمي جو سبب ٿيندو ۽ اهو سڀ ڪجھ ٿي وڃڻ کان پوءِ دنيا جي جيڪا شڪل بيهندي، اها جدلي اصولن واري سوشلسٽ دور جي مستقل شڪل هوندي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لساني نفسيات جو تاريخي ڪردار:

جڏهن علم نفسيات جو سائنسي طور انڪشاف نہ ٿيو هو، تڏهن معاشرا نفسيات جي نتيجن کي مختلف علمي زواين کان سمجهڻ جو عمل ڪندا هئا. عموما ڪشف جي عمل کي اهڙي قوت تصور ڪيو ويندو هو. جنهن جي ذريعي انسان سماجي حرڪتن ارادن ۽ خواهشن جو تعين ڪندو هو. ڪم علمي جي ڪري معاشرو جيتري قدر مبهم هو، ان نسبت سان اسان جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جا انداز بہ پراسرار طور ديو مالائي شڪل ورتل هئا. اهڙي مرحلي ۾ هي خيال مروج هو، تہ انسان جو هم ذات بہ ٿيندو آهي، اهو ان ڪري جو جڏهن بہ فرد ڪنهن مسئلي متعلق سوچيندو آهي. تڏهن پنهنجو پاڻ سندس اندروني ڪيفيت کان هڪ ٻئي ذر ساٿس اختلاف ڪندي محسوس ٿيندي آهي ۽ عموما هي اختلافي عمل، دليل ۽ دلائل جي شڪل ۾ پارلياماني انداز جهڙو بہ ٿي ويندو آهي. اهڙي صلاحڪار يا اختلاف ڪندڙ هستي کي اسان پنهنجو هم ذات چوندا هئاسي. هم ذات جو تصور اسان وٽ پراسرار حيثيت ۾ ورتل هو. عموما ايئن سمجهيو ويندو هو تہ جيڪڏهن هم ذات قبضي ۾ اچي وڃي، تہ فرد جي هستيءَ مڪمل ٿي ويندي ۽ هو ڪرشماتي حيثيت جو مالڪ ٿي ويندو. تنهن ڪري هم ذات کي حاصل ڪرڻ لاءِ منتر ۽ چلن ڪڍڻ جو عمل بہ ڪيو ويندو هو.

پر هي سڀ اسرار جديد نفسيات جي ظهور کان پوءِ انسان جي ڪم علمي کان سواءِ باقي ڪجھ نہ رهيا. علم ڪشف نفسيات جو اڻ سکيل ۽ اڻ سمجهيل خودڪار عمل ثابت ٿيو ۽ هم ذات لاشعور جي شڪل ۾ سامهون آيو. بهرحال اڄ علم نفسيات کي سائنسي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي ۽ هن جو دائره عمل، سياست، ڪاروبار، گهريلو زندگي، ٻارن جي تربيت، مذهب، مسرت، جنس، خودڪشي، راند، تعمير ۽ تفريح بلڪہ زندگيءَ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني شعبن تائين شعوري حالت ۾ وسيع ٿي چڪي آهي. حالانڪ نفسيات جو هي ڪردار ماضي ۾ بہ لاشعوري طور ايتروئي وسيع هو. ان حوالي ڪان مان جيڪڏهن ايئن چوان تہ ڪولمبس جي مهم جويانا طبيعت جو محرڪ هڪ پهلو ڪان نفسياتي بہ هو. جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا حاصل ٿي. يا جيڪڏهن مان هي بہ دعويٰ ڪيان تہ انقلاب آڪٽوبر نضرياتي رجحان ڪان وڌيڪ رشين قوم جو نفسياتي رد عمل هو، تہ منهنجي خيال ۾ غلط نہ آهي! جيئن ڪولمبس جي مهم جوئي جو رجحان سندس ٻچپن جي ڪنهن واقعي .ڪان سواءِ نفسياتي طور جڙڻ ممڪن نہ هو، اهڙي طرح اڻويهين صدي ڪان يورپي قومن جو لساني حوالي ڪان نفسياتي تجزيو ڪري ڏسبو تہ هي پوشيده حقيقت بہ واضع طور سامهون ايندي تہ سوشلزم نظريہ جو انتخاب رشيا جي قومي نفسيات جو ڪارڻ بہ هو. رشين قوم کي پنهنجي ڪمتر هجڻ جو پهريون احساس نيپولين جي هٿان مليل شڪست ڪان پوءِ ٿيو ۽ خصوصا هي عمل رشيا جي انهن علائقن ۾ شدت اختيار ڪندو ويو، جيڪي يورپ جي دائري ۾ هئا. يعني يورپي برادري ۾ رشين قوم جي انا جي سوال نفسياتي جنگ واري صورت اختيار ڪري ورتي. تاريخ جي اهڙي مرحلي ۾ جنهن ۾ هڪ پاسي يورپ جون مغربي قومون نوع آباديات، جي حصول ۾ نمبر کڻڻ لاءِ هڪ ٻئي سان جنگ جي عمل مصروف هيون، جنهن عمل ۾ انگريزن ۽ فرانسيسن کي اوليت حاصل ٿي چڪي هئي ۽ ٻئي نمبر تي اسپين، پورتگال ۽ هاليند هئا پر روس جو شهنشاه اليگزيندر زار رشيا جا علائقا وڪرو ڪندو رهيو (ياد رهي تہ هن صاحب ايلاسڪا جهڙو پيداواري علائقو آمريڪا کي ڪجھ وقت پهريون وڪرو ڪري ڏنو هو) ساڳئي وقت ٽيڪنالاجي جي عمل ۾ بہ رشيا مغرب ڪان واضع حالت ۾ پوئتي پيل هو جنهن جي ڪري يورپي سماج ۾ رشيا کي يورپ جو مرد بيمار ڪري سڏيو ويندو هو. اهڙيءَ صورتحال ۾ جڏهن روس جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان پنهنجي ڪمتر سماجي زندگي جي پيٽا اوله جي يورپي نوجوان جي خوشحالي ۽ جديد رجحان ڪان جڙيل زندگي سان ڪندو هو. تڏهن هن کي پنهنجي ڪمتر هجڻ جو احسان بغير دليل جي ٿـي ويندو هو. نتيجتا يورپ جي وڏي ملڪ هجڻ جي ناتي رشين نوجوانن جي ذهن ۾ ڪجھ ڪري ڏيکارڻ متعلق لائو پچندو رهيو، جيڪو لائو ڪنهن به وقت ڪهڙي به نوعيت جو سماجي روپ ڌاري سگهيو پئي.

رشين عوام ان حقيقت کان واقف ٿـي چڪو هو ته مغربي قوتن جي اقتدار پويان ڪجھ فڪري لاڙابه ڪارفرما آهن، جنهن ڪان انهن کي اندروني استحڪام حاصل ٿـيل آهي. جيئن فرانسيسن جو اعليٰ جمهوري ڪردار ڪان ۽ برطانيه، شهنشاهيت ۽ جمهوريت کي گڏ هلائڻ جي ڪامياب ڪردار ڪان، جرمن قوم لساني فلاسافي تان ۽ اٽـلي فسطائيت جي واضع ميڪاولي سياسي ڪردار ڪان نه صرف پنهنجي قومي حيثيت جي امتيازي انا کي قائم رکيو هو. بلڪ نفسياتي طور پنهنجن اندروني حالتن ۾ معاشرتي يڪ جهتي کي به مستقل بڻائي ڇڏيو هو. جنهن ڪان هن جي ترقي ڪرڻ وارا جذبا منتشر ٿـيڻ ڪان محفوظ ٿـي چڪا هئا. جڏهن ته اهڙي نوعيت جو معاشرتي استحڪام ۽ نظرياتي پنيرائي رشين عوام کي حاصل ٿـيل نه هئي. جيئن ته يورپ ۾ ان وقت موجود سواءِ سوشلزم نظربي جي سيني نظرين ۽ فڪر جي اعليٰ روايتن جي ولار ٿـي چڪي هئي. جنهن مان ڪنهن به هڪ جي انتخاب ڪرڻ جو مطلب هو، ڪنهن بـئي جي پيروي ڪرڻ. جنهن ڪان رشين قوم جي انا نفسياتي طور پنهنجي انفراديت جو اظهار نه پئي ڪري سگهي. ياد رهي ته يورپي جو هيءُ اهو دور هو، جنهن ۾ سينٽ پيٽرس برگ، ڪان پيرس تائين ريلوي جو سفر يورپ جي رومانوي عمل جو حصو بڻجي چڪو هو. هي سفر يورپي قومن جي ناوليت زندگي جو اهڙو حصو تصور ڪيو ويندو هو. جنهن ۾ مسافر جي شخصي انا جا سڀ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوازمات، قومي وجود کان پنهنجو اظهار ڪندا هئا. ۽ ان ڏکهي سفر ۾ سڀ کان وڏيڪ شرمساري رشين ماڻهن لاءِ قومي ڪمتري جو سبب بڻيل هوندي هئي. ان مرحلي ۾ يورپي معاشري جي اندر هي چوٽي مقبوليت حاصل ڪري چڪي هئي، ته رشيا جو وجود رشين کان نه پر انهن جي سرد موسم جي احسان کان بچيل آهي. تنهن ڪري رشين عوام لاءِ اهڙي نفسياتي تشدد کان بچڻ لاءِ ڪنهن مثبت تبديليءَ جو عمل ناگذير ٿي چڪو هو. جيئن اسان مٿي ٻڌائي آيا آهيون، ته قومي انا کي نظرياتي شڪل ۾ پيش ڪرڻ جا سڀ فڪري . پهلو سواءِ سوشلزم جي يورپي قومن ۾ ورهائجي چڪا هئا، بلڪ انهن جي ڪامياب ولار ٿي چڪي هئي. بس ضروري ٿي چڪو هو، ته رشين قوم سوشلزم جي والارڪن ۾ هٿ ڪئي. جيئن ته هي سارو عمل نفسيات جي اصولن مطابق رشين قوم جو لاشعوري ڪردار هو. تنهن جي ڪري ممڪن آهي، ته رشين قوم پنهنجي اهڙي پوشيده سماجي ڪردار کان اڄ به شعوري طور واقف نه ٿي سگهي هجي! چو ته هن واقعي جي اهڙي تصديق (جيڪڏهن هوءَ سائنسي آهي) کان به ٿي سگهي ٿي، ته رشين قوم جو سماجي ڍانچو سوشلزم جي نفاذُ لاءِ مارڪس جي جدلي اصولن جي اڃان پورائي نه پيو ڪري. تنهن ڪري ثابت ٿئي ٿو ته رشين قوم جو فڪري انتخاب هڪ پهلو کان نفسياتي به هو. چو ته رشيا کان پوءِ به جيترن به قومن سوشلزم کي اپنايو آهي، اهي سڀ جون سڀ پوئتي پيل قومون هيون. يعني ترقي يافته قومن جو نفسياتي ضد؟

حقيقت هيءَ آهي ته خصوصا لساني نفسيات معاشرتي تبديلين جو اهو طاقتور محرڪ آهي، جيڪو هڪ وقت اسان جي سيني جبلتن جو استعمال هڪ سمت ۾ ڪري ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي ته لساني نفسيات جي تاريخي ڪردار، روحاني مذهبن جي ڪارڪردگيءَ کي به پنهنجي لساني دائري کان ٻاهر نڪرڻ نه ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثلا ڪابہ گوري نسل واري قوم واضع حالت ۾ اسلام جي دائري ۾ نہ آئي ۽ نہ ڪنهن ڪاري نسل جي قوم عيسائي مذهب کي ذهني طور قبول ڪيو، منهنجي چوڻ جو مطلب هي آهي تہ بينڪيت جي دور ۾ مفتوح ٿيل ڪاري نسل جي قومن، يا ڪاري نسل جي خريد ڪيل غلامن جيڪڏهن گوري نسل جي عيسائي مذهب کي قبول بہ ڪيو، تڏهن بہ هو ذهني طور اهڙا عيسائي نہ ٿي سگهيا، جيئن گوري نسل جون عيسائي مذهب رکندڙ قومون عيسائي بڻيل آهن. حقيقت هي آهي تہ اڄ بہ ڪاري نسل جي عيسائين جو ذهني.لاڙو گوري نسل جي هم مذهب عيسائين کان ڪاري نسل جي اسلام پسندن ڏي وڌيڪ مائل آهي. اهڙي ريت البانيہ ۽ بوسنيا جي ترڪ نسل جي مسلمانن، جهڙي نموني سان اسلام لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪيو. اهڙو ڪردار يورپي نسل جي البانوي ۽ بوسنيا جا مسلمان نہ ڪري سگهيا. ياد رهي تہ اسپين جي اسلامي جنگ ۾ گوري نسل جي مسلمانن جو ڪردار آخر تائين مشڪوڪ رهيو. لساني نفسيات جي تاريخي ڪردار ۾ زرد رنگ جي چيني نسل، ٻڌمت کي تڏهن قبول ڪيو، يارهڻ ڏنو، جڏهن هندي نسل ٻڌ مت جي پيٽ ۾ هندي مت کي اوليت ڏني.

انسان جي ڪهاڻي جو سڀ کان دلچسپ پهلو ان وقت اجاگر ٿيندو آهي جڏهن انسان پنهنجي انائيت تي معاشي جذبن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙن جذبن کان جيڪا واقعاتي شڪل جڙي ٿي. اهو هن جو حقيقتي وجود آهي. چيو ويندو آهي تہ قديم انسان ۾ جڏهن ستر پوشي جو رواج پيو تہ هن مخصوص جنسي عضون کي ڍڪي ڇڏيو. نتيجتا هن جا جمالي جذبا ٻين عضون اکين ۽ وارن ڏي منتقل ٿي ويا، جنهن کان شاعري ۽ ڪهاڻي جنم ورتو. اهڙي جمالي تبديلي ۾ جيڪڏهن هي قبول ڪجي تہ هي مڪمل طور معاشي تبديلي جو نتيجو آهي. تہ پوءِ هي ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ جيڪڏهن جانورن جي ڪنهن اعليٰ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسل کي سترپوشي ڪرائي وجي ته هو به شاعري ڪرڻ لڳندا. جذهن هي چيو ٿو وڃي، ته معاشي محرڪ ڪان حيوان ۾ تبديليءَ جو رجحان تخليقي طور نه آهي ته پوءِ هي قوبل ڪرڻو پوندو ته انسان ۾ اهڙو رجحان معاشي تبديلي ڪان پهريون موجود هو. هن جي ارتقيٰ ڪرڻ جو سبب صرف خارجي دنيا جو ڪردار نه آهي بلڪ هي ان جي اندروني ڪيفيت به آهي. جيڪا پنهنجي خارج ڪان متاثر ضرور ٿئي ٿي پر قدر پنهنجا قائم ڪري ٿي. هن حقيقت ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته جذهن انسان کي جبلي مسرتن جو شعوري ادراڪ ٿيڻ لڳو، تڏهن انسان فطرت ۾ آرٽ کي تلاش ڪري ورتو. دراصل سترپوشي تهذيبي لوازمات جي پهرين شعوري شڪل هئي، جنهن ڪان سپر انا فطرت ۾ پنهنجي اظهار ڪرڻ جا رستا تلاش ڪري ورتا.

چو ته انساني ڪهاڻي دراصل هن گوناگون پٿريلي فطرت جي پراسرار ۽ نوس اصولن جي پسمنظر ۾ انساني جذبن جي اهڙي ترجماني آهي، جيڪا اسان جي ذهن کي مجبور ڪري ٿي، ته اسان هن ڪائنات جي اصل مقصد جو ناوليت شڪل ۾ ادراڪ ڪيون. پنهنجن ناڪامين ۽ محرومين کي به مقصد جو حصو سمجهون ۽ هي محسوس ڪيون ته نوس حقائق جي پويان پوشيده انساني الميو اصل مقصد آهي. ذهني صلاحيتون ته فطرت کي سمجهڻ لاءِ آهن پر جيڪڏهن فطرت جي نوس پن ۾ انسان جو جنسياتي پهلو حساس جذبن ڪان ڪهاڻي جي شڪل ۾ نه جڙي ها ته يقينا معاشرو همدردي ۽ ايثار ڪان خالي هڪ اهڙي بي ڪيف حقيقت هجي ها، جنهن کي سمجهڻ لاءِ انساني ذهن آماده نه ٿئي ها.

# فلسفي جا آفاقي پهلو
# شڪ کان تصديق تائين

انسان جي شخصيت، معاشرتي يا انقلابي حيثيت دراصل لڳاتار تصديق جي عمل کان اعتماد جي اهڙي شڪل ۾ جڙندي آهي، جنهن کان فرد، پارٽي ۽ معاشرو ڪنهن وجود جو هجڻ، ڪن لازمي نتيجن جي ملڻ متعلق پنهنجي تحت الشعور ڪي جيڪو ڪجهه باور ڪرائي ونندو آهي، ان کان هڪ مڪمل جذبو جڙندو آهي. ”تصديق کان اعتماد“ هي اهو آفاقي رشتو آهي، جنهن تي انسان جي ثقافت، تهذيب، معاشرو، مذهب ۽ رياست حالانڪ ڪن حالتن ۾ نوان جبلي لاڙا بہ جڙي ويندا آهن.

اهڙي ريت جيڪڏهن ڪنهن وجود يا موضوع متعلق شڪ غالب اچي ويندو آهي تہ بي اعتمادي جي لهر پوري سلسلي کي منتشر ڪري ڇڏيندي آهي. انسان جو مڪمل موضوع اهو واقعاتي هجي يا نظرياتي شڪ کان تصديق جي دائري ۾ ڪنهن ازلي سچائيءَ کي تلاش ڪندو آيو آهي. اهوئي سبب آهي جو شڪ کان تصديق جو رجحان انسان ۾ جبلي طور موجود آهي. هي هر شيءِ، وجود يا حالتن جي تصديق ان ڪري ڪندو آهي، جو هي هر شيءِ ۾ شڪ ٿو ڪري. شڪ کان تصديق جو هڪ پهلو نفسياتي آهي، جنهن جو واسطو معاشري سان سڌي حالت ۾ آهي ۽ ٻيو پهلو آفاقي آهي، جنهن جو تعين فلاسافيءَ کان ٿئي ٿو. جيئن تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن باب ۾ اسان موضوع جي آفاقي پهلوءَ کي پيش نظر رکيو آهي، يعني خدا جي وجود ۾ شڪ ۽ تصديق، ڪائنات واقعي خارجي حقيقت آهي يا محض منهنجي اندروني ڪيفيت کان جڙيل اهڙو تصور آهي، جنهن جو تسلسل قائم ٿيل آهي پر ان جو ڪوبہ حقيقي وجود نہ آهي. زندگيءَ کان پهريون ۽ موت کان پوءِ جو علم يا تصديق. البتہ اهڙي نوعيت جي تصديق ڪرڻ ۾ جيڪا سڀ کان وڏي پيچيدگي آهي سا هيءَ آهي تہ آفاقي موضوعات متعلق تصديق جي شڪل تجربي يا مشاهدي کان ايئن نہ ٿي جڙي جيئن سماجي زندگيءَ ۾ واقعات جي جڙي ٿي. مثلا منهنجي کيسي ۾ يا صندوق ۾ ڪجھ پئسا پيل آهن، مان انهن جي ڪهڙي وقت بہ تصديق ڪري سگهان ٿو ۽ مسلسل تصديق ۽ مشاهدي کان منهنجو اعتماد اهڙي شڪل ۾ قائم ٿي وڃي ٿو، جو اهڙي يقين ڪرڻ لاءِ نفسياتي طور دليل ڏيڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي. پر آفاقي موضوعات کي سمجھڻ لاءِ دليل جو سهارو وٺڻو ٿو پوي، باوجود ان جي بہ دليل ڪيڏو بہ مستحڪم ڇو نہ هجي، ذهن کي پهرين حالت جيان مطمعن نہ ٿو ڪري سگهجي. ممڪن آهي سائنسي ارتقا ”ذرات“ جي دنيا کان اهڙن سوالن متعلق تجرباتي تشفي ڪرائي سگهي. ”هائزن برگ“ جي تحقيقات هي ثابت ڪيو آهي تہ ”ذرات“ جو هڪ قسم اهڙو بہ آهي، جنهن کان هڪ جهڙا نتيجا نہ ٿا ملن. جنهن تي تبصرو ڪندي ”آئن اسٽائن“، چيو تہ ان کان سائنس جو بنياد متاثر ٿيندو. پر تجربا هائزن برگ جي دعويٰ جي تصديق ڪندا ٿا اچن. ايئن بہ ٿيندو آيو آهي تہ جن سوالن جا جواب سائنس نہ ڏئي سگهندي آهي، انهن کي فلسفي ڏي رجوع ڪندي آهي. پر اهڙا سوال فلسفي ۽ سائنس لاءِ اڄ بہ اهڙي چيلنج واري شڪل ورتل آهن. جيئن صديون پهريون هئا. پر اهو سڀ ڪجھ سمجهندي بہ اهڙن موضوعن جي نئين سري يا نئين زاويي کان تحقيقات انسان جي دلچسپيءَ جو هميشہ هڪ ڪرو سبب بڻيل رهي

آهي.

هن سلسلي متعلق سپ کان معياري تجزيو 'ڪانٽ' ڪيو آهي. هي چئي ٿو ته مون کي هر شيءِ جي وجود ۾ شڪ آهي. هي سمجهي ٿو ته هن ڪائنات جو ڪوبه مادي وجود نه آهي. هي موت هي زندگي، دوستي ۽ دشمني، خوشي ۽ ڏک جو ڪوبه حقيقي وجود نه آهي. هن جو خيال آهي، ته اهڙو گمان منهنجن خوابن کان ٿئي ٿو. چو ته خوابن جي ڪائنات پنهنجن سيني پهلوئن ۽ جذبن کان بيداريءَ جهڙي ڪائنات هوندي آهي پر دراصل اها هوندي نه آهي. مان جيڪڏهن مسلسل خواب ڏسندو رهان ته خواب منهنجي زندگي بڻجي ويندا. خواب حقيقت هوندا ۽ مان زندگي پر نه سمجهي سگهندس ته هي خواب آهن. هنن جي خواب هجڻ جي تصديق ڪيفيت جي تبديلي يعني بيداريءَ کان پوءِ ٿيندي آهي. جڏهن ته هو پهرين ڪيفيت يعني "دوران ننڊ" حقيقت بڻيل هئا. جيڪڏهن مان ڪيفيت جي تبديليءَ کان سواءِ هي نه ٿو سمجهي سگهان ته هي خواب آهن، ته پوءِ يقينن مان ڪيفيت جي تبديليءَ کان سواءِ زندگيءَ جي راز کي به نه ٿو سمجهي سگهان، ته هيءَ زندگي هئي. جيڪڏهن دوران خواب مون کي هي شڪ به پئي ته هي خواب آهي ۽ ان متعلق مان دليل به قائم ڪري ونان، پر اهو سارو واقعو پوءِ به خواب جو حصو هوندو. اها حقيقت تڏهن ٿي سگهي ٿي جڏهن ڪيفيت تبديل ٿئي. پوءِ يقينن زندگيءَ جي زندگي هجڻ جو علم به تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن زندگيءَ جي ڪيفيت تبديل ٿئي، جيڪا تبديلي موت جي شڪل ۾ سامهون اچي ٿي. جڏهن ته موت خود هڪ ڪيفيت آهي. جنهن جي تصديق ڪهڙيءَ ڪيفيت کان ٿيندي. ڪوبه علم نه آهي. جڏهن خواب ۽ بيداري هڪ جهڙو تاثر ڏيندڙ ڪائنات کي پيش ڪن ٿا. جن مان هڪ ڪائنات مصنوعي آهي، جنهن جو احساس ڪيفيت جي تبديليءَ کان بعد ٿئي ٿو، ته پي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائنات جيڪا زندگيءَ جي ڪيفيت ۾ سامهون اچي ٿي. ان جو ڪهڙو يقين آهي ته هيءَ حقيقي هوندي. ان لحاظ کان ڪائنات کي ۽ انهن ۾ موجود سڀني شين جي وجود جي حقيقي هجڻ ۾ شڪ ٿو پوي. پر ڪانٽ کي هڪ حيثيت جو احساس ان ساري ڪيفيتي دنيا ۾ شدت سان حقيقي محسوس ٿئي ٿو. ڪانٽ چئي ٿو ته ڪا شيءِ هجي يا نه هجي، پر هڪ شيءِ ضرور آهي جيڪا هر شيءِ جي وجود ۾ شڪ ڪري ٿي. ته پوءِ يقين ائين سمجهڻ گهرجي ته اسان کي پنهنجي علم جي عمارت جو بنيادي پٿر ملي ويو. يعني هڪ هستي يقين آهي جيڪا هر ڪيفيت ۾ هر شيءِ جي هجڻ تي شڪ ٿي ڪري. حاصل مقصد ته ڪهڙي به پهلوءَ کان شڪ ڪرڻ واري هستيءَ جو انڪار نه ٿو ڪري سگهجي.

دراصل غير يقيني حالتون، ڪنهن جي يقيني هجڻ جو سبب بڻيل هونديون آهن. رهيو سوال ته اها يقيني شيءِ، اها هستي، جيڪا شڪ ٿي ڪري خود پنهنجي ذات ۾ ڇا آهي؟ انسان آهي يا انسان کان ماوراڪا ڪا ٻي هستي. بس هڪ مبهم خيال انسان جي سامهون آهي، تنهنجي ڪري انسان صرف دليل جي روشنيءَ ۾ پنهنجي موضوع کي مڪمل نه ٿو ڪري سگهي. ان موضوع متعلق ”ڪامريڊ لينن“ هڪ دلچسپ راءِ قائم ڪئي هئي. هن چيو ته، هيگل جي روحي ۽ ڪانٽ جي تصوراتي دنيا جنهن ۾ اسان جي هيءَ جذباتي زندگي پل هڪ خيالي مفروضو ڇو نه هجي، پر جيئن ته هي مفروضو لکن سالن جي سلسلي ۽ تسلسل ۾ پڪڙيل آهي، تنهن ڪري انهن معروضي ڪيفيتن ۾ سائنسي بنيادن تي منصوبه بندي ڪرڻ جو حق آهي.

حقيقت هيءَ آهي ته ڪانٽ هڪ ڪيفيت کان ٻيءَ ڪيفيت جي نفي ڪئي آهي. هن جنهن هستيءَ کان تصديق ڪئي آهي، سا خود هر شيءِ ۾ شڪ ٿي ڪري، بقول ڪانٽ ڪا شيءِ هجي يا نه هجي پر هڪ شيءِ ضرور آهي، جيڪا هر شيءِ جي وجود ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪ ڪري ٿي. ان خيال ڪان اسان کي جنهن هستيءَ جي حقيقي هجڻ جو احساس ٿئي ٿو. اها خود به مطمئن نه آهي. هوءَ خود تصديق ڪرڻ گهري ٿي. ڇا جي تصديق ڪرڻ گهري ٿي؟ ظاهر آهي ته ان شيءِ يا حالت جي تصديق ڪرڻ گهري ٿي، جيڪي هن جون پنهنجون پيدا ڪيل نه آهن يا جن جو هن کي پهريون ڪان علم نه آهي ۽ جيڪا تلاش هن جي ضرورت به بڻيل آهي. يعني ڪائنات جي اها هستي جنهن جو سراغ ملي ٿو، خود مڪمل نه آهي. جيڪڏهن هيءَ نامڪمل هستي خود انسان آهي ته پوءِ هي يقين پنهنجي وجود ۾ پاڻ پڪ ڪندو نظر اچي ٿو. بس جيڪو طيءَ ڪرڻو آهي، سو هي آهي ته هو شڪ يا تصديق، دوران خواب ۾ ٿو ڪري يا خواب نما زندگيءَ ۾. بهرحال ڪائنات جي هيءَ هستي اڃا پنهنجي معروضي ۾ پنهنجي تلاش ڪندي نظر اچي ٿي. اهڙي طرح 'ڪامريڊبلين' به صرف منطق جو سهارو ورتو آهي مسئلي جي آفاقي اهميت جو لحاظ نه ڪيو آهي. هن صرف پنهنجي انقلابي معروضي جي منافعي کي پيش نظر رکيو آهي ۽ مسئلي جي حل ڪان لنوايو آهي.

اصل مسئلو پنهنجي دائري ۾ هي آهي ته خارجي دنيا پنهنجي ذات ۾ موجود آهي يا هيءَ محض انسان جو ذهني تصور آهي. سچ واقعي آسمان ۾ موجود آهي يا انسان جي ذهن يعني شڪ ڪرڻ واري هستيءَ جي اندر موجود آهي.

ان مسئلي کي سمجهڻ لاءِ اسان جنم جي انڌي سان رابطو ٿا ڪريون جيڪڏهن خارجي دنيا انسان جي ذهن جي پيداوار آهي ته ذهن جنم جي انڌي کي به آهي، هو ڪائنات جي جيڪا شڪل پيش ڪندو اها قطعي ائين نه هوندي، جيئن اکين واري کي نظر اچي ٿي. ان تضاد ڪان واضع ٿئي ٿو ته اهي شڪليون جيڪي خارج ۾ موجود آهن. انساني ذهن جو تصور يا تخيل نه آهن. بلڪ هنن جو پنهنجو خارجي وجود آهي. حقيقت اها آهي ته خارجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا انسان جي اندروني ڪيفيت جو نتيجو نہ آهي، بلڪ انسان جي اندروني حقيقت خارجي دنيا جو نتيجو آهي. ڪانٽ، هيگل، برڪلي مسئلي کي ابتڙ پيش ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ ان قديم موضوع جي تصديق يا ڪنهن حد تائين پيش رفت هن تجزبي کان ممڪن ٿي سگهي ٿي.

جيئن تہ ممڪن آهي، جاندارن جو حسي نظام خارجي دنيا جي خصوصيات مطابق تراشيل هجي. جاندارن ۾ اهڙا خواص اهڙيءَ حالت ۾ ان ڪري موجود هجن جو انهن جي ايئن هجڻ جا اسباب خارجي دنيا ۾ اهڙي حالت ۾ موجود هجن. ڪَن اسان کي ان ڪري آهن جو خارج ۾ آواز پهريون کان موجود آهي. اکيون اسان کي ان ڪري آهن جو خارج ۾ رنگ شڪليون، روشني پهريون کان موجود آهن. حاصل مقصد تہ اسان پنهنجي وجود ۾ ڪابہ اهڙي خصوصيت اضافي حالت ۾ پيدا نٿا ڪري سگهون، جنهن جو محرڪ ڪنهن نہ ڪنهن حالت ۾ خارج ۾ پهريون کان موجود نہ هجي، پوءِ اهي حساس جذبا ڇو نہ هجن! جنسي ۽ نفسياتي رجحان نہ صرف حيوان بلڪہ نباتات ۽ جمادات ۾ بہ موجود آهن. اهڙا ٻوٽا موجود آهن جن جو نر ٻوٽو ٿيندو آهي، جيستائين ان جي مادي ٻوٽي ۾ نر ٻوٽي جو ڦر نہ وڃو ويندو آهي، تيستائين هوءَ ڦر نہ ڏيندي آهي. شرم ٻوٽي جي هيءَ خصوصيت آهي تہ هوءَ مرد جي هٿ لائڻ سان گهڙي پل لاءِ سڪڙجي ويندي آهي، پر عورت جي هٿ لائڻ سان هوءَ ڪوبہ رد عمل نہ ڪندي آهي، اهڙي طرح ٻوٽا موسيقي جي نفاست کي قبول ڪندا آهن، ان حد تائين جو هو ان کان متاثر ٿي نشونما بہ ڪندا آهن، جڏهن تہ موسيقي جو وجود جماداتي عنصرن جي ميلاپ کان اظهار ڪندو آهي. جيئن تنبوري جي لوهي تار کان اسان سرور حاصل ڪندا آهيون. اهڙيءَ ريت تصوير ۽ آواز کي پاڻ ۾ سموئڻ جي صلاحيت فطري طور جمادات جي خصوصيت آهي. جهڙي طرح اسان جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حافظي ۾ اسان جون يادون محفوظ آهن، اهڙي طرح آواز کي سموئڻ جي صلاحيت پٿر جي فطري خصوصيت آهي، جيئن فضا ۾ تصويرن ۽ آوازن سميت هر وجود جو ماضي محفوظ آهي. جمادات ۾ ڪشش يعني جنسي ميلان موجود آهي، جنهن کان هر شڪل جي، تخليق ٿئي ٿي ۽ هڪ خاص حالت ۾ ترڪيب وٺي ٿي. جمادات ۾ اهڙيون قوتون ۽ خصوصيتون موجود آهن. جنهن کان انسان جي اندروني ڪيفيت ۾ موجود سيني بيمارين جو علاج ٿئي ٿو، پوءِ اهي نفسياتي يا جنسي ڇو نه هجن.

حاصل مقصد ته خارجي دنيا اسان جي ذهني علامت نه آهي بلڪ اسان جو وجود ۽ ان جون سڀ خصوصيات خارجي دنيا کان ورتل آهن ۽ ان جو ان جهڙو نتيجو آهن. يعني ڪائنات ۾ ڪوبه وجود اهڙو نه آهي، جنهن جون انفرادي خصوصيتون ساڳيءَ حالت ۾ خارج جي اجتماعي خصوصيتن جو نتيجو نه هجن. هر شيءِ ان ڪري پنهنجي اندروني هيئت ۾ اهڙي آهي جو هن جي اهڙي هجڻ جا ساڳيا سبب خارجي دنيا ۾ پهريون کان موجود آهن. ان لحاظ کان هي سمجهڻ گهرجي ته اسان جي نه صرف بيمارين جا سبب خارج ۾ موجود آهن، بلڪ انهن بيمارين جو علاج به پهريون کان خارج ۾ موجود آهي.

ان تجزيي کان جيڪا صورتحال اسان کي آفاقيت جي ويجهو آڻي ٿي ساهيءَ آهي ته اسان جي اندروني ڪيفيت ۾ شعور موجود آهي ته يقينن ان جو جواز خارج ۾ ان نسبت سان پهريون کان موجود هوندو. سمجهڻو اهو آهي ته خارجي دنيا جو ڪهڙو محرڪ آهي، جنهن اسان ۾ شعور پيدا ڪيو. هڪ اهڙو شعور جيڪو پوري ڪائنات تي سوچڻ سان گڏ پنهنجي وجود جي ادراڪ ڪرڻ جي صلاحيت به رکي ٿو. ڇا ڪو عالمي شعور آهي؟ جنهن کي خدا چوڻ تي قناعت ڪري وٺجي يا ائين سمجهي وٺجي ته فطرت ۾ شعور خود مادي عنصر جي حالت ۾ ڪار فرما آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان لحاظ کان اسان کي پنهنجي علم جي عمارت جو بنيادي پٿر محض شڪ ڪرڻ واريءَ هستيءَ کان مليل نه آهي، بلڪ هڪ اهڙي قوت به سامهون اچي ٿي، جيڪا شڪ ڪرڻ واري هستيءَ کان سواءِ خود هڪ خارجي حقيقت بڻيل آهي، جنهن جي اسان شعوري حالت ۾ تصديق ڪري سگهون ٿا.

جيڪڏهن عالمي شعور خدا آهي ته پوءِ قادر مطلق به هوندو ڇو ته مذهب ۾ خدا جو تصور "قادر مطلق" کان سواءِ مڪمل نه ٿو ٿئي. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن عالمي شعور پنهنجن ارادن تي قادر مطلق هجي ها ته پوءِ هن انسان کي بتدريج ارتقا ڪرائي لکن سالن جو زيان ڇو ڪيو؟ جڏهن ته انسان جي موجوده شعوري سطح لکن سالن جي عمل ۾ ٿيندڙ تجربن جو نچوڙ آهي. ڪنهن ڏاهي چواڻي ته ڇا خدايا عالمي شعور به انسان سان گڏ ارتقا ڪئي آهي؟ ان تجزيي کان ڪائنات ۾ اهڙي شعوري حالت جي موجودگيءَ جو تعين ٿئي ٿو. جيڪو قادر مطلق نه آهي. بلڪ هي حياتياتي اصولن جيان بتدريج ارتقا پذير آهي. هي خود فطرت جو حصو آهي. يا هيئن ڪٿي چئجي ته فطرت جا ڪي پهلو شعوري به آهن. جيئن اسان مٿي بڌائي آيا آهيون ته اهڙن ذرن جو انڪشاف ٿي چڪو آهي، جن ۾ حرڪت جو ڪوبه مقرر محور نه آهي. هنن جي اهڙي غير طبعي حرڪت کان سائنسدان ان نتيجي تي پهتا آهن ته هنن ذرن جي حرڪت ۾ ارادي جو عنصر ڪار فرما آهي. هي پنهنجي حرڪت جو شعور رکن ٿا.

اهڙا ذرا جن جو طبعي محور مقرر نه ٿو ڪري سگهجي ۽ هو ارادو به رکن ٿا، ته پوءِ ان کان هيءَ حقيقت واضح نه ٿي ٿئي ته اهڙي حرڪت طبعي دنيا جي عام قاعدن جي خلاف ورزي نه آهي؟ يا ايئن سمجهڻ گهرجي ته هن طبعي ڪائنات سان گڏ ٻي ڪائنات به آهي، جيڪا مادي هجڻ سان گڏ طبعي نه آهي يعني مادي جون ٻه خصوصيتون آهن. هڪڙيون طبعي اصولن جو پابند


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي محور ۾ حرڪي آهن ۽ ٻيون مادي شڪليون حرڪي هجڻ ۾ غير محوري يعني شعوري آهن.

ايئن به ممڪن آهي ته انسان جو ذهن اهڙن ذرات ڪان جيڪي ارادو رکن ٿا، جڙيل هجن، جنهن جي ڪري انسان به جبلي اصولن جي خلاف شعوري حرڪت ڪري ٿو، جڏهن ته هر جاندار جبلي اصولن جي هيٺ زندگي گذاري ٿو. ان ساري بحث جو تَتُ هي آهي ته پهريون اسان کي هر وجود جي هجڻ ۾ شڪ پئي ٿو. ان کان پوءِ شڪ ڪرڻ واري هستيءَ جو سراغ ملي ٿو، ٽئين حالت ۾ اسان کي خارجي دنيا جي حقيقي هجڻ جي تصديق ٿئي ٿي، جنهن ۾ اهڙن مادي ذرن جو انڪشاف ٿئي ٿو، جيڪي عام طبعي اصولن جي خلاف حرڪي عمل ارادي جي شڪل ۾ ڪن ٿا، جنهن جي سادي شڪل حيوان ۾ موجود آهي ۽ سڌريل شڪل انساني وجود کان ملي ٿي. پر سڀ کان وڏيڪ متاثرڪندڙ سچائي جيڪا سامهون آئي آهي، ته فطرت جي خود ڪار تخليق جو هڪ پهلو شعوري به آهي يعني ڪائنات ۾ عالمي شعور جو سراغ ملي ٿو. جيڪو خود مادي حالت ۾ موجود آهي. ان کان اڳتي ڪائنات جي حقيقت ڇا آهي؟ جنهن متعلق حتمي طور ڪجھ نه ٿو چئي سگھجي، البته اسان سمجهون ٿا ته هر مادي شيءِ فنا نه ٿي ٿئي، بلڪه شڪليون مٽائي ٿي ۽ اهڙين تبديلين کان ارتقا جي شڪل جڙي ٿي. پر جن وجودن کي اهڙين تبديلين جو ادراڪ حاصل ٿي چڪو آهي. اهي اهڙين تبديلين کان جبلي يا شعوري طور مطمئن نه آهن جيئن "حيوان ۽ انسان" موت جي تبديليءَ کان ڊنل آهن. ڇو ڊنل آهن؟ ان ڪري جو انسان ۽ حيوان شعوري ۽ جبلي طور اهڙي عمل کي پنهنجي انفرادي مستقبل لاءِ منافعي بخش نه ٿا سمجهن. جنهن کان هيءَ حقيقت واضح ٿئي ٿي ته مادي حالتن کي محسوس ڪرڻ جا ذريعا شعور ۽ جبلت اهڙي سلسلي کي هڪ ڪرن جذبن کان سمجهن ٿا ۽ رد عمل به هڪ جهڙو ڪن ٿا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن مادي ڪيفيتن کي سمجهڻ جا بنيادي حساس ذريعا ”جبلت“ ۽ ”شعور“ ٻئي ”جج“ زندگيءَ کان موت جي تبديليءَ کي منفي ٿا قرار ڏين ته پوءِ ايئن سمجهڻ گهرجي ته موت ڪهڙي به لحاظ کان مادي تبديلين جو مثبت پهلو نه آهي. يا ته ٻئي جج نااهل آهن، جيڪي موت جي مثبت پهلوءَ جو ادراڪ نه ٿا ڪري سگهن. پر جيڪڏهن جج صحيح آهن ته پوءِ هي يقين ڪرڻ کپي ته موت کان پوءِ ڪوبه اهڙو سلسلو نه آهي، جيڪو زندگيءَ کان بهتر هجي. ان لحاظ کان زندگي انسان جي پهرين ۽ آخري خوبصورتي ٻڌجي ٿي وڃي. بهرحال پهرين مرحلي ۾ فطرت اسان جي سمجهڻ جي سيني ذريعن کان روپوش ٿيل آهي. بس ايترو سمجهڻ هلندڙ شعوري سطح جي آخري تصديق آهي، شڪي حالت ۾ نه بلڪه حقيقت ۾ ڪائنات اسان جي شعوري ۽ جبلي معيارن کان وڏيڪ پراسرار آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حسن جي وجودي حقيقت ڇا آهي؟

قديم کان جديد فلاسافي جو اهڙو نامڪمل بحث، جنهن جي تڪميل اڄ به ممڪن نظر نٿي اچي. حسن، خارجي يعني فطري وجود رکي ٿو يا صرف انسان جي داخلي جذبن کان ڪنهن اهڙي ڪيفيت جو اظهار آهي. جنهن کان هو خود متاثر ٿئي ٿو. اهڙن تضادن کي ڪنهن هڪ روپ ۾ پيش ڪرڻ جو اعزاز ڪنهن کي به حاصل ٿي نه سگهيو آهي. باوجود ان جي به ان دلچسپ موضوع کي ڪنهن به نظر انداز نه ڪيو آهي. حالانڪ اهڙن تجزين کان رياست يا معيشت جي بنيادي پهلوئن ۾ ڪا به تبديلي نٿي اچي. البت معاشري ۾ فن جو ڪردار وڌيڪ آفاقي ٿيندو ٿو وڃي. جيئن ”بيلوري“ چيو آهي ته فطرت مڪمل نه آهي. اهو ئي سبب آهي ته بلند پائي جو فنڪار پنهنجو آئيڊيل يا مثالي نمونو خود ٺاهيندو آهي. هو فن کي فطرت کان اعليٰ سمجهندو آهي. ان ڪري هڪ اعليٰ پايي جو فنڪار انسان جي تصوير ايئن نه ڪڍندو آهي، جيئن اهو انسان خود هوندو آهي، بلڪ اهڙي ڪڍندو آهي جهڙو هن جي خيالن ۾ هن کي هجڻ کپي.

پر اسان ان موضوع کي هڪ ٻئي پهلوءَ کان به سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ڇو ته هن سچائي کان انڪار ڪرڻ به عقل سليم جي خلاف ٿو لڳي، ته فنڪار پنهنجن آدرشن ۾ ڪيترو به بلند ڇو نه هجي پر هن جا سڀ تصور ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ فطرت کان ورتل هوندا آهن. هو فطرت جي دائري کان علاوه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي موضوع ۾ ڪجھ بہ نہ آهي. جڏهن هو اهڙو انسان پيش ٿو ڪري، جيڪو فطرت جي پيش ڪيل انسان کان وڌيڪ بلند آهي تہ هن هڪ لحاظ کان بلندي جو تصور بہ فطرت کان ورتو آهي. جيئن پهاڙ جي بلندي يا آسمان جي وسعت، بس هي فطرت جي مختلف پهلوئن کي پنهنجي تخيل ۾ اهڙي شڪل کان جوڙي ٿو، جنهن کان هن جي جذبن ۽ سمجھڻ جي معيارن جي تڪميل ٿئي ٿي. حقيقت هيءَ بہ ٿي سگهي ٿي تہ انسان پنهنجي تڪميل جي تلاش تخليق جي عمل ۾ يا فطرت جي ڪنهن نئين زاويي کي عقلي طور سمجھڻ ۾ هن لاءِ اهڙو مسرت انگيز رجحان آهي، جنهن کي هي حسين تصور ڪري ٿو.

ان ڪري جو ڪوبہ فلاسافر چاهي اهو روحانيت کان يا ماديت کان حسن جي موضوع کي خارجي يا داخلي حالت ۾ تصور ڪندو هجي پر هو هڪ بنيادي پهلو تي سڌي يا اڻ سڌي طرح متفق نظر اچي ٿو، تہ هن ساري جاکوڙ ۾ انسان پاڻ کي تلاش ڪيو آهي. ان لحاظ کان وڌيڪ بهتر آهي تہ واضح حالت ۾ انسان پاڻ کي بنياد بڻائي حسن جي مرڪزي ڪردار کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪري، تہ حسن ڪا خارجي حقيقت آهي، جيڪا مون کي متاثر ڪرڻ جو سبب پهريون کان بڻيل آهي! يا خود منهنجي پنهنجي اندروني ڪيفيت آهي، جيڪا ڪائنات جي اسرارن ۾ خود پنهنجي وجود جي تعين ڪرڻ ۾ لطف اندوز ٿي رهي آهي. ان موضوع کي سمجھڻ ۾ ”هٽچسن“ اسان کي سٺي مدد ڪئي آهي، هو چئي ٿو تہ ڪنهن شيءِ جو منفي جمالي قدرن، جو تعين ڪرڻ وقت حسن جي موزونيت کي سامهون رکڻو پوندو آهي. مثلا پٿرن جو هڪ منظر ڍير هرگز خوبصورت يا بد صورت سمجھ ۾ نہ ايندو آهي. جڏهن تہ ان ۾ موزونيت، تناسب يا ايئن کٽي چئجي تہ حسن جو فقدان هوندو آهي. ايئن ڇو هوندو آهي؟ ان ڪري جو ان جڳھ تي حسن جي موجودگي جو هجڻ ڪجھ ضروري ۽ متوقع نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندو آهي. پر ان جي برعڪس جيڪڏهن ڪا عمارت پوندي يا بي ترتيب هوندي ته اها يقينا بدصورت محسوس ٿيندي. ان ڪري هو هتي حسن جي موجودگي موقعي ۽ محل جي لحاظ کان يقيني ۽ ضروري هوندي آهي. حاصل مقصد ته اگر موقعي ۽ محل جي لحاظ کان ڪنهن شيءِ ۾ حسن جي موجودگي ضرور ۽ متوقع هوندي ۽ نه هجي ته اها شيءِ بد صورتي جو تاثر ڏيندي. اهڙي طرح جيڪڏهن موقعي ۽ محل جي لحاظ کان ڪنهن شيءِ ۾ حسن جو موجود هجڻ ضروري ۽ متوقع نه آهي تنهن هوندي به ان شيءِ جو بدصورت هجڻ ضروري نه آهي.

منهنجي خيال ۾ ”هٽچسن“ جي چوڻ مطابق ته بدصورتي جو شعور حسن کان خالي اشياءِ جو نتيجو نه آهي. جيئن پٿرن جو بي ترتيب ڍير. بلڪه بدصورتي جو ادراڪ ان حالت ۾ ٿئي ٿو، جتي موقعي ۽ محل جي لحاظ کان حسن جو هجڻ ضروري محسوس ٿيندو هجي، يعني ڪنهن شيءِ ۾ حسن جي موجودگي ضروري هوندي به نه هجي ته اها شيءِ بدصورت ڏيکاربي. جنهن کان هيءَ حقيقت واضع ٿئي ٿي ته ڪابه شيءِ پنهنجي ذات ۾ بدصورت نه آهي بلڪه بدصورتي خود اضافي عمل آهي. جڏهن حسن جو ضد ”بدصورتي“ خود اضافي آهي ته ان جو ضد ”حسن“ خود وجودي ڪيئن ٿو ٿي سگهي. نظريئه اضافيت کان خارجي دنيا اضافي ثابت نه ٿي آهي، بلڪه هي اسان جو ناقص حسي نظام، ادراڪ ڪرڻ ۾ اضافي بڻيل آهي. ۽ هي اضافي رپورٽ ٿو ڏئي. جنهن کان شعور خارجي مشاهدي ڪرڻ ۾ اضافي حالتن جو شڪار ٿي ٿو وڃي. پر مسلسل تجربن کان، تصديق جو عمل، حسيات جي ان ڪمزور پهلوءَ کي شعوري طور ختم ڪري ڇڏيندو، جنهن کان نظربي اضافيت غيرضروري ٿي وڃي ٿي. بس هيءَ اضافي سوچ جبلي دائري کان ٻاهر شعوري رجحان آهي. اهڙي حالت ۾ اسان خارجي اشياءِ جي اندر حسن جي تلاش کي فطري نٿا چئي سگهون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇو تہ فطرت ۾ انساني سماج جيان ٻٽا معيار نہ هوندا آهن. فطرت جو ڪنهن شيءِ متعلق اندازو پهريون ڪان جبلي حالتن ۾ طئہ ٿيل ۽ اڻ سڪيل حالت ۾ هڪ ڪرو جدلياتي هوندو آهي. جبلي زندگي ۾ انسان هجي يا حيوان سجاٽپ جو عمل اهو جنس مخالف متعلق ڇو نہ هجي، جبلي طور ڪندو آهي. هو جنس مخالف مان حض حاصل ڪرڻ ۾، پوڙهي ۽ جوان جو معيار قائم نہ ڪري سگهندو آهي. ۽ نہ هن معيار جو حصول جنهن ڪان پوڙهي ۽ جوان جي جمالي پهلو جو تفاوت سمجهہ ۾ آيو، خود حسي نظام جي ڪرشمہ سازي آهي. هي معيار انساني جبليتن ڪي ان وقت متاثر ڪرڻ لڳو، جڏهن ڪهڙن بہ سببن جي ڪري انساني ساخت ۾ فطرت ڪي شعور مليو. يعني جڏهن فطرت جي اک خارجي يا اندروني ڪيفيتن ۾ شعوري زاوين ڪان ڏسڻ ۽ سمجهڻ لڳي تڏهن هوءَ پنهنجي پهرين حالت سان ايڪري نہ رهي. يا ايئن چئجي تہ شعور جي تخليق فطرت جي اهڙي ڪيفيت هئي، جيڪا پنهنجي بنيادي يا هلندڙ ڪردار يعني فطري جبر ڪان مطمئن نہ هئي. جنهن جي ڪري هوءَ فطري لوازمات ڪي پنهنجن شعوري جذبن ڪان جوڙڻ لڳي. اهڙي شعوري تلاش ۽ جاکوڙ ۾ هوءَ فطرت جي ڪن شڪلين ڪي، جنهن ڪان هن جي شعوري دنيا مقصود حاصل نہ پئي ڪري سگهي، هن ان ڪي بدصورت قرار ڏنو. ۽ جنهن هن جي جذبن جي تڪميل ٿئي پئي، هن ان ڪي خوبصورت قرار ڏنو ۽ جنهن ڪوبہ تاثر نہ مليو، ان ڪي غير ضروري قرار ڏنو. يعني نہ خوبصورت ۽ نہ بدصورت. جيئن پٿرن جو غير ترتيب ڍير. حاصل مقصد تہ حسن جو ادراڪ فطرت جي مخصوص حالت جو نتيجو نہ آهي، بلڪ فطرت جي دنيا ۾ شعوري مداخلت جو اختلافي نتيجو آهي. جيڪو خود فطري نہ آهي.

ان ڪان پهريون جو اسان موضوع ڪي ڪنهن ٻئي رخ ڪان تجزيو ڪريون، هن اعتراض ڪي سمجهڻ نهايت ضروري آهي تہ ٻار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو فطرتي زندگي گذاري ٿو. اهو چمڪندڙ شيءِ ۾ وڌيڪ حض ڇو محسوس ڪندو آهي؟ جيئن هي خيال ڪيو ويندو آهي تہ چمڪندڙ شيءِ خوبصورتي جي علامت آهي ۽ هڪ خارجي حقيقت هجڻ جي ڪري هي تاثر مستحڪم ٿئي ٿو، تہ حسن جي سڃاڻپ جبلي جذبن کان ٿئي ٿي. يعني حسن، شعور جو اضافي ادراڪ نہ آهي، بلڪ هڪ فطري سچائي آهي. جڏهن تہ حقيقت هي بہ ٿي سگهي ٿي تہ ٻار ان رانديڪي ڏي وڌيڪ متوجه ٿيندو آهي، جيڪو حرڪت ڪندو آهي. اهڙي طرح چمڪندڙ شيءِ بہ هڪ ساڪن، حرڪت وارو تاثر رکي ٿي ۽ حرڪت جي عمل کان حسن جو اطلاح نٿو ملي. بلڪ حرڪت شڪاري دور جي شڪار ڪرڻ واري جبليت کي متحرڪ ڪرڻ جو سبب آهي. اهو ئي سبب آهي تہ ٻار هر شيءِ کي ڪٽي وات ۾ وجهندو آهي. ساڳئي وقت محض حض حاصل ڪرڻ کي حسن نہ چئبو آهي. جانور، جنس مخالف مان جنسي حض بغير جوان ۽ پوڙهائپ جي تميز ڪرڻ کان سواءِ هڪ جهڙي حالت ۾ حاصل ڪندو آهي. جڏهن تہ حسن جو معيار هڪ ڪرين حالتن ۾ پنهنجن معيارن قائم ڪرڻ سان جڙندو آهي. هو پوڙهائپ ۽ جواني جي تفاوت ۾ حض حاصل ڪرڻ جو معيار رکي ٿو. جيڪو عمل فطري نہ آهي، بلڪ سماجي روايتن ۾ شعوري آهي.

حسن جي شعوري هجڻ کان انحراف ڪرڻ ۾ ڪيترن ذاهن ان موضوع کي بلڪل مختلف زاوين کان بہ تجزيو ڪيو آهي. انهن جو چوڻ آهي تہ حسن فطرت جو اهڙو روپوش پهلو آهي جنهن جو ادراڪ جبلي ۽ شعوري صلاحيتن کان نٿو ڪري سگهجي. بس هن جو ادراڪ وجداني ڪيفيتن کان ممڪن ٿي سگهي ٿو. وجدان، جنهن کي هو روح جي اظهار جو ذريعو بہ چوندا آهن. ڪانٽ، هيگل ۽ ڪروچي اهي مشهور فلاسافر آهن، جن حسن جو ادراڪ روح جي ذريعي ممڪن خيال ڪيو آهي، هنن جي دعويٰ آهي تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسن جو ادراڪ عقل يا شعور جي وسيلي ممڪن نہ آهي بلڪ هي محسوسات جو هڪ اهڙو آفاقي اصول آهي، جنهن کي صرف فنڪار پنهنجي تخيل ۾ سموئي سگهي ٿو. هن جو چوڻ آهي تہ حسن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو يا اهڙي مسرت، جنهن لاءِ دليل قائم نہ ڪري سگهجي. روحاني ڪيفيت ۾ حسن آهي.

اهو ئي سبب آهي تہ جمالياتي حض سيني حسي لذتن کان اعليٰ هوندو آهي. ڪانٽ جو خيال آهي تہ جيڪو وجود پاڻ کي پنهنجي وجود ۾ ادراڪ ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. اهو اتفاقي يا حادثاتي نٿو ٿي سگهي ۽ اهو وجود خارجي اشياءِ جا معيار بہ پنهنجي وجود جي نسبت کان آفاقي حيثيت ۾ تعين ڪرڻ جي صلاحيت بہ رکي سگهي ٿو. پر جيئن تہ انهن مفڪر حضرات اهو نہ ٻڌايو آهي تہ خود روح ڇا آهي؟ بس جيئن تہ آفاقي پهلوئن کي اڃان انسان ذهني طور مڪمل نہ ڪري سگهيو آهي. جنهن جي ڪري اهڙيون ڪيفيتون انسان جي ذهني محسوسات جي شڪل ۾ تحقيقات جي دائري تائين محدود آهن جنهن کان روح پرست انسان جي محوديت هڪ آفاقي لامحدوديت جو مبهم تصور قائم ڪري، ڪنهن مجرد روح جو بغير دليل جي نظريو قائم ڪري ورتو. جڏهن تہ اهو سڀ ڪجهہ جيترو بہ انسان سمجهيو آهي يا نہ سمجهڻ جو اقرار ڪيو آهي، اهو سڀ عقل کان ڪيو آهي. جيڪڏهن قدرتي نظارن جو تجزيو شاعرانہ يا صوفيانہ تخيل کان سواءِ عقل جي روشني ۾ ڪجي تہ صورتحال انساني جذبن جي مطابق نتيجو ڏيندي. جيئن سمنڊ ۾ لهندڙ سج جو نظارو انتهائي دلڪش هوندو آهي، پر ان ماءُ لاءِ جنهن جو پٽ شام جي وقت سمنڊ ۾ ٻڏي ويو هجي، هڪ عذاب کان گهٽ نہ هوندو آهي. موسيقي سرور ڏيندڙ رجحان آهي پر ماتم ڪندڙ انسان لاءِ هنگامي کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي. جڏهن تہ اهڙي واردات ۾ فنڪار جو تاثر بہ ساڳين نتيجن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ جو سبب هوندو آهي. حقيقت هي آهي ته فطري نظارا يا ڪيفيتون ڪنهن هڪ ڪري ازلي سچائي جو هڪ ڪرو اظهار نه آهي، بلڪ هي انساني جذبن جي اندروني ڪيفيت سان نسبت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون آهن. اهڙن متضاد نتيجن ۾ جيڪڏهن ”حسن“ جو ادراڪ روحاني قوت سان ممڪن آهي ته پوءِ ڇا هي قبول ڪجي ته معروضي حالتن ۾ روح خود پنهنجي نفي ٿو ڪري ڇڏي؟ جيڪڏهن روح پنهنجي ادراڪ ڪرڻ ۾ تضاد رکي ٿو ته پوءِ ڪهڙن به شرطن تي هن کي اهڙي آفاقي حيثيت ڏني سگهجي، جيڪا شعور کان بهتر صلاحيتن جي مالڪ هجي.

هن آفاقي فيصلي ڏيڻ لاءِ ضروري آهي ته اهڙي ڪا خارجي حقيقت ممڪن هجي، جيڪا انسان جي هر ڪيفيت ۾ ڪشش ۽ حض ڏيڻ جي عمل ۾ هڪ ڪرو سبب بڻيل هجي. ان متعلق جن ڏاهن جي دعويٰ آهي ته تناسب، ترتيب ۽ موزونيت، جن شين ۾ موجود آهن، سي هر حالت ۾ هڪ ڪرو حض ڏيڻ جو سبب ٿي سگهن ٿيون. حالانڪ اهڙين شين جو به اطلاع ملي ٿو، جن ۾ ترتيب، تناسب ۽ موزونيت نه هوندي به هو ڪشش يا حض ڏيڻ جو سبب بڻيل هونديون آهن. جيئن محبوب جي منچلائپ يا درياءَ جو وهڪرو. حقيقت هيءَ آهي ته حض يا ڪشش جا جذبا سماجي جوڙجڪ ۾ اندروني ڪيفيت جو نتيجو هوندا آهن خاص طور حسن جي زاويي کان هي واضع خارجي سبب بڻيل هوندا آهن. البت انهن جا معيار انسان جي اندروني ڪيفيت کان مقرر ٿيندا آهن. حسن جو تاثر جنهن کان بغير دليل جي انسان متاثر ٿئي ٿو، اها خود انسان جي اندروني ڪيفيت آهي. موضوع جو بنيادي پهلو به هي سمجهڻ آهي ته ڇا خارجي اشياءِ جيڪي ڪن خاص حالتن ۾ اهڙو ڪردار واقع ٿي ادا ڪن ٿيون ڇا اها انهن جي پنهنجي خصوصيت آهي جنهن کان انسان بغير دليل قائم ڪرڻ جي عجيب قسم جو سرور يا حض محسوس ڪري ٿو؟ اها محسوسات خود


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خارجي اشياءِ ۾ پهريون ڪان موجود فطرت جو پنهنجو ڪردار آهي يا انسان جي اندروني ڪيفيت ۾ جڙيل تهذيب جي قدرن جو اولڙو يا تاثر آهي. جنهن کي انسان جو شعور مڪمل طور احاطو نه ڪري سگهيو آهي. جنهن جي ڪري بغير دليل جي ان جي تاثر ڪان متاثر ٿئي ٿو. يا هي ڪنهن آفاقي وجود روح جي ڪرشمه سازي آهي؟ جنهن جي ڪري شعور ان ڪيفيت جي سرور کي لفظن يا دليل جي شڪل ۾ پيش نٿو ڪري سگهي. منهنجي خيال ۾ حقيقت ڪجهه هن ريت به ممڪن ٿي سگهي ٿي، جيئن اک ۽ روشني جو تناسب آهي. روشني هڪ واضع خارجي حقيقت آهي، پر روشني کي جذب ڪرڻ واري صلاحيت اک جو داخلي عمل آهي. اصل سوال هي آهي ته اک حيوان کي به آهي پر هو روشني متعلق ڪابه راءِ قائم نه ڪري سگهندو آهي. ان ڪري جو راءِ قائم ڪرڻ واري قوت خود اک نه آهي. اهڙي طرح انسان جو حسي نظام جيڪو ميڪانيڪي اصولن مطابق خارجي اشياءِ جا عڪس اندروني ڪيفيتن کي منتقل ڪري ٿو، جتي هڪ قوت جيڪا ڪهڙن به سببن جي ڪري پهريون ڪان موجود آهي يا انساني ساخت ۾ جڙي چڪي آهي جيڪا شعوري رد عمل ڪري ٿي ۽ هيءَ حيواني قوت ڪان وڌيڪ باصلاحيت آهي، جنهن جي ڪري هوءَ نه صرف راءِ قائم ڪري ٿي بلڪ خارجي اشياءِ کي پنهنجي بقا لاءِ منفرد انداز ڪان استعمال ڪرڻ جو هنر به رکي ٿي. ساڳئي وقت جيڪا شيءِ اسرار آهي ان جي شروعات ان وقت ٿئي ٿي، جڏهن اها اندروني قوت خارجي حالتن تي پنهنجا سماجي جذبا مڙهي ٿي. جيئن پيءُ دراصل پيءُ خارجي حقيقت ۾ هڪ نوعي فرد واحد آهي. ان کي سماجي حالت ۾ پيءُ واري حيثيت ۾ قبول ڪرڻ انساني نفسيات يعني ان جي اندروني قوت جو فيصلو آهي. پيءُ جنهن جو هڪ مخصوص سماجي تصور لاشعور ۾ جيڪي قدر ڇڏي ٿو، اهي سماجي حالتن ۾ متاثر ٿيڻ جا يا قبول ڪرڻ جا عام رويا به ٿي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃن ٿا. جنهن ڪان پوءِ ان فرد ۾ پيءُ لاءِ جلال، محبت ۽ عقيدت جو جذبو پيدا ٿيڻ ڪنهن خارجي يا فطري عمل جو هڪ طرفو جبر نہ آهي. بلڪ ان جو هڪ پهلو لڳاتار صدين تائين ان سماجي روايت جي ذهني پرئڪٽس سان مسلسل تصديق جو نفسياتي نتيجو بہ آهي، جيڪو پيءُ کي هڪ اهڙي حقيقت ٿو بڻائي ڇڏي، جنهن سان محبت يا ان ۾ جلال جو احساس بغير دليل جي متاثر ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو وڃي ۽ هي سماجي وسعت جو جادو آهي تہ ڪنهن بہ فرد ۾ جيڪو حرڪتن يا شڪل ۾ پيءُ سان مماثل هجي، متاثر ڪرڻ جو سبب بغير دليل جي پيءُ جهيڙو ڏيندو آهي. اهڙي طرح اهي ساڳيا جذبا ڪائنات جي بين شين ۾ بہ منتقل ٿي ويندا آهن، جيئن پهاڙ جي بلندي ۽ پيءُ واري جلال جو تاثر ڏيندي آهي ۽ آسمان جي وسعت ماءُ جي پيار ۽ سماجي ڪردار کان گلن سان محبت محبوب جي منتخب سماجي مڪڙي واري ڪيفيت ۾ متاثر ڪندي آهي. هي سڀ جذبا سماجي دائري ۾ انسان جي اندروني ڪيفيت کان جڙيل آهن. جنهن جي ڪري اسان وٽ انهن لاءِ ڪن حالتن ۾ هڪ ڪرو تاثر تتي ويندو آهي. انسان جي اندروني ڪيفيت سماجي تضادن کان انهن وجودن متعلق منفي بہ ٿي ويندي آهي. مثال طور مان ڪنهن پراڻي ڪمري ۾ جنهن جي زبون حالي جن ۽ ڀوتن جو تصور ڏئي ٿي، جيڪڏهن ان ڪمري ۾ مان پنهنجي محبوب جو انتظار ڪندو هجان ۽ منهنجو محبوب ان ڪمري ۾ مون سان هلندو رهي تہ يقينا ان ڪمري جي اها زبون حالي منهنجي زندگي جو دلچسپ ناوليٽ حصو بڻجي ويندي ۽ مان جتي بہ اهڙي ڪمري کي ڏسندس تہ بجاءِ خوف کائڻ جي مان پنهنجي ماضي جي ان مليل سرور کان هڪ دفعو ٻيهر حض محسوس ڪندس. اهڙي طرح مان جيڪڏهن ڪنهن شاندار محل ۾ بند موت جو انتظار ڪندو هجان تہ يقينا اهڙي نوعيت جي عمارت منهنجي نفسياتي تسڪين جو مڪمل سبب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٿي سگھندي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪو مون کان پڇي تہ ان زبون حال ڪمري کي حسين ڪيئن سمجھيو ۽ ان عاليشان عمارت کي بدصورت ڇو؟ تہ مون وٽ ان لاءِ ڪوبہ دليل نہ هوندو سواءِ ڪيفيت بيان ڪرڻ جي. جيڪڏهن مان دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس تہ ان جي شڪل محض اضافي هوندي. بس هي زوايا اجان محسوسات جي ڪيفيت ڪان شعوري ناپختگي جي ڪري دليل جي دائري ۾ نہ پهچي سگھيا آهن. البت انهن جا پتا معيار ثابت ڪن ٿا تہ هي فطرت جو صرف خارجي ڪردار نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ڏاهو حسن جي.اهڙي محسوسات کي روحاني ۽ وجداني سبب قرار ڏئي تہ ان کي ان سچائي کي بہ سامهون رکڻو پوندو تہ ڇو ”وحشي دور“ ۾ اک جي رپورٽ کان انسان جي اندروني ڪيفيت حسن جي احساس کان متاثر نہ ٿيندي هئي. منهنجي چوڻ جو مطلب هي آهي تہ انسان جڏهن وحشي دور جي زندگي گذاريندو هو تہ ان وقت هن وٽ حسن، موسيقي يا محبوب جي اضافي حيثيت جو قدر تہ ڇا پر جنسي استعمال ۾ جوان ۽ پوڙهي ۾ جمالي تميز ڪرڻ جي بہ صلاحيت نہ هئي. تہ پوءِ ڇا ائين سمجھڻ گھرجي تہ ان وقت انسان کي روح نہ هو يا روح بہ سماجي حالتن ۾ شعوري ارتقا سان گڏ ارتقا ڪندو آيو ۽ پنهنجي ذات ۾ شروع کان مڪمل نہ هو؟ بلڪ فن ۽ فنڪار جي نسبت سان ترقي ڪرڻ لڳو يا مڪمل ٿيڻ لڳو. جيڪڏهن ڪو فنڪار پاڳل ٿي وڃي، تہ ائين چوڻ جي بجاءِ تہ هو شعوري صلاحيتون وڃائي ويٺو آهي يا ائين چئون تہ هن جو روح مغلوج ٿي ويو آهي. شعوري صلاحيتن وڃائڻ کان پوءِ فرد ۾ جيڪڏهن روح نالي ڪا قوت موجود آهي، جيڪا وجدان بہ ڪري ٿي تہ پوءِ هوءَ فرد جي غير شعوري حالتن ۾ حالتن کي سنڀالي ڇو نہ ٿو وٺي؟ پاڳل جي حرڪتن کان اهڙو تاثر نہ ملندو آهي، جنهن کان هي تعين ڪري وٺجي تہ هن ۾ روح جي ڪا وجداني بصيرت باقي آهي، جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي مثبت رهنمائي ڪندي هجي. دراصل هي سڀ علامتون شعور جون آهن، جيڪو خود پنهنجي جوهر ۾ مثبت سان گڏ منفي جذبن جو به استعمال ڪري ٿو. ڪنهن ڏاهي جي چوائي ته حسن جي اندروني ڪيفيت ان وقت سماجي روپ اختيار ڪيو، جڏهن سماج ۾ ستر پوشي جو رواج جنم ورتو ۽ ان مخصوص جنسي عضوي جي پوشيده ٿيڻ ڪان جيڪو جنسي هيجان پيدا ٿيو، اهو لا شعوري طور انسان جي ٻين حصن ڏي منتقل ٿي ويو. جنهن ڪان شاعري، ادب ۽ مصوري وجود حاصل ڪري ورتو.

پر مان ڏاهي جي ان خيال کي وڌيڪ وسعت ڏيندي هي واضع ڪندس ته انسان جو هي جذبو صرف اکين ۽ وارن ڏي منتقل نه ٿيو بلڪ هي پوري خارجي اشياءِ ۾ منتقل ٿي ويو ۽ پنهنجي وڃايل خوابيده جنسي دنيا کي لاشعوري طور تلاش ڪرڻ لڳو. اهو ئي سبب آهي ته جڏهن اسان ڪنهن خارجي اشياءِ ڪان سرور حاصل ڪرڻ لڳندا آهيون ته ان لاءِ دليل قائم نه ڪري سگهندا آهيون، ان ڪري جو هيءَ اهڙي وڃايل خوابيده حقيقت آهي، جنهن جي تلاش ۾ لاشعوري طور حض سمايل آهي. حقيقت هي آهي ته انسان ڪائنات ۾ هر لحاظ ڪان پاڻ کي تلاش ڪندو آيو آهي. جيئن عشق لاءِ، جنهن کي مان چوندو آهيان ته عشق انساني جذبن جو شعوري حالت ۾ ايبنارمل ٿيڻ جو نتيجو آهي. اهڙي طرح ڪائنات ۾ پنهنجي انفراديت جو تحفظ تلاش ڪرڻ فرد جي لا شعوري ضرورت آهي. باقي رهيو سوال ته انسان پاڻ کي تلاش ڪرڻ ۾ خارجي اشياءِ جي ورهاست ڪهڙي جذبي ڪان ڪئي آهي. هي سفيد کي ڪاري ڪان بهتر ڇوٿو چئي، ستر پوشي جي سماجي عمل ڪان جنسي تڪميل ۾ صوروتون هڪ ڪريون ڇو محسوس نه ٿيون ٿين؟ ان تضاد جو ڪهڙو پسمنظر آهي. منهنجي خيال ۾ جڏهن انساني ساخت ۾ فطرت کي شعور مليو ته انسان پنهنجي ماضي ۽ مستقبل ڪان بي خبر هجڻ جو اداراڪي ازالو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ورتو، جيڪي نامڪمل حالت ۾ موجود هئا. نتيجتا وجود جي تلاش هن جو الميو بڻجي وئي ۽ اهڙي تلاش ۾ روشني اونده کان ۽ بلندي هيٺائين کان وڌيڪ معاون ثابت ٿي جنهن کان عام سماجي رشتن جو انتخاب به ان شڪل ۾ جڙڻ لازمي ٿي ويو ۽ ڪاري کان اڇو بد ڪردار کان باڪردار سواءِ ڪنهن جاگرافي يا حادثاتي سبب جي وڌيڪ معياري ٿيڻ لڳا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇهين حس جو طبعي پسمنظر

ڪائنات جي اسرارن متعلق ڪا قطعي راءِ قائم ڪرڻ، ته ڪائنات جي ابتدا ۾ مقصديت ڪهڙي آهي يا روح ۾ خدا ڇا آهن، ڪجهه وقت کان پهريون ٿو لڳي. مان خود به اهڙن موضوعات جي متعلق پنهنجي راءِ رکندو آهيان، ۽ ڪافي حد تائين ان کان مطمئن هوندي به مان نه صرف ذهني بلڪه نفسياتي طور به ان کي قطعي محسوس نه ڪندو آهيان.

ان ڪري جو زندگيءَ ۾ ڪافي اهڙا واقعا درپيش اچن ٿا، جيڪي، جيڪڏهن مافوق الفطرت نه به چئجن، تڏهن به انهن جي توجيهه عام فلاسافي يا هلندڙ مادي قانونن کان نه ٿي ڪري سگهجي. تنهنجي ڪري اهڙن آفاقي موضوعات متعلق انتهائي سنجيدگيءَ سان راءِ قائم ڪرڻ گهرجي.

جيئن ڇهين حس جو موضوع آهي. جنهن کان مستقبل جي آگاهيءَ جو ڪڏهن ڪڏهن احساس ٿيندو آهي. ڪجهه وقت پهريون ان موضوع متعلق ڪافي لکيو ويندو هو، ۽ ماڻهو ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان پڙهندا هئا. پر خبر نه آهي الائي ڇو، اهڙي پراسرار موضوع متعلق ڪافي مانار ٿي وئي آهي.

مان سمجهان ٿو ته مستقبل جي آگاهيءَ جو احساس، سٺ ورهين جي عمر وارزي انسان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو يا ڪجهه وڌيڪ دفعا ضرور ٿيو هوندو. توهان جي نجي زندگيءَ ۾ به توهان کي اهڙا تجربا ضرور ٿيا هوندا، جن کي توهان حسن اتفاق سمجهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرانداز ڪري ڇڏيو هوندو، يا فرائيڊ جي نفسيات ڪان ان جي توجيهه ڪري ڇڏي هوندي ۽ يقين ايئن پڙهڻ ڪان پوءِ به توهان ايئن ڪيو هوندو ته فرائيڊ خود به اهڙن تجربن جي ڪا نفسياتي توجيهه نه ڪري سگهيو آهي، جيئن شخصيت جي تبديلي، يا هڪ فرد جي وجود ڪان مختلف شخصيتن جو اظهار يا جبلت موت جي متعلق ته انسان موت جي خواهش جبلي طور رکي ٿو.

تنهنجي ڪري بهتر آهي ته مسئلي کي چڱيءَ ريت سمجهڻ گهرجي ۽ هن جي خفيه پهلوءَ جي امڪاني وجود کي، ڪنهن نظرياتي .پريشر يا نفسياتي نرگسيت جو شڪار ٿي، نظر اندا نه ڪرڻ گهرجي.

ڇهين حس جنهن ڪان مستقبل قريب جي اوچتو ۽ غير مبهم حالتن ۾ آگاهي ٿئي ٿي، اهڙن انساني تجربن تي مان خود يقين نه ڪندو هوس، پر ڇا ڪجي جڏهن مان خود اهڙن تجربن مان گذريس ته منهنجي حيرت جي انتها نه رهي، ۽ مان اداس زندگي گذاريندو رهيس، ان ڪري جو مان اهڙي آگاهيءَ جي ڪا به نفسياتي توجيهه نه ڪري سگهيو هيس. اهڙن تجربن ڪان پوءِ هيءَ ڪائنات مون کي پهريون ڪان وڌيڪ پراسرار محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ مان هميشه ان تلاش ۾ غرق رهيس ته اصل حقيقت ڇا آهي؟

پر هڪ رات هڪ اوچتي خيال اچڻ ڪان، مان نفسياتي طور ان سچائي سان پاڻ کي ڪافي ويجهو محسوس ڪيو. مون کي واقعات جي هڪ اهڙي ڪڙي نظر آئي، جنهن ڪان ڇهين حس جي اوچتو بيدار ٿيڻ جا نفسياتي سبب واضع ٿيا پئي، پر ان ڪان پهريون جو اسان، ان نفسياتي پهلوءَ جو ڪو سائنسي تجزيو ڪريون، مان ضروري ٿو سمجهان ته پنهنجي نجي زندگيءَ جا پراسرار واقعا توهان جي سامهون پيش ڪريان. جيئن توهان به واقعات جي تسلسل ۾ ڪا علمي راءِ قائم ڪري سگهو.

مان اڄ به سوچيندو آهيان ته ان انجيڪشن هڻڻ لاءِ ڊاڪٽر کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇو نہ روڪيم. منهنجو والد صاحب ڪافي وقت کان دمہ جو مريض هو ۽ حسب دستور ساڳيو ڊاڪٽر ساڳئي رنگ جو انجيڪشن روزانہ هڻندو ايندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن اها ساڳئي رنگ جي انجيڪشن ڊاڪٽر هڻڻ لاءِ تيار ڪري رهيو هو، تہ ڪنهن اڻ ڏٺيءَ قوت مون کي اڪسائڻ شروع ڪيو، تہ اها انجيڪشن نہ لڳڻ گهرجي، ۽ جيئن جيئن انجيڪشن لڳڻ جو مرحلو ويجهو ٿيندو ويو. تيئن تيئن ان پراسرار قوت جي اڪسائڻ جي شدت بہ تيز ٿيندي وئي. بس مان سماجي دٻاءَ کان ڪابہ عملي مداخلت نہ ڪري سگهيس، ۽ انجيڪشن ري ايڪش ڪيو. ۽ منهنجو والد وفات ڪري ويو.

مان پنهنجي ماضيءَ ۾ اهڙن نفسياتي اسبابن جي ڪافي تلاش ڪئي، پر مون کي ڪابہ اهڙي صورتحال يا واقعو نظر نہ آيو. جنهن کان منهنجي تسلي ٿي سگهي.

اهڙي طرح منهنجو هڪ ويجهو عزيز، جنهن ان ڏينهن کان بيمار ڏسي ويجي گهر ستو هيس. سياري جي موسم هئي تقريبن رات جي ٽئين بجي مون کي اوچتو جاڳ ٿي، مان پنهنجي ڪنن ۾ بلڪل ويجهو ڪنهن پراسرار ساز جو هلڪو آواز ٻڌو، مان بغير سوچڻ جي پنهنجو پاڻ ايئن محسوس ڪيو تہ هي ڪنهن روح جو آواز آهي. بس ايئن سوچڻ سان مون کي اوچتو خيال آيو تہ منهنجو اهو بيمار مائٽ گذاري ويو، ۽ صبح خبر پئي تہ واقعي هو رات جي ٽين بجي گذاري ويو.

۽ تازو تيرهين جنوري ڇهانوي، جي واقعي ان پراسرار حقيقت جي ڪنهن حد تائين مون کي عقلي طور ويجهو آڻي ڇڏيو، ڇا ٿيو جو اسان جو هڪ پوڙهو دوست جيڪو هاري تحريڪ سان وابستہ رهي چڪو هو، ڪافي وقت کان بيمار هو، ان جي تڪليف جي شدت ۽ عمر جي تقاضا کي ڏسي سيئي دوست ان راءِ جا ٿي چڪا هئا سي تہ، بهتر آهي تہ ڪامريڊ گذاري وڃي. تيرهين جنوري رات جو مان خواب ۾ ان دوست کي اڌ عمر ۾ ڏٺو، هو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجيب پوشاڪ ۾ هو ۽ اسان جي گهرن جي اڳيان روڊ تي پراسرار طور سان گهمي رهيو هو. هن جي چهري ڪان ڪوبہ تاثر نہ پئي مليو، مون کي اوچتو جاڳ ٿي وئي ۽ مان فوري طور ايئن محسوس ڪيو تہ هي ڪامريڊ جو روح هيو. هاڻي مون کي ماضيءَ جي تجربن کان واضع طور هي محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڪامريڊ اڄ گذاري ويو. صبح سان خبر پئي تہ ڪامريڊ زنده آهي، پر مان اهڙي امڪان کي الائي ڇو نظرانداز نہ پيو ڪري سگهان، ۽ ٽين ڏينهن جو خبر پئي تہ ڪامريڊ گذاري ويو.

ان تجربي کان پوءِ مون کي اوچتو پنهنجي ماضيءَ جو هڪ خوف ناڪ واقعو ياد اچي ويو ۽ واقعات جون سڀ ڪڙيون هڪ ٻئي سان ملنديون نظر آيون. هي ان دؤر جو واقعو هو جڏهن مون کي ”ڇهين حس“ جو ڪوبہ تجربو ٿيل نہ هو.

منهنجي ڏاڏي مون کي پنهنجي ملڪيت جو وڏو حصو ڏيڻ تي آماده ٿي وئي هئي، ۽ مان پنهنجي ويجهي شهر ۾ اهڙا ڪاغذ وجي تيار ڪرايا، ۽ قلم ڏسڻ جي شوق ۾ ’سب رجسترار‘ کي جيڪو هلڻ لاءِ تيار هو، دانستہ ليٽ ڪرائي اتي رهي پيس، ۽ رات جي ٽين بجي منهنجي ڳوٺ کان ڳاڏي آئي جنهن تي هڪ ماڻهو وينل هو، هن مون کي ٻڌايو تہ تنهنجي ڏاڏي گذاري وئي، منهنجي ڏاڏي جي گذاري وڃڻ کان نہ صرف مون کي روحاني صدمو ٿيو، بلڪہ منهنجي ملڪيت بہ مون کان کسجي وئي، جنهن کان پوءِ مان ڪافي وقت تائين شديد ذهني پيڙا جو شڪار رهيس. ڪجهہ اوچتو ٿي وڃڻ جو خوف هميشہ منهنجي ذهن تي حاوي رهيو، مان سمجهان ٿو تہ ان امڪاني خوف جي ڊگهي پريڪٽس منهنجي ذهني نظام جي ان خفيہ حصي کي بيدار ڪري ڇڏيو، جنهن کان مون کي مستقبل قريب جي آگاهي ٿيڻ لڳي.

حاصل مقصد تہ زندگيءَ جي هڪ تلخ تجربي کان اسان جي ذهني نظام، جو دفاعي ڪردار، ڇهين حس جي شڪل ۾ بيدار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي ٿو. بلڪل ائين جيئن لاشعور، خطري ۽ نقصان جي پهلوءَ کان عجيب قسمن جي حرڪتن کان، شعور کي آگاهي ڪرائي ٿو، ۽ غير ارادي طور شعور کان اهڙيون حرڪتون ڪرائيندو آهي، جنهن کان فرد جي ذات ڪنهن وڏي نقصان کان بچي ويندي آهي پر مستقبل جي آگاهي واري صلاحيت، لاشعوري صورتحال واري نه آهي، هيءَ حيثيت لاشعور کان وڌيڪ پراسرار ۽ وڌيڪ بهتر صلاحيتن جي مالڪ محسوس ٿي رهي آهي، ۽ ساڳئي وقت حياتياتي اصولن جو لا شعور جيان مستقل حصو به نه آهي، بلڪ هيءَ ڪن خاص سببن ۽ واقعن کان پوءِ ڪن مخصوص حالتن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿي. جيئن مان مٿي بيان ڪري آيو آهيان ته فرد جڏهن زندگيءَ جي خوفناڪ تجربن مان گذري ٿو، ۽ ڪجهه ٿي وڃڻ جي امڪاني خوف جو مستقل شڪار رهي ٿو، جيڪڏهن اهڙي فرد ۾ ٻهريون کان ذهني صلاحيتون مستحڪم آهن، ته ان ۾ يقينن ”ڇهين حس“ جيڪا هن جي ذهني دنيا جو ٻهريون کان خفيه حصو بڻيل آهي، عملي طور ڪن مخصوص حالتن ۽ ڪيفيتن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لڳي ٿي.

خصوصا ”ٻه ايواني دماغ“ متعلق جديد تحقيقات کان پوءِ ڇهين حس جي پراسراريت کي وڌيڪ بهتر حالت ۾ سمجهي سگهجي ٿو، ان رپورٽ کان هيءَ سچائي واضع ٿي وئي آهي، ته ”ٻه ايواني دماغ“ جي کاٻي حصي جو ڪردار، حسي رپورٽ کان سواءِ ماحول کي سمجهڻ ۽ نتيجن ڪڍڻ جي خود ڪار صلاحيت رکي ٿو، خصوصن رات جي انڌيري، شڪار جي دوران يا جنگ ۽ افراتفريءَ واري ماحول ۾، کاٻو دماغ فرد جي رهنمائي بظاهر غير طبعي حالتن جي شڪل ۾ ڪري ٿو. ڇا ان لحاظ کان هي سمجهڻ به گهرجي ته کاٻو دماغ مٿي بيان ڪيل حالتن ۽ ڪيفيتن ۾، مستقبل قريب جي آگاهي ڪرائڻ جي صلاحيت رکي ٿو؟

مان سمجهان ٿو ته مستقبل جي آگاهي ۽ خطري جي احساس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيارڻ ۾ ڪافي فرق آهي تنهنجي ڪري ڇهين ح جو دائرو ايجان ذاتي تجربن ڪان سواءِ ڪا طبعي حقيقت نہ بڻجي سگهيو آهي، ان لحاظ ڪان اسان ڇهين حس جو فڪري تجزيو منطقي حوالي ڪان ڪنهن حد تائين ڪري سگهون ٿا.

جيڪڏهن ڇهين حس جو ڪو معقول حياتياتي سبب سامهون نہ ٿو اچي ۽ زندگيءَ ۾ هن جي ڪردار جو جيڪڏهن تعين ٿئي ٿو، تہ پوءِ يقين اسان جي مستقبل جو پهريون ڪان جڙيل ڪو مادي وجود آهي. ڇو تہ هڪ شيءِ جيڪا جڏهن پهريون ڪان موجود هوندي، تڏهن ڇهين حس اسان کي ان جي آگاهي ڪرائي سگهي ٿي. ڇو تہ ڇهين حس اسان جو مستقبل خود نہ ٿي ناهي، بلڪ پهريون ڪان موجود ڪنهن وجود جو احساس ڏياري ٿي. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اسان جو مستقبل ڪائنات جي ڪهڙي حصي ۾ ۽ ڪهڙيءَ ڪيفيت ۾ پهريون ڪان موجود آهي، جنهن جي آگاهي ٿئي ٿي.

ان لحاظ ڪان مسئلو بي انتها پراسرار ٿي وڃي ٿو. يعني اسان سان زندگيءَ ۾ جو ڪجھ پيش اچي ٿو، اهو پهريون ڪان نہ صرف جڙيل آهي بلڪ طيءِ ٿيل بہ آهي. اسان کي اهو ڪجھ ڪرڻو آهي يا ٿيڻو آهي، جيڪو اسان جي متعلق پهريون ڪان موجود آهي. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هي واقعات جو سارو عمل جيڪڏهن پهريون ڪان موجود ۽ تصفيہ ٿيل آهي تہ پوءِ هن زندگي گذارڻ جو بيهر تجربو ڇا لاءِ ٿي رهيو آهي، ڇا زندگيءَ جو سڄو اسرار هڪ طيءِ ٿيل فارمولا تي بيهر پريڪٽس ڪرڻ جو سبب آهي؟

جنهن کي اسان ماضي چئون ٿا، اهو رفتار ۽ فاصلي جي عمل ۾ واقعات جو هڪ اهڙو تسلسل آهي، جنهن کي صرف انسان جو ذهن رڪارڊ رکي ٿو ۽ ان جي افاديت ڪان آگاهي بہ حاصل ڪري ٿو. پر مستقبل اسان جي رفتار، فاصلي ۽ تجربن ڪان سواءِ پهريون ڪان موجود هجڻ گهرجي، يعني هن جو وجود طبعي حالتن جو نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. بلڪ هو طبعي ٿي رهيو آهي، ڇو ته ڪوبه واقعو ”مادي لوازمات“ کان سواءِ جڙي نه ٿو سگهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن اسان جو مستقبل پهريون کان جڙيل آهي، ته پوءِ يقينن هيءَ هلندڙ زندگي پنهنجو بيهر ڪردار ادا ڪري رهي آهي. يعني هيءَ زندگي وڊيوڪيسٽ جيان بيهر پلي ٿي رهي آهي، خود جوهر نه آهي. حقيقي زندگي اسان پهريون کان گذاري چڪا آهيون.

۽ جيڪڏهن ايئن نه آهي ته پوءِ يقينن ڇهين حس ۽ پامسٽري غلط آهن. اسان جو مستقبل، اسان جي عمل کان جڙي رهيو آهي، هو واقعات جي شڪل ۾ پهريون کان موجود نه آهي.

تنهن جي ڪري اهڙن پراسرار واقعن جا سبب ٿي سگهن ٿا، جنهن جي تلاش ڪرڻ گهرجي، البته اهڙي تلاش جو سلسلو مذهب کان جاري نه ٿو رکي سگهجي، ان ڪري جو هو محدود دائري ۾ پنهنجو آخري فيصلو ڏئي چڪو آهي ۽ پنهنجي بنياد کان هٽڻ لاءِ تيار نه آهي. پر تصوف وارا ڪجهه وڌيڪ بهتر حالت ۾ مسئلي جو تجزيو ڪن ٿا، پر هن وٽ خدا جو وجود محبت جي شڪل ۾ پهريون ۽ عقل جي شڪل ۾ پوءِ واري حيثيت ورتل آهي، تنهنجي ڪري هن جو موضوع ناوليت جذبن جو وڌيڪ شڪار ٿيل آهي.

جيڪڏهن مسئلي کي ڪجهه حقيقت پسندي جي حالت ۾ سمجهڻو آهي ته پوءِ ان جو هڪ معياري پهلو هي به ٿي سگهي ٿو ته اسان جو مستقبل پهريون کان تصور جي شڪل ۾ موجود آهي، جيڪو تسلسل جي حالت ۾ مادي وجود حاصل ڪري رهيو آهي يا اسان ڪنهن پراسرار هستيءَ جو اهڙو تصور آهيون، جيڪو مادي شڪل وٺڻ جي خصوصيات پهريون کان پنهنجي ذات ۾ رکي ٿو. جنهن لاءِ اسان وٽ ڪو واضع ثبوت نه آهي. بهرحال هيءَ ڪائنات ايتري پراسرار واقعي آهي، جنهن متعلق ڪوبه قطعي فيصلو ڪرڻ وقت کان پهريون ٿيندو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خدا، انسان ۽ جبلت

مستحڪم ۽ اعليٰ معاشرو، سائنس ۽ فلاسافيءَ جي مطالعي ڪرڻ ڪان سواءِ نہ جڙندو آهي. پر جيئن تہ سادي ۽ پوئتي پيل معاشري جا فرد، عمومن نـوس موضوعات جي مطالعي ڪرڻ ڪان بور ٿـبندا آهن. جڏهن تہ بوريت هڪ پهلوءَ ڪان ڪاميابين جو سبب بہ بڻيل هوندي آهي. دنيا ۾ اهي فرد ۽ قومون پنهنجي نصب العين ۾ ڪامياب ويا جن بوريت کي قبول ڪيو. پر ساڳئي وقت هن حقيقت ڪان بہ انڪار نہ آهي، تہ سادي ۽ پوئتي پيل معاشري جي فردن کي نـوس موضوع جي مطالعي ڪرڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ ڪهاڻيءَ جو سهارو بہ ونـٽو پوي ٿـو، ڇـو تہ ڪهاڻي بہ دراصل هن گوناگون پٿـريلي فطرت جي پراسرار ۽ نـوس اصولن جي پسمنظر ۾ انسان جي جذبن جي اهڙي ترجماني آهي، جيڪا اسان جي ذهن کي مجبور ڪري ٿـي تہ اسان هن ڪائنات جي اصل مقصد کي ناوليٿ شڪل ۾ ادراڪ ڪريون ۽ پنهنجن ناڪامين ۽ محرومين کي بہ مقصد جو حصو سمجهون ۽ هي محسوس ڪريون تہ نـوس حقائق جي پويان پوشيده انساني الميو اصل مقصد آهي. ذهني صلاحيتون تہ فطرت کي سمجهڻ لاءِ آهن، پر جيڪڏهن فطرت جي نـوس پن ۾ انسان جو جنسياتي پهلو حساس جذبن ڪان ڪهاڻيءَ جي شڪل ۾ نہ جڙيل هجي ها تہ يقينن معاشرو همدردي ۽ ايثار ڪان خالي هڪ اهڙي بي ڪيف حقيقت هجي ها، جنهن کي سمجهڻ لاءِ انساني ذهن آماده نہ ٿـئي ها.

تنهنجي ڪري اسان فلسفي جهڙي نـوس موضوع کي ڪهاڻي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شڪل ۾ پيش ڪريون ٿا.

”مان ننڍي هوندي هڪ بگهيڙ جو ٻچو ڏاريو هو، جڏهن شهر جون ميٺهون ان کي ڏسنديون هيون ته اهي ٺاهُ ڪائي ڀڄي وينديون هيون. ان وقت مونکي سمجهه نه ايندو هو ته ڪهڙن سببن ڪان هن ننڍي جانور ڪان ايڏي وڏي جسامت رکندڙ جانور خوف ڪائي رهيا آهن، انهن ڏينهن ۾ منهنجي هڪ دوست مون سان ڳالهه ڪئي ته، اسان جو ڳوٺ ريلوي بند جي لڳ آهي، هڪ دفعي چيا ٿيو جو، ريلوي جي لنگهڻ وقت اسان جي ميٺهن ۾ ڀڪرين اوچتو ٺاهه ڪاڏو، ۾ بي تحاشا ڀڄڻ لڳيون، جڏهن ته ريل گاڏ ون روز جي معمول مطابق گذرنديون هيون، پر ڀهريون ايئن ڪڏهن نه ٿيو هو. بعد ۾ خبر پئي ته ان گاڏيءَ ۾ سرڪس جا شينهن موجود هئا، جن جي بوءِ تي هو ٺاهه ڪائي ڀڄڻ لڳيون هيون. هي علم اسان کي ڀهريون ڪان هيو ته انهن جانورن ڪڏهن به شينهن نه ڏٺو هو، تنهنجي ڪري انهن کي شينهن جي ڏاڍي يا خطرناڪ هجڻ جو ڪوبه تجربو نه هو، ڇو ته سنڌ ۾ ڪافي وقت ڪان شينهن جي هجڻ جو ڪوبه سراغ نه پئي مليو. ان وقت اها ڳالهه اسان جي سمجهه نه پئي آئي ته ميٺهن کي ڪهڙي وسيلي ڪان خطري کي سڃاڻپ جو احساس ٿيو ۽ ڪهڙي جذبن ۽ ذريعن ڪان هنن پنهنجي حريف جي ڏاڍي هجڻ جو تعين ڪيو، البت ان تجربي ڪان اسان تي هي واضع ٿيو ته حيوان، جبلي صلاحيتن ڪان پنهنجي حريف کي سڃاڻڻ جي صلاحيت تخليقي حالت ۾ رکي ٿو، يعني هو اڻ سکيل حالت ۽ بغير تجربي جي اهڙي ڄاڻ رکي ٿو ته هي مون ڪان ڏاڍو آهي. اسان جي علم ۾ اها حقيقت به آهي ته بدڪ جو ٻچو ڄمڻ سان مڇر پڪڙڻ ۽ ترڻ سکيل هوندو آهي. جڏهن ته اهڙي سکيا ونڻ لاءِ هن کي نه گڙيچ ۾ وڃڻو پوندو آهي، نه يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺڻي پوندي اٿس. ان ننڍيءَ عمر ۾ محدود سوچ واري مرحلي ۾ اسان جڏهن جانورن جي پيٺ، پاڻ سان ڪئي ته اسان کي هنن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون ڪان طئي ٿيل صلاحيتن تي ريس اچڻ لڳي، ڇو ته انهن ذينهن ۾ اسان جا پيپر ڏاڏا ذڪيا ايندا هئا ۽ ڪاپيءَ جو رواج به نه هو، ۽ اسان جانورن وانگر، اڻ سکيل حالت ۾ ڪجهه به ڪرڻ جي صلاحيت نه پيا رکون، اسان کي سڀ ڪجهه سکڻو ٿو پئي، هر موضوع، تجربي، تربيت ۽ سمجهڻ ڪان پوءِ پنهنجي حقيقت اسان تي واضع ٿو ڪري. فطرت جي اهڙا بـہ رخائي ڪان اسان ايئن محسوس ڪيوسي ته اسان فطرت جي ارادي ڪان وجود ورتل نه آهيون.

بهرحال اسان ان مرحلي ۾ جانورن جي جبلي نظام ڪان، غير سائنسي .شڪل ۾ متاثر ٿي چڪا هئاسي، تنهنجي ڪري. اسان هڪ سادي شڪل جي جانورن جي معرفت سان ڪنهن، اڻ ڏني قوت ”خدا“ جي تلاش شروع ڪري ڏني. جيڪا سوچ هڪ لحاظ ڪان غلط نه به هئي، البته اسان جي تحقيقات واري شڪل ڪجهه سادي ضرور هئي. اسان هي سمجهي چڪا هيا سي ته جانورن ۾ ماحول کي سمجهڻ جون صلاحيتون تخليقي طور موجود آهن ۽ جبلت ۾ غلطي ڪرڻ جا امڪان به محدود آهن. تنهنجي ڪري اسان کي يقين ٿي ويو ته جانور ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ جبلي قوت جي ذريعي، خدا جي وجود کي ڏسي يا محسوس ڪري رهيا آهن. بس ان خيال جي اچڻ ڪان اسان جي دوستن جو تجسس انتها تي پهچي ويو ۽ اسان اهڙن جانورن جي تلاش شروع ڪري ڏني، جن جي روين ۾ اهڙا تاثر آسان ۽ واضع حالت ۾ ملن جيڪي ”خدا کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ واري ڪيفيت ۾ هڪ مخصوص رد عمل ڪان پنهنجو اظهار ڪندا هجن.

هڪڙن دوستن جو خيال هو ته جڏهن جانور بغير ڪنهن سبب جي ڊنل هجي، ۽ ڪيفيتي لحاظ ڪان هن ٌجي لونءَ ڪانداريل هجي، ته پوءِ هو يقين ان مرحلي ۾، خدا کي ڏسي يا محسوس ڪري رهيو آهي. ٻين دوستن جو خيال هو ته، اهو ڪيئن محسوس ڪجي، ته لونءَ ڪاندارجڻ جو سبب ڪا بيماري نه هجي، بهرحال


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي اهڙو جانور هٿ نہ اچي سگهيو جنهن جي جبلي صلاحيتن کان ڪنهن آفاقي هستيءَ جو تعين ممڪن ٿي سگهي. پر جيئن جيئن اسان ۾ شعوري پختگي ايندي وئي، تہ ان نسبت سان اسان جي سوچڻ جا زاويہ بہ تبديل ٿيندا ويا. اسان پهريون دفعو ايئن محسوس ڪيوسين تہ جبلت ۾ شعور جي نسبت غلطيءَ جا امڪان گهٽ ضرور آهن، بلڪ هيءَ پهريون ڪان طئي ٿيل دائري ۾ اهڙي حقيقت آهي، جيڪا پنهنجي مقرر ٿيل رينج کان ٻاهر ڪوبہ ڪردار ادا نہ ٿي ڪري سگهي. تنهنجي ڪري ڪنهن بہ آفاقي موضوع جي تعين ڪرڻ لاءِ جبلت شعور جي نسبت ڪمتر ذريعو آهي. تنهن ڪري اسان خدا جي تلاش شعوري ذريعي ڪرڻ لڳاسين، جنهن متعلق اسان جا بحث ڪجهہ هن نوعيت جا ٿيندا هئا.

هڪڙن دوستن جو خيال هو تہ، خدا کي پنهنجن مقصدن جي تڪميل خاطر، فطرت جي حمايت يا مخالفت جي ضرورت نہ هجڻ گهرجي، نہ هن جون گهرجون اينتري ڊگهي وقت تائين اڻ پوريون رهي سگهن ٿيون، تنهنجي ڪري اسان فطرت جي تخليق آهيون ۽ ان جي ڪنهن مبهم ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ مقصد جي تڪميل لاءِ ان جا آلہ ڪار بڻيل آهيون. اهو ئي سبب آهي تہ فطرت اسان کي وافر صلاحيتن سان نوازيو آهي. هن دوست جي خيال هو تہ جيڪڏهن اسان جي تخليق قانون فطرت مطابق نہ بہ هجي، البت منشاءِ فطرت ضرور آهي.

ٻين دوستن جو خيال هو تہ، اسان نہ خدا جا آلہ ڪار آهيون، نہ فطرت جي منشاءَ، البت اسان جي تخليق فطرت جي غلطيءَ ڪان وجود ورتو آهي. اسان فطرت جي اهڙي تخليقي غلطي آهيون، جيڪو خود فطرت کي پنهنجي منشا جي مطابق هلائڻ ٿي گهري. اهوئي سبب آهي تہ اسان فطرت جي عام قائدن جي خلاف ورزي ڪندڙ وجودي حقيقت آهيون. بهرحال اسان ڪافي وقت تائين پنهنجي موضوع متعلق ڪا معقول راءِ قائم نہ ڪري سگهيا سي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

البت اسان پنهنجي موضوع کي ان وقت نہ صرف وڌيڪ بهتر حالت ۾ سمجهڻ لڳاسي بلڪ ڪنهن حد تائين راءِ ڏيڻ جي صلاحيت بہ حاصل ڪري ورتي سي. جڏهن هڪ تحقيقاتي رپورٽ اسان جي مطالعي ۾ آئي جنهن ۾ واضع ٿيل هو تہ،

"هڪ اهڙو ٻار، جنهن کي مشيني گرميءَ ۾ پاليو ويو هجي، جنهن کي معاشري کان بلڪل الڳ رکيو ويو هجي ۽ هڪ خاص عمر کان پوءِ توهان هن کي معاشري ۾ ڪٽي اچو، تہ ڇا هو اهڙي صورتحال ۾ انساني معاشري سان مطابقت پيدا ڪري سگهندو؟ ان جو يقينن جواب نفيءَ ۾ ايندو، ان مان اسان هي اندازو آسانيءَ سان ڪري سگهون ٿا تہ دماغ جي "نمو" پيدائش کان پوءِ نہ صرف جاري رهي ٿي، بلڪ ڪيترا "خواص" تيستائين پيدا نہ ٿا ٿي سگهن، جيستائين ٻار گروهي معاشري جي سطح تي پرورش حاصل نہ ڪري، پيدائش کان پوءِ انساني ٻار جي شڪل ۾ جيڪا شيءِ دنيا ۾ اچي ٿي، اها "جنين" جي حالت ۾ هوندي آهي. ۽ هيءَ جنين معاشرتي انڪيوبيٽر ۾ ترقي ڪري ٿي، ۽ ان ج افزائش جو لازمي جزو آهي، جيڪڏهن انساني دماغ، معاشرتي تربيت کان سواءِ پنهنجي منطقي جسامت تائين پهچي وڃي تہ هو انساني دماغ نہ بڻجي سگهندو آهي ۽ ان جي اندر اها شيءِ پيدا نٿي ٿي سگهي جنهن کي "آءِ ڪيو" ذهانت چئبو آهي. تنهنجي ڪري انسان ۾ جبلت جي اها صورت هرگز نہ آهي جيڪا ٻين حيوانن ۾ ڪردار ادا ڪندي آهي، دماغ جي حوالي کان هي چوڻ درست ٿيندو تہ معاشرتي عوامل کان سواءِ انساني ذهن پنهنجي صورتگري بہ نہ ٿو ڪري سگهي. انسان سان مماثل يا انسان جي موجود شڪل جي ارتقائي ڪڙي "بوزنو" جي جبلت بہ انسان جيان هوندي آهي، بوزنو جيڪڏهن معاشري کان عليحده ڪري پاليا وڃن، تہ هنن جي سمجه ۾ ڪجه نہ ايندو تہ هاڻي هو ڇا ڪن؟ هو نہ ڇلانگ هڻي سگهندا آهن نہ وڻ تي چڙهي سگهندا آهن، نہ وڙهي سگهندا آهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نه ويڙهه مان جان ڇڏائي سگهندا آهن، بلڪ جوان ٿيڻ کان پوءِ
هو جنسي عمل به نه ڪري سگهندا آهن، ۽ هي سڀ ڪجھ سيکارڻ
لاءِ انهن کي فلم ڏيکاريا ويندا آهن.“

ان رپورٽ جي روشنيءَ ۾ اسان جيڪو نتيجو ڪڍيو، اهو
مختصر هيٺ ڏجي ٿو.

انسان جو ذهن حياتياتي اصولاً نه آهي ۽ نه انسان جون جبلتون
حيواني جبلتن سان مماثل آهن، يعني انساني وجود، ارتقا جي عمل
۾ حيواني سلسلي جي ڪڙي نه آهي. ان لحاظ کان ڊارون جو نظريي
ارتقا به متاثر ٿيڻ کان بچي نه ٿو سگهي. ان ڪري جو ”انسان“
پنهنجون ذهني صلاحيتون حاصل ڪرڻ کان پوءِ به نسلي طور منتقل
نه ٿو ڪري سگهي. هي ارتقا جي عمل ۾ ذهني صلاحيتن واري
جيڪا ورائتي منتخب ڪري ٿو اها حياتياتي روپ نٿي ڌاري
سگهي يعني هن جي ورائتي جي انتخاب ۾ مادي تسلسل نه آهي.
ڇو ته هن جي دماغ جي ”نمو“ پيدائش کان پوءِ نه صرف جاري
رهي ٿي بلڪ ڪيترا خواص تيستائين پيدا نه ٿا ٿي سگهن،
جيستائين ٻار گروهي معاشري جي سطح تي پرورش حاصل نه
ڪري، ان ڪري انسان جي ارتقا جو عمل عام مادي حالتن وارو نه
آهي. جيڪڏهن انساني نسل معاشرتي عمل ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ نه
سکي ها ته هو پنهنجي ذهني تجربن کي پنهنجي نسل ۾ منتقل نه
ڪري سگهي ها، ان جو هڪ مطلب هي به ٿيو ته انسان جي تهذيبي
نشونما جو ڪوبه مادي پسمنظر نه آهي. بلڪ تهذيب مادي دنيا کان
ورثي اسان جي تجربن جي اهڙي شڪل آهي، جنهن جو تحفظ مادي
حالتون خود نه ٿيون ڪن. جيئن حيواني معاشري جو ڪن ٿيون،
يعني اسان پنهنجن حاصل ڪيل اثاثن جا محافظ پاڻ آهيون.

جيئن انسان پهرين کان ماحول جي واقفيت نه ٿو رکي، جيڪا
حيثيت جبلي طور حيوان کي حاصل آهي، هي ماحول کي سماج
وجود ۾ رهندي تجربن کان ٿو سکي. سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو وجود پهريون ڪان ماحول ڪي سمجهڻ جي تخليق صلاحيت نہ ٿو رکي، ان جو ذهن سماجي تجربن ڪان ارتقا ڪري انهن سيني وجودن تي حاوي ٿي ٿو وڃي، جيڪي پهريون ڪان يا تخليقي طور ماحول ڪي سمجهڻ جي صلاحيت جبلي حالتن ۾ رکن ٿا. جيئن ”حيوان“. ان مان واضع ٿئي ٿو تہ جبلتون ميڪانزم جي اصولن مطابق هڪ اصول آهي، جيڪا جيتري بہ پهريون ڪان جڙيل آهي پنهنجي آخري عمل بہ ساڳي رهي ٿي، يعني هن ۾ آفاقيت نہ آهي، جنهن ڪان واضع ٿئي ٿو تہ ڪوبہ وجود جبلت جي ذريعي، ڪائنات، خدا يا ذات جي شعور جو ادراڪ نہ ٿو ڪري سگهي، ان ڪري جو هوءَ پنهنجي رينج ڪان ٻاهر ڪابہ حقيقت نہ آهي ۽ آفاقيت هن جي رينج جو حصو نہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان جون جبلتون حيوان جي نسبت ڪمزور آهن ۽ شعور فطرت جي لاڪ ٿيل دائري ۾ نہ آيو، يعني جيڪا هستي فطرت جي لاڪ ٿيل جبلي خول ڪان آزاد آهي اها ارتقا جي عمل ۾ وڌيڪ ۽ واضح حالت ۾ تيز رهي ٿي، جيئن انساني ذهن. ان جو هڪ مطلب هي بہ ٿيو تہ انسان شعوري ارتقا ڪان جيتري قدر فطرت ڪان آزاد ٿيندو ويندو، ان نسبت سان هو آفاقيت ڪي ويجهو ٿيندو ويندو.

جيئن رپورٽ ۾ بلڪ خود اسان جي تجربن ڪان بہ واضع آهي تہ انسان جون ذهني صلاحيتون، نسل جي ذريعي ايئن منتقل ٿيون ٿين، جيئن جانورن جون جبلي صلاحيتون نسلي طور منتقل ٿي رهيون آهن. جڏهن انسان جا دماغي خواص سماجي تجربن ڪان وجود حاصل ڪرڻ جي باوجود بہ هو فطري روپ اختيار نہ ٿا ڪن، تہ پوءِ محسوس ايئن ٿو ٿئي تہ هو فطري بڻجي جبلتن جي خول ۾ لاڪ ٿيڻ قبول نٿا ڪن، يعني هو فطرت جي بنيادي لائين ڪي منسوخ ڪرڻ ۾ پنهنجي ارتقا جي عمل ڪي وڌيڪ بهتر سمجهي رهيا آهن.

ڏسڻو ۽ سمجهڻو هي آهي تہ، فطرت جا هٿ، ڪاٿي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن، ڪنهن ۾ چو ڊراڪيا جو انسان فطرت جي عام جبلي اصولن ڪان آزادي حاصل ڪري ورتي جنهن ڪان ارتقا جو عمل وسيع دائري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لڳو، جيڪڏهن ايئن چئجي ته هي ڪرشمو پهريون ڪان موجود ڪنهن خدا جو آهي ته پوءِ صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ٿي وڃي ٿي، ان ڪري جو خدا جو تصور قادر مطلق هجڻ ڪان سواءِ منطقي شڪل جو نٿو جڙي سگهي، جڏهن ته هي تڪرار ۾ نتيجا هڪ ڊگهي عمل ڪان پوءِ بتدريج حالتن ۾ رونما ٿيل آهن جيڪي ڪنهن قادر مطلق خدا جو مظهر نٿا بڻجي سگهن، ته پوءِ چا ايئن سمجهڻ گهرجي ته لاڪ ٿيل جبلي خول ڪان ٻاهر نڪرڻ جو مقصد آفاقيت ڏي پيشرفت ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ به ٿي سگهي ٿو؟ اسان ڪي تجربو ٻڌائي ٿو ته، جڏهن انساني شعور فطرت جي لاڪ ٿيل جبلي دائري ڪان آزاد ٿي جيڪو ڪردار ادا ڪيو، اها آفاقيت جي تلاش هئي ان ڪري جو آفاقيت جي تلاش ڪان هن جي تجسس جي تڪميل ٿئي ٿي، انسان سڀ ڪان بهتر مسرت ان وقت حاصل ڪندو آهي جڏهن هو ڪا تخليق ڪندو آهي، يا ته ايئن سمجهڻ گهرجي ته آفاقيت جي تلاش خدا جي تلاش ڪان سواءِ ڪي ٻيا سبب به رکي ٿي، ان لحاظ ڪا ڏسڻو هي آهي ته فطرت ڪان حادثاتي شڪل ۾ ڪا اهڙي غلطي ٿي سگهي ٿي، جيڪا مستقل حالت ۾ پنهنجو تسلسل قائم رکي سگهي، بقول ڪانٽ ته ڪنهن اهڙي وجود جي تخليق حادثاتي طور ممڪن ٿي سگهي ٿي؟ جنهن ۾ شعور ذات جي صلاحيت به پيدا ٿي وڃي! جيڪڏهن نه ته پوءِ ايئن سمجهڻ گهرجي ته فطرت شعور جي تخليق ڪان سواءِ پنهنجن اعليٰ صلاحيتن جو اظهار نه پئي ڪري سگهي يا ايئن چئجي ته فطرت پنهنجي سڌريل شڪل ۾ شعوري بڻيل آهي. بهرحال فطرت جي بي ڪيف دائري ۾ شعور جو نمودار ٿيڻ ڪنهن جي تلاش ضرور آهي، پوءِ ڀل اها تلاش پنهنجي ذات ڏي منتقل ٿيل چو نه هجي.

# وجودي فلسفي جو منفي پهلو

ابتدا کان وٺي هر دؤر ۾ انسان جي دلچسپي ۽ فڪري سوچ جو دائرو، نظريه ماديت ۽ تصوريت جي مروج شڪلين تائين محدود رهيو آهي. انسان جي فڪري انتخاب جون هي ٻه شڪلون، پنهنجي مرڪزي خيال تبديل ڪرڻ کان سواءِ، صرف اصطلاحن ۽ معنائن ۾ دلڪش تبديلين کان انساني معاشري کي تشفي ڪرائڻ جو سبب پئي رهيون آهن.

انسان جي معاشرتي ارتقا جو سڀ کان وڏو الميو هي آهي ته، اڄ به انسان جا فڪري زاويه انهن پنهي مرڪزي خيالن کان سواءِ، ڪا ٽئين شڪل اختيار نه ڪري سگهيا آهن. ان تسلسل کان جيڪا ڳالهه تشويش جو باعث بڻيل آهي، اهو هي محسوس ڪرڻ آهي، ته ڇا انسان جي تخلياتي رينج به سنڌس حسي رينج جيان هڪ مقرر سرڪل، کان ٻاهر ڪوبه وجود نه ٿي رکي؟ جيئن ته انسان جي تخلياتي سگهه انهن ٻنهي تصوراتي زاوين يعني روح ۽ مادو، خدا يا فطرت، ماديت يا تصوريت کان سواءِ ڪو ٽيون رخ اختيار نه ڪري سگهي آهي. تنهنجي ڪري ان امڪان کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي ته حقيقت ڪنهن ٽئين رخ ۾ موجود هجي، جنهن کي وجدان ڪرڻ جي صلاحيت انسان جي تخلياتي ساخت ۾ تخليقي طور موجود ئي نه هجي. اهو ئي سبب آهي ته اسان هزارن سالن جي ڪاوشن کان پوءِ به ڪنهن واضع نتيجي تي نه پهچي سگهيا آهيون ۽ نه مستقبل قريب ۾ اهڙي غير متوقع ڪاميابي نظراچي ٿي. جنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ انساني ذهن وڏيڪ سوال ڪرڻ ڇڏي ڏي. نتيجن اهڙين مسلسل ناڪامين جو منطقي نتيجو هي نڪتو ته نظريه وجوديت جيڪا دراصل هڪ پهلو ڪان انسان جي ناڪامين ۽ ٻئي پهلو ڪان انسان جي شخصيت ڪي يقيني خيال ڪري ٿي. معاشري ۾ مقبوليت جو سبب بڻجي وئي ۽ انسان پنهنجي ناڪام هجڻ جي يقين ڪان شخصيت جي مڪمل هجڻ واري دلاسي ڪي ڪافي نه سمجهندي ويڳاڻپ جو شڪار ٿي ويو.

حقيقت هي آهي ته نظريه وجوديت بنيادي طور ڪو مڪمل فلسفو نه آهي. بس هي هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ مختلف پس منظرن ۾ انسان جي احتجاج ڪرڻ جون مختلف فڪري شڪليون آهن. جڏهن فلسفي وجوديت، مذهب سان گڏ سائنس، فلسفي ۽ عقل ڪي به صداقت تي پهچڻ لاءِ ناڪافي سمجهيو، تڏهن هي شڪ نفسياتي روپ ۾ واضع ٿي ويو، ته انسان مايوس ٿي چڪو آهي. وجودي دانشورن هي واضع ڪري ڇڏيو ته زندگي هڪ لغو، واهيات ۽ بي مقصد عمل آهي ۽ هي ته انسان ڪڏهن به پنهنجي موضوع ۾ مڪمل نه ٿو ٿي سگهي.

البت هنن جو بنيادي خيال هي آهي ته، عقل ڪان نه بلڪ جذبن جي رهنمائيءَ ۾ ممڪن آهي، انسان حقيقتن تائين رسائي حاصل ڪري سگهي. هنن جو چوڻ آهي ته، ڪڏهن ڪڏهن انساني ڪيفيت اهڙي ٿي ويندي آهي، جنهن ۾ خارجي عمل تي داخلي ڪيفيت حاوي ٿيل هوندي آهي. هو هي سمجهن ٿا ته، ”نقاد“ جو تنقيدي جائزو ان جي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪان سواءِ ڪجھ به نه آهي. تنهنجي ڪري اصل حيثيت انسان جي داخليت آهي ۽ هي خارجي وجود صرف انسان جي داخليت جو نتيجو آهي. هنن جو خيال آهي ته عقل ان ڪري ناڪافي آهي، جو صداقت موضوعي آهي. ان خيال جي پيش نظر وجوديت پسند، مذهب سان گڏ سائنس ۽ فلسفي ڪي به نتيجن حاصل ڪرڻ ۾ آخري واٽ نه ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهن. وجودي نقطهٔ نظر کان فرد کي اهميت حاصل آهي. جيڪو پنهنجي ذات جي خول ۾ سڀ ڪجھ آهي. تنهن جي ڪري هو فڪر جو مرڪزي ڪردار پنهنجي ذات کان ٿا سمجهن. هنن جو خيال آهي ته عام شين يا مجموعي طور ڪائنات جي متعلق مثبت ۽ منفي جو معيار مقرر ڪرڻ لاءِ ڪسوٽي سندن ذات آهي، ان ڪري جو هي ايئن ٿا سمجهن ته هيءَ پوري خارجي دنيا سندن داخليت جو لازمي نتيجو آهي. هنن جي دعويٰ آهي ته نيڪي ۽ بدي بلڪ ڪوبه واقعو خارجي حقيقت نه آهي، بلڪ هيءَ ساري ڪرشمه سازي انسان جي داخليت کان ظهور ۾ اچي ٿي. هي معاشري تي واضع ٿا ڪن ته هو عقل جي ذريعي پنهنجي موضوع کي سمجهڻ چڏي ڏين. بلڪ جذبن جي وسعت ۾ پنهنجي زنده رهڻ واري انداز کي تلاش ڪري وٺن.

وجوديت هڪ پهلو کان انسان جي ناڪامين ۽ مايوسين خلاف هڪ نوعيت جي نفسياتي بغاوت به آهي. اهو ئي سبب آهي ته هيءَ ٻئي پهلو کان ڪابه تشفي نٿي ڪرائي. بس هنن جي انفرادي پهلو ان خيال کان مقبوليت حاصل ڪئي آهي ته هي سائنس ۽ فلسفي کي ناڪافي سمجهڻ کان پوءِ مذهب سان به سهمت نه رهي.

جيئن ته هن جا فيصلا عقل ۽ تدبير جي نسبت جذباتي وڌيڪ آهن تنهن جي ڪري هنن جي خلاف اعتراض به شديد قسم جا ٿيا آهن. "برٽينڊرسل" هنن جي ان دعويٰ جي خلاف، جنهن کان هنن خارجي دنيا جي وجود کان انڪار ڪندي چيو آهي ته هيءَ ساري ڪرشمه سازي انسان جي داخليت جو نتيجو آهي، ڳالهائيندي چيو ته،

بنيادي طور لفظ تصور، جنهن کان خارجي دنيا جي وجود کان انڪار مقصود هجي، هڪ بي ڪيف صورتحال کي وجود بخشي ٿي. تصور مان اسان جي مراد لازمي طور هڪ اهڙي شيءِ سان هوندي آهي، جيڪا ڪنهن نه ڪنهن جي ذهن ۾ موجود هجي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اسان کي چيو ويندو آهي ته ون مجموعي طور تصورات تي ٻڌل آهي، ته يقينا ون مڪمل طور ذهن ۾ هوندو. روزانو جي گفتگو ۾ اسان چوندا آهيون ته فلاڻي شيءِ اسان جي ذهن ۾ آهي. ته ان مان مطلب هي هوندو آهي ته ان شيءِ جو خيال اسان جي ذهن ۾ هوندو آهي، نه خود اها شيءِ، جيڪڏهن ڪو شخص چئي ته فلاڻو ڪم مون کي پورو ڪرڻو هو، پر منهنجي ذهن مان نڪري ويو ته ان جو مطلب هي هرگز نه هوندو آهي ته اهو ڪم ڪڏهن ان جي ذهن ۾ اندر سمايل هو. بلڪ هي ته ان ڪم جو خيال ذهن ۾ هو، جيڪو بعد ۾ نه هو. تنهن ڪري جڏهن هي چيو وڃي ته ون کي سمجهڻ لاءِ ان جو ذهن ۾ هجڻ ضروري آهي ته دراصل ايئن چوڻ جو حق صرف ايترو آهي ته ون جو تصور منهنجي ذهن ۾ هجڻ ضروري هو. هي چوڻ ته ون جو ذهن جي اندر هجڻ برابر آهي، ايئن چوڻ جي ته هو شخص جنهن کي اسان پنهنجي ذهن ۾ ياد رکون ٿا، خود اسان جي ذهن ۾ اندر موجود آهي.

برٽينڊرسل جي اهڙي تشريح کان هي واضح ٿئي ٿو ته اشياءِ جو خارجي وجود انسان جي داخليت جو نتيجو نه آهي بلڪ خارجي دنيا خود هڪ اٽل حقيقت آهي. جيئن مان پنهنجي هڪ مضمون "شڪ کان تصديق" ۾ هي واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن خارجي دنيا صرف اسان جي ذهن يا تخيل جو نتيجو آهي، ته پوءِ يقينا جنم جي انڌي جو، ڪائنات متعلق تصور به اهڙو هوندو، جهڙو بصيرت رکندڙ فرد جو آهي. ان ڪري جو ذهن ته جنم جي انڌي کي به آهي! پر تجربو ٻڌائي ٿو ته جنم جو انڌو ڪائنات جي شڪل جو تصور ايئن يا اهڙو نٿو ڪري سگهي، جيئن صاحب بصيرت ڪري ٿو. واضح ٿي وڃي ٿو ته ڪائنات يعني خارجي دنيا جو تصور صرف ذهن سان نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن خارجي دنيا اسان جي اندروني ڪيفيت جو محض نتيجو هجي ها، ته ان جي مشاهدي ڪرڻ لاءِ اکين جي ضرورت محسوس نه ٿئي ها. جيئن اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن خيالن ۽ خوابن کي جيڪي اسان جي تخيل جو نتيجو آهن. اکين کان سواءِ يعني ننڊ جهڙي حالت ۾ به ڏسڻ جهڙي شڪل ۾ محسوس ڪريون ٿا پر جنم جو انڌو خارجي دنيا ۾ موجود رنگن ۽ شڪلين جي تميز نٿو ڪري سگهي. ان ڪري جو خارجي دنيا خوابن ۽ خيالن جيان هن جي تخيل جو نتيجو نہ آهي.

اهڙي طرح وجوديت پسندن جي هيءَ دعويٰ تہ عقل ڪمتر آهي ۽ هي مسئلن کي سمجهڻ ۾ ناڪافي آهي متعلق هڪ ڏاهي جو خيال آهي تہ جڏهن هي چيو ويجي، تہ عقل مسئلن کي سمجهڻ ۾ ناڪافي آهي، تڏهن هي دراصل اها ڳالهہ خود عقل کان ٿا سمجهن. اهڙي صورتحال جي پيش نظر باقي ڪاب اهڙي شڪل نٿي بچي، جنهن جو تعين عقل کان سواءِ ممڪن ٿي سگهي.

وجودي فلاسافرن جي هيءَ دعويٰ بہ سمجھ کان مٿي بيٺي آهي، جڏهن هي معاشري تي واضع ڪن ٿا تہ هو عقل جي ذريعي پنهنجي موضوع کي سمجهڻ ڇڏي ڏين ۽ جذبن جي وسعت ۾ پنهنجي زنده رهڻ واري انداز کي تلاش ڪري سگهن، تہ نتيجو بنسبت عقل جي وڌيڪ خاطر خواه نڪرندو. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهڙي ڪا شڪل هن وقت تائين سامهون آئي آهي يا ممڪن ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ عقل ۽ فهم کان سواءِ محض جذبن جي تعاون سان زندگي جو مهذب ۽ ترقي پذير سماجي پهلو واضع ڪري سگهجي، جانورن جا سڀ نمونا جيڪي جبلي جذبن کان زندگي جو تعين ڪن ٿا ۽ ماحول کي جذبن جي مطابق سمجهن ٿا، اهي سڀ پنهنجي آزادي ۽ حيثيت انساني فهم جي اڳيان وڃائي چڪا آهن. ۽ هي عمل تہ انسان عقل جي ذريعي جذبن مطابق زندگي گذارڻ وارن حيوانن تي حاوي رهيو آهي. هزارن سالن تائين جاري رهيو آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ مستحڪم ٿيندو ٿو وڃي. ڇا اينتري واضع ۽ هزارن سالن تي پکريل تجربي جي موجودگي کان پوءِ بہ جذبن کي عقل ۽ فهم تي ترجيح ڏيڻ صرف جذباتي فيصلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ ٻہ نہ آھي. ڇا اسان جذبن جي ذريعي رياضي جو ڪو پيچيده سوال حل ڪري سگھون ٿا؟ يا جذبن ڪان سمنڊ جي گھرائي جو تعين ممڪن ٿي سگھي ٿو؟ يا تخليق جي عمل ۾ جھاز، ريڊيو ۽ ڪمپيوٽر اسان جي جذبن جو نتيجو آھن؟

حاصل مقصد تہ وجوديت جي فلسفي ڪنھن بہ صورت ۾ افاديت جو اظھار نہ ڪيو آھي. ھن جو زندگي کي لغو ۽ بي مقصد سمجھڻ يا عقل ۽ فھم تي جذبن کي ترجيح ڏيڻ ۽ مايوسي جي حالت ۾ خارجي حقائق ڪان انڪار ڪرڻ ۽ انسان جي شڪست کي يقيني سمجھڻ، ڪان واضع ٿئي ٿو تہ ھي نفسياتي طور فطرت ڪان جنگ ھارائي چڪا آھن. ھن جو خيال آھي تہ انسان پنھنجي موضوع ۾ مڪمل نٿو ٿي سگھي يعني ھي ڪھڙن بہ شرطن تي فنا جي عمل ڪان بچي نٿو سگھي. تنھن ڪري ھن کي گھرجي تہ ھي پنھنجن ڪاوشن ڪان خاطر خواه نتيجن جي توقع ڪرڻ ڇڏي ڏين.

اسان ڪين واضع ڪرڻ گھرون ٿا تہ معاشري کي چالو رکڻ لاءِ اميد، ڪان سواءِ باقي ڪابہ اھڙي صورت آھي، جيڪا مثبت ٿي سگھي. جنھن ڪان زنده رھڻ جي عمل کي خوش گوار بڻائي سگھجي. ڪجھ يقينا ٿي سگھڻ جي توقع ڪان انسان فطرت جي خلاف شعوري ڪاوشن کي جاري رکيو آھي ۽ ساڳئي وقت اھو ڇو قبول ڪريون تہ اسان يقينا شڪست ڪائينداسي ۽ اسان جو ھي لکين سالن تائين پکڙيل نوعي وجود ۽ ھي تخليقي جاکوڙ ھي محبتون ۽ روساما ۽ ھي ناوليٽ زندگي، ھي اداس راتيون ۽ زندگي جا پر مسرت لمحا سڀ خوامخواه ۽ لغو آھن. ان ساري تسلسل جو ڪو مقصد ئي نہ آھي جيڪڏھن مقصديت ڪان انڪار ڪرڻ تي اسان آماده بہ ٿي وڃون تہ پوءِ بہ اھڙي فڪري عمل جي وجود ڪان انڪار ڪيئن ٿا ڪري سگھون، جڏھن تہ اسان سمجھي چڪا آھيون تہ انسان جي فھم ڪيترن پھلوئن ڪان فطرت کي پنھنجن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهشن جي مطابق استعمال ڪرڻ سگهي ورتو آهي. ڇا اهڙي صورتحال جنهن ۾ فطرت اسان جي فهم کان شڪست کائي رهي هجي. اسان جي تشفي لاءِ ڪافي نه آهي. مون کي يقين آهي ته انسان جي ذهني تخليق کان تمام جلد خوشگوار ۽ ڪافي حد تائين فيصلہ ڪن نتيجا اسان جي سامهون ايندا.

## ارتقا ڪائنات جي پس منظر ۾:

فطرت، شعور ۽ ارتقا جي موضوع کي سمجهڻ ۽ ان کي اهڙي فڪري حالت ۾ پيش ڪرڻ جنهن کان موضوع پنهنجي آفاقي حيثيت ۾ وضاحت ڪرڻ لڳي، تمام گهڻ لکيو ۽ سيڪاريو ويو آهي. جنهن جو لازمي نتيجو هي نڪتو ته عام ماڻهن کان سواءِ ڪيترن ليکڪن ۽ ترجمي نگارن جا اهڙن موضوعن متعلق سوچڻ ۽ سمجهڻ جا انداز هڪ ڪرا نه رهيا. هڪڙن جي دعويٰ هئي ته فطرت ازلي قانون آهي، جيڪو ڪهڙيءَ به حالت ۾ تبديل نه ٿو ٿي سگهي. جڏهن ته ڪيترن ڏاهن جو خيال آهي ته فطرت تبديل ٿيندڙ عمل آهي. جيئن وحشي انسانن جي فطرت تبديل ٿي مهذب روپ اختيار ڪيو آهي. اهڙي طرح ارتقا جي متعلق به ڏاهن جا رايا مختلف نوعيت جا آهن، هڪڙن جو چوڻ آهي ته ارتقا محض تبديليءَ جو نالو آهي ۽ ٻين جو خيال آهي ته ارتقا اهڙيءَ تبديليءَ کي چئبو آهي، جيڪا پنهنجي پهرين حالت جي نسبت ۾ اعليٰ ورائٽي جو انتخاب ڪري. هڪڙن جو چوڻ هي به آهي ته فطرت پنهنجي وجود ۾ هڪ ڪري آهي، بس ڪائنات ۾ صرف انساني شعور اهڙو رد عمل آهي جيڪو فطرت جي عام قائدن سان مطابقت نه ٿو ڪري، جنهن جي ڪري صرف انساني شعور ڪائنات جو واحد ڪردار آهي جيڪو ارتقا ڪري ٿو.

تنهن ڪري ان کان پهريون جو اسان ارتقا جي موضوع کي پنهنجي زاويي کان پيش ڪريون، ضروري آهي ته اسان نظريہ ارتقا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موجد ”ڊارون“ سان رابطو ڪريون ۽ هي سمجهون ته ڊارون جي نظر ۾ ارتقا ڇا آهي؟ ”ڊارون جي خيال ۾ ارتقا صرف انسان ۽ ان جي معاشري يا حياتيات ۽ نباتات تائين محدود نه آهي، بلڪ هي ڪائناتي رجحان آهي، جيڪو هر تبديليءَ ۾ پنهنجو مثبت پهلو به رکي ٿو ۽ ان مثبت پهلو جي جبري اطلاق کي ارتقا چئبو آهي“. جيئن ته هر شيءِ مسلسل تبديليءَ جي عمل کان گذرندي رهي ٿي ۽ جڏهن تبديلي پنهنجي پهرئين حالت کان بهتر شڪل ۾ سامهون اچي ٿي ته هي ارتقا جو عمل آهي. هڪ اهڙو وجود جيڪو.ماحول جي دٻاءَ کان فنا نه ٿئي بلڪ پاڻ کي تبديل ڪري ماحول سان مطابقت پيدا ڪري وٺي ان کي ارتقا چئبو آهي. ڊارون جي خيال ۾ فطرت جي جنگ ڏڪار ۽ موت کان اسان جي تصور مطابق نهايت اعليٰ جاندار پيدا ڪيا، زندگيءَ جي ان تصور ۾ شان برتري آهي. انتخاب طبعي، روزانو بلڪ هر ساعت ڪائنات ۾ ٿيندڙ معمولي تبديليءَ تي به نظر رکي ٿو، جيڪي ڪمزور آهن، انهن کي رد ٿو ڪري ۽ جيڪي بهتر آهن انهن کي قائم رکي ٿو. اهڙيءَ سوچ جي پيش نظر ڊارون جو مقدس ”انجيل“ جي ان بيان تان اعتماد ختم ٿي ويو، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته سڀ شيون هڪ وقت ناهيون ويون آهن. البت ڊارون جو نظريه ارتقا ان وقت اجاگر ٿيو، جڏهن هن ”مالٿس“ جو مقالو آبادي پڙهيو. جنهن ۾ مالٿس لکيو آهي ته ”انساني نسل جنهن تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، انهن ۾ ڪن رڪاوٽن جي ڪري تخفيف ٿي وڃي ٿي جيئن بيماري، ڏڪار يا جنگ. ان لحاظ کان ڊارون جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته جانور ۽ ٻوٽا به اهڙين حالتن مان گذري رهيا آهن. هڪ اندازي موجب جيڪڏهن هاٿيءَ جو ٻچو هڪ جوڙي جي نسبت سان ”افزائش نسل“ کي موت ۽ حادثن کان تحفظ جي صورت ۾ ڇالو رکي ته ست سؤ چاليهن سالن ۾ صرف هڪ جوڙي مان هڪ ڪروڙ نوي لک هاٿي پيدا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن هر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسل جو سلسلو اهڙيءَ حالت ۾ بي تحاشا چالو رهي ته يقين ”سطح ارض“ تي زندگيءَ جو سلسلو ترتيب ۽ تناسب کان نڪري ويندو. جڏهن ته اسان اڄ به هڪ ترتيب ۽ تناسب جي شڪل ۾ موجود آهيون. جنهن کان ڊارون هي نتيجو ڪڍيو ته فطرت ۾ بيماري، جنگ، موت ۽ ڏڪار جو رجحان خوامخواه نه آهي، بلڪ سلسلي کي چالو رکڻ لاءِ بيلنس ڪرڻ فطرت جو انتخاب طبعي آهي، هوءَ صرف بهتر کي قائم رکي ٿي ۽ ڪمزور کي ختم ڪري، خود ان جي خوراڪ بڻائي ٿي ڇڏي. ساڳئي وقت ڊارون ارتقا جي متعلق حتمي فيصلو مصنوعي انتخاب جي عمل کان متاثر ٿي پوءِ ڏنو. هن ڏنو ته انسان شعوري ترڪيب کان اشيا ۾ مصبنوعي تبديليون پيدا ڪري بهتر کان بهتر نتيجا حاصل ڪري رهيو آهي. جيئن پيوندڪاري، پالتو جانورن جي ترتيب، جنهن کان ڊارون جو خيال انتخاب طبعي ڏي منتقل ٿي ويو، ته فطرت به پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ انتخاب طبعي کان ڪم وٺي ٿي. ان لحاظ کان ڊارون جي نظريه ارتقا ۾ مرڪزي حيثيت مصنوعي انتخاب جي موضوع کان شروع ٿئي ٿي. ڊارون طبعي انتخاب کي ارتقا جي حرڪي قوت سان تعبير ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته ”هر نوع جا فرد جيتري تعداد ۾ پيدا ٿيندا آهن اوتري تعداد ۾ زنده نه رهي سگهندا آهن. تنهن ڪري اهو تحفظ ذات لاءِ جدوجهد ڪندا رهندا آهن، ان کان هي نتيجو نڪري ٿو ته ڪوبه فرد زندگيءَ جي پيچيده ۽ ڪنهن به وقت تعين پذير حالتن ۾ جيڪڏهن پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي غرض کان ٿوري تبديلي به ڪري وٺي ته ان جي بقا جا امڪان وڌي ويندا آهن اهڙي طرح اها تبديلي قدرتي طرح منتخب ٿي ويندي آهي ۽ هيءَ منتخب ٿيل وراثتي اصول ورهاست جي مطابق پنهنجي نئين ۽ ترميم ٿيل هيئت جي افزائش جو سبب بڻجي ويندي آهي.

ڊارون جي نظريي ارتقا کان، هي قطعي ثابت ٿئي ٿو ته هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيءِ تبديليءَ جي عمل کان گذري رهي آهي. جنهن کان ڊاڪٽر هيگل ۽ ٻين خيال پرست مفڪرن جي هن دعويٰ جي ته ڪائنات جي هر شيءِ ابتدا کان اهڙي حالت جي تخليق ٿيل آهي، جيئن هوءَ هن وقت موجود آهي. نفي ٿي وڃي ٿي، البت ڊارون جو هي چوڻ ته هر تبديلي پنهنجي پهرين حالت کان وڌيڪ مثبت ٿيندي وڃي ٿي، ڪجهه حل طلب مسئلو آهي. اهو ان ڪري جو بهتر کان بهتر جو معيار جيڪو مقرر ڪري ٿو، اهو پنهنجين خواهشن کان آزاد نه آهي. هو هرشيءِ کي پنهنجن مفادن جي زاوين کان ڏسي ٿو. جڏهن اسان چئون ٿا ته هيءَ تبديلي ارتقيٰ آهي. تڏهن اسان دراصل پنهنجن حياتياتي مفادن جي ڳالھ ڪري رهيا هوندا آهيون. خود ارتقا ڇا آهي؟ دراصل اسان اهڙي معياري ڪسوٽي هن وقت تائين تلاش نه ڪري سگهيا آهيون. خصوصا نباتات ۽ حياتيات کان علاوه ڪائنات جي حوالي کان هي سمجهڻ انتهائي پيچيده آهي. ممڪن آهي ته ڪائنات جي هلندڙ شڪل انڪري به اسان کي ارتقا جو تصور ڪرائيندي هجي، جو ان کان اسان جو وجود ظهور ۾ آيو آهي. ڇا اسان جو وجود واقعي ڪائنات جي ارتقيٰ ڪرڻ جي اصولي تصديق آهي؟ ڇا ڪائنات يا نظام شمسي کي اسان جي هجڻ ۽ ارتقا ڪرڻ جو علم آهي. يا اسان جي ارتقيٰ ڪائنات جي ڪنهن مفاد جو حصو ٿي سگهي ٿي يا ڪائنات کي مفاد به ٿيندو آهي؟ ايئن ته نه آهي ته حيات کي جمادات جي سڌريل شڪل اسان اهڙي حالت ۾ قبول ڪري رهيا هجون، جنهن ۾ اسان جو وجود خود حيات جو حصو بڻيل آهي، اسان جي بقا جا لوازمات جڏهن خارجي ماحول سان مطابقت پيدا ڪن ٿا، جنهن کان جيڪا تبديلي اچي ٿي، اسان ان نئين شڪل کي انتخاب فطرت جي اعليٰ ورائتي تصور ٿا ڪريون. تڏهن سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته ورائٽي جي اعليٰ هجڻ متعلق فطرت ۽ اسان جي شعوري مفادن ۾ ڪا اهڙي نوعيت جي هم آهنگي آهي؟ جنهن کان ورائٽي جي اعليٰ هجڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تصديق ٻنهي ڪان ٿيندي هجي. جيڪڏهن نه، ته پوءِ هي ته ارتقاءِ ڪائنات جو عمل آهي، غير يقيني ٿي لڳي. بس صرف اسان شعوري طور جيڪو اعليٰ ۽ خراب، بدتر ۽ بهتر جو معيار مقرر ڪيو آهي. اهي اسان جا پنهنجا مفاد آهن. رهيو حالات سان مطابقت پيدا ڪرڻ واري تبديلي جو سوال جنهن کي اسان ارتقا جي ممڪن شڪل چئي سگهون. جڏهن ته اهو عمل خود شعون آهي. يعني عارضي ۽ هن جو ٻيو پهلو هي آهي ته حالتون خود پنهنجي نسبت ڪان تبديلي ڪرائن ٿيون. يعني نئين ماحول جي خصوصيت، جن به ساهوارن يا وڻن ۽ ٻوٽن سان نسبت ۾ هوندي آهي، وجود ان جي نسبت ۾ تبديلي ڪري سگهندا. جيئن اث جو ٿر ۾ پيدا ٿيڻ، اث جي پنهنجي خصوصيت جو نتيجو نه آهي، جنهن کي اسان اث جي انفرادي خصوصيت قبول ڪريون. اهڙي طرح جن ساهوارن ۽ ٻوٽن لاءِ نئين ماحول ۾ گنجائش نه هوندي، اهي لازمي فنا ٿي ويندا آهن. ساڳئي وقت مطابقت کان، ساهوارن ۽ وڻن ٻوٽن ۾ جيڪا تبديلي اچي ٿي اها ضروري نه آهي ته پنهنجي پهرين حالت ڪان وڌيڪ بهتر هجي. اج جي انسان شعوري طور ته ارتقا ڪئي آهي پر هو جسماني عمل ۾ ڪجھ صديون پهرين جي انسان کان بدتر ٿي رهيو آهي. هو خارجي ماحول سان بقا جي جنگ ڪرڻ ۾ سواءِ مصنوعي عمل جي پنهنجون جسماني صلاحيتون ضايع ڪري رهيوآهي. اهڙي طرح تقابلي ٻيٽا ۾ جيئن اسان محسوس ڪيو آهي ته شعور فطرت جي عام قانون ”تسلي وراثت“ جي فطري دائري کان آزاد آهي. هن جا ڪيترا خواص سماجي عمل ڪرڻ کان سواءِ پيدا ئي نه ٿيندا آهن. فطرت جي دنيا ۾ اجنبئيت رکڻ جي باوجود به شعور ارتقا ڪرڻ جي عمل ۾ انساني جسم کان مختلف آهي ۽ هن جي ارتقا جو عمل واضع حالت ۾ تيز آهي. يا ٻين لفظن ۾ ايئن کٹي چئجي ته هي پنهنجي خارجي ماحول کان جبرن پنهنجن مفادن جي پورائي ڪري رهيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. پر فطرت سان نئين سڌي وابستگي رکندڙ انساني جسم تنزل جو شڪار ٿي رهيو آهي. ان حوالي کان هر نئين تبديلي چاهي اها نئين ماحول کان مطابقي پيدا ڪري زنده رهڻ جي صلاحيت به حاصل ڪري وٺي. پر ضروري نه آهي ته اها ان جي پهرين حالت کان وڌيڪ بهتر هجي! هي ته صرف چانس آهي. جيڪو فطري سسٽم ۾ پهريون کان موجود آهي. ايئن به ممڪن آهي ته جنهن کي اسان ارتقا چئي رهيا آهيون. اها پنهنجي نتيجي ۾ پهريون کان بدتر ٿيل هجي. ٿيو ايئن ته ڪائنات جي خود ارتقا جو ڪو ثبوت نٿو ملي ۽ نه فطرت ارتقا ڪندي آهي. ممڪن آهي حيات جي عمل ۾ اعليٰ وراثتي جو تصور اسان جي مفادن کان سواءِ ڪا به حقيقت نه هجي! بس اسان شعوري سطح تي پنهنجن مفادن مطابق عمل ڪري رهيا آهيون، جنهن جي آخري نتيجي جو نه اسان کي علم آهي ۽ نه اسان جي وس ۾ آهي.

اهڙي طرح جڏهن ڊارون چئي ٿو ته هن انتخاب مصنوعي کان متاثر ٿي هي سمجهي ورتو، ته فطرت ۾ به انتخاب جو عمل جاري آهي تڏهن ڊارون انسان جي احساسن واري اينگل کان مسئلي جي پيچيدگي کي ايئن نه سمجهي سگهيو، جيئن مسئلو خود آهي. ڇو ته اصل سوال هي آهي ته طبعي انتخاب کان يا مصنوعي انتخاب کان، جيڪي تبديليون ٿين ٿيون اهي واقعي بهتر کان بهتر جو معيار به رکن ٿيون يا نه؟ ٿيو ايئن ته جڏهن انسان عقل جي ذريعي پوري ماحول تي حاوي ٿي ويو تڏهن هن شيءِ جي فيصلي ڪرڻ ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيو جنهن کان هو پنهنجي ذهن کي باور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته هر شيءِ هن لاءِ تخليق ٿيل آهي. تنهن جي ڪري اشيا ۾ خراب ۽ سٺي جي معيار کي به هن پنهنجي ذات تائين محدود ڪري ڇڏيو. حقيقت هي آهي ته جاندار افزائش نسل يا تحفظ ذات لاءِ جيڪا به تبديلي ڪري ٿو اها تبديلي ضروري نه آهي ته جاندار جي پهرين خصوصيت کان وڌيڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثبت هجي. مثلاً: جيئن تحفظ ذات خاطر ”رڍ“ جهنگ جي زندگي کان دست بردار ٿي، انسان جي دوستي ۾ رهڻ قبول ڪيو، پر جيئن ته هي ثابت ٿي چڪو آهي ته رڍ انساني صحبت ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويٺي آهي. ۽ هن جي اها خصوصيت اصول وراثت جي شڪل ۾ منتقل ٿي چڪي آهي، جنهن جو هڪ مطلب هي به ٿيو ته انتخاب طبعي جي چونڊ جي عمل به پنهنجن سيني پهلوئن کان جاندار لاءِ مثبت ثابت نه ٿو ٿئي، بلڪ هو ڪمتر شڪلين کي به افزائش نسل جي خاطر قبول ڪري ٿو. يا ته هن ۾ ڪمتر ۽ اعليٰ جو ڪو معيار آهي ئي نه! البت دماغي توازن وڃائي ويهڻ جو عمل ڪڏهن به مثبت نه ٿو چئي سگهجي. اهڙيءَ ريت ڪتن جو اهڙو نسل جيڪو رڍن ۽ ٻڪرين جي ڌڻن جي حفاظت ڪري ٿو، جڏهن ته ڪجهه وقت پهريون ڪتن جي ان نسل جي رڍ فطري خوراڪ هئي. ٿيو ايئن ته ڪتن جي هن نسل انسان جي مفاد خاطر پنهنجي فطري غذاتان دستبردار ٿيو ۽ هي عمل به طبعي انتخاب، نسلي وراثت جي شڪل ۾ قبول ڪري ورتو. جڏهن ته اهڙيءَ تبديلي کان ڪتن جي هن نسل جو پنهنجي افزائش نسل يا تحفظ ذات سان ڪوبه فطري تعلق واضع نٿو ٿئي. ان ڪري جو ڪتن جي زندگي رڍ وانگر جهنگ جي ماحول ۾ غير محفوظ نه هئي. ساڳي وقت ڪيترا جاندار اهڙا به ملن ٿا جيڪي جهنگ جي ماحول ۾ رڍ کان وڌيڪ غير محفوظ هجڻ جي باوجود به هنن تحفظ ذات يا افزائش نسل خاطر انسان دوستي کي قبول نه ڪيو آهي. جيئن ڦاڙهو ۽ ڪانگرو. حاصل مطلب ته انتخاب طبعي کان ساڳين حالتن ۾ هڪ جهڙا نتيجا نه ٿا ملن ۽ نه هن جي انتخاب جا سڀ پهلو حياتياتي مفادن ۾ هڪ ڪرا آهن. ان لحاظ کن انتخاب طبعي جي متعلق ڊارون جي هيءَ راءِ ته افزائش نسل جي عمل ۾ جاندار لازمي تبديلي ڪري ٿو، عملن ثابت نه ٿي ٿئي ۽ نع اهڙي تبديليءَ جا سڀ پهلو مثبت ثابت ٿين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا. اهڙي طرح مصنوعي انتخاب ڪان به نتيجا هڪ ڪرا نه ٿا نڪرن. مثلا فارمي انب جو وڻ جيڪو پيوند ڪاري جي عمل ڪان پوءِ جيڪو ڦل ڏي ٿو اسان ان کي بهتر ٿا چئون جڏهن ته انب جي مٺي هجڻ جي تصديق اسان جي ذائقي جي انفراديت آهي يعني انب جي مٺي هجڻ واري ارتقا اسان جي نسبت ڪان آهي. خود انب جو وڻ ۽ ان جا ٿڙ ۽ ڏار مضبوطي ۽ عمر جي لحاظ ڪان پنهنجي پهرين حيثيت جيڪا طوفانن ۽ ٻين قدرتي عمل ۾ هن جي بقا جو وڌيڪ بهتر سبب بڻيل هئي وڃائي ٿو ويهي. ٿيو ايئن ته انتخاب مصنوعي ڪان انب جو وڻ پنهنجي حوالي ڪان تنزل جو شڪار ٿي ويو. .

ارتقا تبديليءَ جي عمل ڪان ته ڪردار ادا ڪيو آهي، البت هن جو بهتر ڪان بهتر جو معيار عالمگير ثابت نه ٿو ٿئي. ڇا هي ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اسان پنهنجي سماج ۾ رهندي حقيقتن کي پنهنجن جذبن ڪان سواءِ ايئن سمجهي سگهون جيئن هو خود آهن، اسان جي مجبوري آهي ته ڪائنات جي سيني عملن کي پنهنجي زاويي ڪان تصديق ڪريون ۽ هي سمجهون ته ارتقا جاري آهي.

جيئن ته اسان جي موضوع جو بنياد هي سمجهڻ آهي ته ارتقا عالمگير قانون نه آهي. يعنيٰ هي ڪائناتي عمل نه آهي، انسان جيڪي ارتقا جا معيار مقرر ڪيا آهن اهي سڀ جا سڀ هن جي پنهنجي ذات ڏي منتقل ٿيل آهن. انهن ڪان صرف هن جي ذاتي مفادن جي تڪميل ٿئي ٿي. جيئن مضبوط هجڻ يا ڊگهي عمر حاصل ڪرڻ. جڏهن ته هي ضرورت اسان جي وجود جي بقا لاءِ خود اسان جي خواهشن جو نتيجو آهي ان لحاظ ڪان اسان ڪائنات جي سيني شين ۾ به اهڙن معيارن کي ارتقا تصور ڪرڻ سکي ويا آهيون. جيڪڏهن ڪائنات جي ڪابه شيءِ پنهنجي تبديل ٿيل شڪل ۾ پنهنجي پهرين شڪل ڪان وڌيڪ پائدار ثابت ٿئي ٿي ته اها اسان کي ارتقا جو باور ڪرائي ٿي. جڏهن ته ڪنهن به شيءِ جو پائدار ٿي وڃڻ يا تڪڙي تبديلي نه ڪرڻ هڪ لحاظ ڪان جمود به آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو عمل اسان جي ارتقا وارن مقرر ڪيل معيارن جي خلاف آهي. اهڙي طرح اسان جڏهن انسان جي شعوري ارتقيٰ جي ڳاله ٿا ڪريون، جنهن ۾ اسان جي تخليق سڀ کان معياري سبب آهي، تڏهن هڪ لحاظ کان اسان فطرت جي تنصيبات کي تباهه ڪرڻ واري عمل کي نظر انداز ٿا ڪري ويهون. جيئن ٽيڪنالاجي ۽ صنعتي ترقي ڪرڻ کان فطرت جي صاف شفاف ماحول کي گدلاڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏڻ، گند، ڪچري ۽ تيل کان سمنڊ ۾ درياهن جي قدرتي ماحول کي تباهه ڪرڻ، ڪارخانن ۽ ڪارين جي دونهي کان فضا جو ماحول آلوده ڪرڻ، تابڪاري تجربن کان نباتات ۽ حياتيات جي قدرتي حيثيت کي متاثر ڪرڻ، يا خلائي عمل ۾ اوزون جي تهن کي تباهه ڪرڻ هي سڀ عمل فطرت جي تنصيبات کي تباهه ڪرڻ کان سواءِ ڪجھ به نه آهن. ان حوالي کان جيڪڏهن هي تصور ڪجي ته انسان جو وجود ڪائنات ۾ ڪينسر جي اهڙن جيوڙن جهڙو آهي جنهن کان ڪائنات جو وجود تباهه ٿي رهيو آهي ته غلط نه ٿيندو. ممڪن آهي اسان جي اهڙي نوعيت جي ارتقائي شڪل ڪائنات ۾ ڪن تباهه ڪن واقعن جو سبب بڻجي وڃي، جنهن کان خود اسان جو وجود به محفوظ نه رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فطرت ڇا آهي؟

فطرت، يعنيٰ مادو، هي پنهنجي جوهر ۾ ڇا آهي. هن جو عام فهم ۾ مختصر جواب هي ڏنو ويندو آهي ته هڪ اهڙو وجود، جنهن کي ڪچي، ماپي، توري ۽ ڇهي سگهجي. يا محسوس ڪجي. ان کي فطرت چئبو آهي. پر اسان جو هي بحث فطرت جي ساخت سان نه آهي. بلڪ ان جي آفاقي موضوع سان آهي. فطرت جي آفاقي پهلوءَ کي سمجهڻ فلسفي جو سڀ کان اهم سوال آهي. اهوئي سبب آهي جو فطرت جي گهرائي ۾ سندس اسرارن متعلق نه صرف عام ماڻهن جي خيالن ۾ اختلاف آهن، بلڪ ڪيترا ڏاها به هن کي مختلف زاوين کان ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

ڪيترن ڏاهن جو خيال آهي ته هي انڌو ۽ بيرحم عمل آهي. هي سڻن نتيجن ڏيڻ سان گڏ ڪنهن وقت به خطرناڪ شڪل اختيار ڪري سگهي ٿو. جنهن ڪان هي هلندڙ سارو وايو منڊل تباهه ٿي سگهي ٿو. هن مان مستقل خير جي توقع نه ٿي ڪري سگهجي. لهاذا انسان جي بقا لاءِ خدا جو تصور سچ هجڻ گهرجي؟

ڪيترن ڏاهن جو هي خيال به آهي ته هي ازلي قانون پنهنجي اندر هڪ طئي ٿيل سسٽم رکي ٿو، هن ۾ تخليقي عمل خودڪار پروگرام هيٺ پهريون ڪان ان سسٽم جو لامحالا نتيجو آهي. اهوئي سبب آهي ته هن جي سمت ۽ رويَن متعلق جدلياتي، شيڊول


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نـاهي سگهجي ٿـو. جنهن جي پيش نظر پيشنگوئي ڪرڻ ﺑ ممڪن آهي.

۽ ڪن ذاهن جو چوڻ آهي تہ جيئن تہ هي پنهنجي سسٽم ڪان مليل عمل کي تبديل ڪرڻ جي صلاحيت نٿي رکي. تنهنجي ڪري ڪنهن ﺑ باشعور هستي کي هن تي انحصار ڪرڻ يا هن جي روين تي زندگي کي ڇڏي ڏيڻ غلط ٿيندو. اهڙي طرح ڪيترن مفڪرن جو هي خيال ﺑ آهي تہ انساني تصور جي وسعت فطرت جي دائري عمل ڪان وسيع آهي. لهاذا هي فطرت جي تخليق نہ ٿـو ٿـي سگهي. تنهنجي ڪري يقينا ڪائنات ۾ ڪا ٻي قوت آهي، جنهن جو نتيجو انساني تصور ممڪن ٿي سگهي ٿـو. اهوئي سبب آهي جو انسان جي خواهشن ۽ فطرت جي روين ۾ پهريون ڪان هڪ وسيع تضاد موجود آهي.

حقيقت هي آهي تہ، فطرت جي گهرائي متعلق انساني معاشري ۾ پنهنجو پاڻ يا دليل ۽ سوچ ڪان ڪافي دلچسپ اختلاف موجود آهن. تنهن ڪري اسان ﺑ ضروري خيال ڪيو آهي تہ اڄ ان موضوع تي توهان سان طبع آزمائي ٿـي وڃي. ممڪن آهي ڪجھ پيش رفت ٿـي سگهي.

مان جڏهن ننيڙي پوپٽ کي ڪنهن مکڙي جي چوڏاري لامارا پائيندي ڏسندو آهيان. مان جڏهن جانور کي پنهنجي ٻچي سان پيار ڪندو ڏسندو آهيان. تڏهن فطرت مونکي معصوم نظر ايندي آهي.

۽ جڏهن مان ڪنهن واڳون کي ڪنهن ڇاول جيتامڙي کي بيرحمي سان کائيندي ڏسندو آهيان ۽ جڏهن مان شينهن کي ڪنهن جانور کي چيريندي ڦاڙيندي ڏسندو آهيان ان وقت فطرت مون کي انتهائي سفاڪ، ڪم ظرف ۽ بيرحم نظر ايندي آهي. ۽ جڏهن مان انهن سيني متضاد سچائن کي سميٽي، پنهنجي ڪمري ۾ ستو، فطرت جي اصل شڪل کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. تڏهن مان هي نه سمجهي سگهندو آهيان ته اهي احساس صرف منهنجي ذات جو حصو آهن يا فطرت به پنهنجن اهڙن متضاد تضادن جو احساس رکي ٿي؟ ۽ جڏهن مان اهو محسوس ڪندو آهيان ته اهڙو ڪو به ذريعو نه آهي، جنهن کا سڌوسنئون رابطو ڪري اهو سڀ ڪجهه فطرت کان پڇي وٺجي ته تنهنجن اهڙن متضاد عملن ۾ ڪي جذبا به پوشيده آهن، ۽ اهي ائين ئي آهن، جيئن مان پنهنجي ذات ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ جڏهن ائين نه ٿي سگهيو، تڏهن مان پنهنجي وجود ۽ فطرت ۾ نسبتن ڪي تلاش ڪرڻ لڳس. مان سوچڻ لڳس ته آخر ڇو، صرف انسان جي ساخت ۾ فطرت ڪي شعور مليو ۽ ان مخصوص ساخت جو انتخاب ڇو ڪيو ويو؟ يا هن ساخت جي تخليق به فطري سسٽم جو لامحالا نتيجو هو، يعنيٰ پهريون کان ان ساخت جو انتخاب ٿيل هو. ڇا ائين به سمجهڻ گهرجي ته جڏهن فطرت نظام شمسي کي جوڙيو پئي تڏهن کان هن جي سسٽم ۾ ڌرتي تي زندگي جو انتخاب ٿيل هو. يعني شعور جي تخليق جو فيصلو فطري سسٽم ۾ ان وقت کان طئي ٿيل هو. ان لحاظ کان هي به سمجهڻ گهرجي ته جيڪو ڪجهه تخليق ٿيندو اهو هن سسٽم ۾ پهريون کان موجود آهي. ان لحاظ کان فطرت ۾ تخليق جو عمل ائين محسوس ٿيندو آهي. ڇڻ هڪ منصوبي هيٺ عمل ٿي رهيو آهي. جڏهن ته هن جو لازمي نتيجو ان ڪري اهڙو نڪرندو آهي جو هن جا لوازمات پهريون کان اهڙي شڪل ورتل هوندا آهن ۽ هي هڪ تسلسل آهي. جيڪو فطرت سان گڏ قديم ۽ ازلي آهي. جيئن هوءَ ٿر ۾ اڪ کي ۽ پهاڙ ۾ گڏهه ڪي، تخليق ڪرڻ وقت انهن جي لوازماتي نسبتن کي پيشنظر رکي ٿي. سوال ٿو پيدا ٿي ته ٿر کي تخليق ڪرڻ کان پوءِ اڪ کي تخليق ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ لڳي ائين ٿو ته ٿر جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ، اتي اڪ جو پيدا ٿيڻ، فطري سسٽم جي لامحالا عمل جو خود ڪار نتيجو هو. فطرت جي ڪا به شعوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلاننگ نہ هوندي آهي. تنظيم ۽ ترڪيب جيڪا اشياءَ ۾ اسان کي نظر اچي ٿي. اها هڪ لحاظ کان ان ڪري ترڪيب محسوس ٿئي ٿي- جو اسان خود ان جو حصو آهيون. ٻئي لحاظ کان اها فطري نظام جو خودڪار عمل آهي، نہ ارادو، اهڙي طرح فطرت ۾ تخليق اسان کي بغير معقوليت جي نظر نہ ٿي اچي. حاصل مطلب تہ فطرت پنهنجي وجود ۾ پهريون کان هڪ تسلسل ورتل شڪل آهي.

جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ ڊارون، جي نظريي ارتقا جي پوري عمارت متاثر ٿيڻ کان سواءِ بچي نہ ٿي سگهي، پوءِ هي قبول ڪرڻو پوندو تہ فطرت ۾ نظريئہ انتخاب آهي ئي نہ، جهدالبقا جو ڪو اصول ڪارفرما آهي. فطرت ۾ جيڪا بہ تبديلي يا تخليق ٿئي ٿي. ان جو مڪمل مواد ۽ نقشو پهريون کان فطري سسٽم ۾ موجود آهي. زراف، جي ڳچي انڪري ڊگهي نہ ٿي آهي جو وڻن جون لامون مٿي آهن. بلڪ هي پهريون کان ڊگهي هئي، جيئن وڻن جون لامون پهريون کان مٿي هنيون. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿو ٿي سگهي تہ پورو ماحول زراف جي ڳچي مطابق هجي يا سريحنِ ان جي خلاف هجي. مثلا ريگستان، اٺ جي تخليق کان پوءِ نہ ناهيو ويو، ۽ نہ پهاڙ، گڏهہ جي ڪري تخليق ٿيا، بلڪ پهاڙ ۽ ريگستان پاڻ کان پهريون هلندڙ ڪنهن وڏي ماحول جو نندو نتيجو هئا. جيئن گڏهہ پنهنجي پهاڙي ماحول جو پهريون کان طئي ٿيل نتيجو آهي. ان لحاظ کان ارتقا جو عمل فطرت جي دنيا ۾ آزاد، حيثيت سان فطري منشيا جي خلاف ڪوبہ ڪردار ادا نٿو ڪري سگهي. خود بقا جي جنگ ۽ ان جا نتيجا فطري سسٽم پهريون کان هڪ يقيني شڪل ورتل آهن. جيئن ٻج ۾ وڻ جي امڪاني شڪل پهريون کان وجود ورتل آهي. تنهنجي ڪري ان کي ارتقا نٿو چئي سگهجي. حالتن ۽ اشياءَ جي تبديلي آزاد حيثيت ۾ نئين وراثتي جو انتخاب نٿيون ڪن بلڪ اهڙو انتخاب ڪرڻ انهن جي پهريون کان حالتن جي اهڙي هجڻ جو لازمي نتيجو ٻڌيل هو. اهڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانور جيڪي خشڪي ۽ پاڻي ۾ زندگي گذارڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اها صلاحيت غير متوقع طور انهن کي ميسر نٿي ٿي سگهي. بلڪ اها پهريون کان ان جي ساخت ۾ موجود هئي. جنهن ماحول جي تبديلي سان هن کي به تبديل ڪري ڇڏيو.

فطرت ۾ اهڙي تسلسل کي ڏسي هن ڳالهه جي تشفي ٿي وڃي ٿي، ته اسان فطرت جي دنيا ۾ پنهنجي ذات جو مقام تلاش ڪري سگهون ٿا، ۽ هڪ جدلياتي شيڊول ناهي اڳ ڪٿي به ڪري سگهون ٿا.

. پر هڪ تشويش، جنهن هن عظيم سوال کي جنم ڏنو ته ڇو فطرت جو هي خودڪار نظام انساني معاشري ۾ پنهنجو نوس پن وڃائي ويٺو آهي؟ ۽ ان حد تائين لچڪدار ٿي چڪو آهي جو انساني شعور، فطري منشا کي پنهنجن خواهشين مطابق استعمال ڪري رهيو آهي. نه صرف ايترو بلڪ شعور جي تخليق فطرت جو هڪ پراسرار پهلو بڻجي چڪو آهي. جنهن جو سڀ کان وڏو تضاد هي آهي ته شعور، فطرت جي عام قاعدي 'وراثت'، جي پورائي نه ٿو ڪري. يعني جيئن جانور جون جبلي صلاحيتون وراثت جي قانون هيٺ حياتياتي اصولن مطابق پنهنجن نسلن ۾ منتقل ٿينديون رهن ٿيون. ائين انسان جون شعوري صلاحيتون نسلي طور منتقل نٿيون ٿين. فطرت سان اختلاف جي هي شڪل ڪهڙو به پسمنظر رکندي هجي فطرت جي ازلي ۽ آفاقي قانون 'خودڪار نظام' جي خلاف هڪ واضع بغاوت آهي. موضوع کي واضح حالت ۾ تجزيي ڪرڻ لاءِ هي سمجهڻ گهرجي ته انسان ۾ شعوري صلاحيتون فطرت جي عام رويي کان نه بلڪ انسان جي سماجي حالتن کان وجود وٺن ٿيون. مطلب ته جيڪڏهن انسان جو سماجي وجود نه جڙي ها ته ان ۾ شعوري صلاحيتون به پيدا نه ٿي سگهن ها. لهاذا انسان مجبور آهي ته پنهنجن سماجي تجربن کي ايندڙ نسل ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ تربيت ۽ سکيا جي عمل جو سهارو وٺي. حاصل مقصد ته اسان جي شعوري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارتقا يا نشونما ۾ فطرت جو سڌو هٿ نہ آهي. هوءَ جبلي بنيادن تي اسان جي تجربن کي ”قانون وراثت“ جي اصول کان تحفظ فراهم نٿي ڪري. ساڳي وقت شعور بہ صرف تخليقي طور فطرت جي عام قاعدي کان جدا حيثيت ۾ نہ آهي، بلڪ هي پنهنجي منشا ۽ عمل کان بہ فطرت ۾ انتخاب ڪرڻ ۽ رد ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هو فطرت جي انهن اصولن کي رد ٿو ڪري بلڪ مهاڏو ٿو اٽڪائي جيڪي هن جي مفاد ۾ نہ آهن. جيئن موت، بيماري، پوڙهو ٿيڻ وغيره اهڙي طرح هي هر شعبي ۾ فطرت سان ساڳيو رويو اختيار ٿو ڪري. جيئن جاگرافي ماحول ۾ ريگستانن ۾ پاڻي پهچائڻ، درياهن جي بي ترتيبي کي بند ٻڌي ضابطي هيٺ آڻڻ، جبلن ۽ درياهن تي پليون تعمير ڪري آمدرفت جي نظام کي انساني خواهشن جي مطابق جوڙڻ. انسان جي فطرتي حرڪتن کي تهذيب جي شڪل ۾ تبديل ڪري پوري ماحول کي شعوري رخ ڏيڻ. شعور جي مجموعي طور اهڙن روين کان هي واضح ٿئي ٿو تہ هو فطرت کي ان جي پنهنجي ۽ اصلي شڪل ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. هو فطرت کي هر شعبي ۾ غير فطري شڪل يعني شعوري شڪل ۾ تراشڻ ٿو گهري. ۽ بتدريج هو ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيو آهي. لهاذا وري بہ ساڳيو سوال سامهون ٿو اچي تہ فطرت کان ڪابہ اهڙي تخليق نہ ٿي آهي جيڪا ان جي ضابطن کان آزاد هجي ۽ نہ ان ۾ موجود، لوازمات فطري سسٽم کان ٻي طرح جا هجن يا ان جا سبب فطرت ۾ پهريون کان موجود نہ هجن. جڏهن تہ شعور جي تخليق ۾ اهڙي ڪابہ نسبت نظر نٿي اچي جنهن کي فطرت جي جدلي اصول مطابق سمجهي يا طئي ڪري سگهجي. فطرت جي ان رويوش مواد متعلق ڪا آخري راءِ قائم ڪرڻ هڪ وڏي دقت بڻيل آهي. تنهن هوندي بہ هي سمجهڻ تہ شعور مادي اشياءَ کان سواءِ يا ٻاهر پنهنجو اظهار يا جدا پنهنجو وجود قائم نٿو رکي سگهي. تنهن ڪري سندس اهڙن ”موضوعي“ اختلافن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود فطرت ۾ تلاش ڪرڻو پوندو. شعور جي پنهنجي شڪل جهڙي ٻه هجي، هو سپر فطرت، ڪنهن روح جو پرتو هجي يا فطرت جي سڌريل شڪل، يا ”فطرت“ مقداري تبديلي ڪري انسان جي اڪائي ۾ شعور جو روپ اختيار ڪري چڪي هجي جو ڪجهه ٻه هجي شعور پنهنجو اظهار مادي حالتن يعني فطرت جي دائري ۾ ئي ڪري. ساڳي وقت هن امڪاني خيال کي ٻه واضح ڪرڻ گهرجي ته جيڪڏهن شعور فطرت جو ضد هجي ها ته يقينا هو فطرت سان گڏ قديم ٻه هجي ها. جڏهن ته هي زندگي جي حساس ظهور ۾ يا ان جي لطيف اظهار واري شڪل ۾ سامهون آيو آهي. جيڪو. پنهنجي اظهار ۾ فطرت کي ڪم تر تصور ڪري ٿو. ان کان نجات حاصل ڪرڻ جي عمل ۾ مصروف آهي. حاصل مقصد ته، نه فطرت بااختيار شعور آهي ۽ نه شعور مڪمل فطرت جيان نوس ميڪانڪي اصول آهي. ۽ نه انساني فڪر ايتري ارتقا ڪئي آهي جنهن کان ڪا اهڙي تشني ڪرائي سگهجي جنهن کان پوءِ ذهن وڏيڪ سوال ڪرڻ ضروري نه سمجهي.

جڏهن اڄ تائين جيڪي ٻه فڪري افڪار سامهون آيا آهن ڪائنات ۽ فطرت جي متعلق جيڪي ٻه نظريا پيش ڪيا ويا آهن انهن جو ”اساس“ صرف فرض ڪيو ويو آهي ۽ ان فرض ڪيل خاڪي کي قبول ڪرڻ کان پوءِ هر هڪ پنهنجي راءِ ڏني آهي. يعني هي فرض ڪيو ويو آهي ته ابتدا ۾ سارو مادو هڪ وڏي گولي جي شڪل ۾ غير متحرڪ ٻٽيل هو. جيڪو يقينا ڪنهن اندروني سبب کان هڪ وڏي ڌماڪي کان پوءِ ذرن جي شڪل ۾ منتشر ٿي ويو ۽ مختلف شڪليون تبديل ڪندو موجوده شڪل ۾ پهتو آهي. ان لحاظ کان ڪائنات متعلق اسان جو هي سارو فڪري عمل تڏهن سچ ٿي سگهي ٿو. جڏهن اهو خيالي خاڪو حقيقت هجي. لهاذا اسان جي علم جي عمارت جو بنيادي پٿر علمي معيار کان سواءِ خيالي خاڪي تي رکيل آهي. مان پهريون ئي واضح


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڪو آهيان تہ هن وقت تائين اهڙو ڪوبہ ذريعو ميسر نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن ڪان فطرت يا روح سان ٽيليفون جي شڪل جهڙو رابطو قائم ڪري انهن ڪان ساري ماجرا پڇي ونجي تہ هي سڀ ڪجھ ڇا آهي؟ البتہ پنهنجي هلندڙ شعوري سطح ڪان هڪ اهڙي شڪل ملي ٿي جيڪا جيڪڏهن آخري نہ بہ هجي تڏهن بہ ڪافي پيشرفت ٿي سگهي ٿي. جنهن متعلق هن وقت تائين گهٽ سوچيو ويو آهي. اسپيس يعني ”خلا“ جنهن جي هڪ مختصر دائري ۾ مادو پنهنجن سيني لوازمات سميت موجود ۽ محدود آهي جڏهن تہ فطرت جي معلوم سڀ ڪان وڏي وسعت ”روشني جي رفتار“ بہ خلا جي وسعتن اڳيان هڪ مختصر عمل آهي، تہ پوءِ ڇا اهڙي صورتحال جي پيش نظر بہ ائين سمجهڻ گهرجي تہ خلا بہ فطرت جو حصو آهي؟

منهنجي خيال ۾ خلا ڪائنات جي دائري ۾ تہ اچي ٿي پر هن ۾ ڪابہ اهڙي خصوصيت نہ آهي جنهن ڪان هن ڪي فطرت چئي سگهجي. فطرت جاءِ والاري ٿي پر هيءَ خود هڪ وسيع بلڪ لامحدود خالي ميدان آهي. فطرت محدود آهي ۽ هيءَ لامحدود ان لحاظ ڪان خلا ڪائنات ۾ فطرت جو ضد آهي. جيڪڏهن مادو خلا ۾ قديم ڪان موجود آهي، جنهن جا قوي امڪان موجود آهن، ان ڪري جو خلا جيڪا ڪجھ بہ نہ آهي ۽ ڪنهن ڪجھ جو صرف ضد آهي، اها ڪا ڪنهن شيءِ يا اشياءَ ڪي تخليق نہ ٿي ڪري سگهي ان ڪري خلا ۾ مادو هڪ ٻئي جو ضد هجڻ ڪان پوءِ ٻئي قديم بہ آهن ۽ جيئن تہ خلا لامحدود آهي تنهن ڪري، خدا جو تصور ڪا آفاقي شڪل نہ ٿو رکي. بس هي انسان جي سماجي ضرورتن جو مبهم حالت ۾ نفسياتي ردعمل آهي.

خلا جي متعلق ”آئن اسٽائن“ جو خيال آهي تہ، ”هي عالم محدود آهي، پر اسان جو ذهن اهڙو ادراڪ نہ ٿو ڪري سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کان عالم جي ڪا آخري حد مقرر ٿي سگهي.“ هن جو خيال آهي ته جيڪڏهن گول دائرن سان عالم کي پر ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ته اها نتيجي خيز ثابت ٿي سگهي ٿي. جنهن متعلق ذهن کي پريڪٽس ڪرائڻي پوندي. جنهن کان پوءِ فرد عالم کي محدود سمجهڻ جو تصور ڪري سگهي ٿو.

منهنجي خيال ۾ ذهني پريڪٽس جي ڳالهه ڪري آئن اسٽائن سائنسي نقطئہ نظر کان ڪم نہ ورتو آهي. هن جي ذهني پريڪٽس مان مراد اهڙي آهي جهڙي مذهبي دباءَ کان خدا جي تصور کي جبرا قائم ڪرڻ سان نفسياتي اهميت ملي هئي.

حقيقت هيءَ آهي تہ فطرت جي دنيا ۾ انساني ذهن جو هي دلچسپ ۽ پراسرار عمل آهي تہ هو اهڙي صورتگري نہ ٿو ڪري سگهي. جنهن کان ذهن عالم کي محدود تصور ڪرڻ ۾ مطمعن ٿي وڃي. عام حالتن ۾ جيڪڏهن هن جو تجزيو ڪجي تہ هو ڪنهن اهڙي ڪمري جو بہ تصور نہ ٿو ڪري سگهي جنهن جي پٽن کان ٻاهر ڪجهہ بہ نہ هجي. يعني خلا بہ نہ هجي ڇا ائين سمجهڻ گهرجي تہ هو ”ذهن“ لامحدوديت جي تصور کي قبول ڪرڻ ۾ تشفي ٿو سمجهي، يا ذهن جي وجداني قوت ڪائنات جي لامحدود هجڻ جي تصديق ٿي ڪري؟

بهرحال انساني ذهن جو غير مرئي تصور فطرت جو اڄ بہ پوشيده سوال آهي. جنهن جو تعين هن وقت تائين نہ ٿي سگهيو آهي. جڏهن اسان تصور جون حدون مقرر ڪري سگهياسي، تڏهن اسان ڪائنات جي اصل ڇهري کي بہ ڏسي سگهنداسي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عرياني، فطرت ۽ ارتقا

دراصل عرياني اسان جي فطري شڪل آهي ۽ تهذيب پنهنجي ابتدائي عمل ۾ اهڙي مستحڪم نہ هئي جيڪا فطري شڪل کي تبديل ڪرڻ ۾ (ستر پوشي کان سواءِ) ڪهڙن بہ شرطن تي پنهنجو سماجي رول ادا ڪري سگهي ها. تهذيب جي ابتدائي شڪل جي ڳالهہ مان ان ڪري ڪئي تہ صنعتي دؤر ۾ عرياني خود اسان جي ارتقا لاءِ شعوري ضرورت ثابت ٿي رهي آهي؛ يعني اسان جي پسنديده تهذيب يا اعليٰ تهذيب جا معيار عرياني کان سواءِ نہ صرف اسان کي متاثر ڪرڻ جو سبب رهيا آهن، بلڪ نفسياتي طور اسان جي ارتقاءَ جا ڪارڻ بہ اهڙا معاشرا ثابت ٿي رهيا آهن جيڪي عرياني کي قبول ڪن ٿا. البتہ تهذيب جي ابتدائي شڪل سادي هجڻ جي ناتي يعني شعوري حالت ۾ سماجي تجربن کان سواءِ هوءَ ستر پوشيءَ جي عمل کي اپنائڻ کان بغير ڪا بہ اهڙي تبديلي نہ آڻي سگهي ها، جيڪا اسان جي سماجي معاهدن جو سبب بڻجي سگهي ها. زراعت کان ذاتي ملڪيت جو تصور ۽ ذاتي ملڪيت لاءِ فرد يا خاندان کي وارث پيدا ڪرڻ جي اهميت ۾ انساني تعصب جو ڪيترو بہ عمل دخل ڇو نہ هجي يا تخم جي تسلسل ۾ اولاد جي شڪل سان مشابهت ۾ فرد گوشت جي شڪل ۾ پنهنجي شخصيت جو حصو معاشري کي پيش ڪرڻ ۾ پنهنجي انا جي تسڪين خاطر ڪيترو بہ ضروري خيال ڪندو هجي، پر هن حقيقت کان بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ تهذيب جي نمو يعني فطري حالتن کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعوري طور تراشڻ کان سواءِ سماج ۾ اعليٰ قدرن جي ڪا به شڪل بيهاري نه پئي سگهجي. دراصل تهذيب پنهنجي فني ذات ۾ اهڙي حقيقت آهي، جيڪا فطرت جي نوس سليقن ۽ روين کي تبديل ڪرڻ کان سواءِ سماجي وجود جاري نه پئي رکي سگهي.

عرياني جي موضوع کان هي خود پاڻ کان يا فطرت کان هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن کان فطرت جي پراڻي رخ کي شعور جي نون زاوين کان ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو پوشيده پهلو سامهون اچي ٿو ۽ هي محسوس ٿئي ٿو ته فطرت جو هي مخفي پهلو انساني تاريخ ۾ پنهن معيارن وارو ڪردار ادا ڪندو آيو آهي. هيءَ حقيقت آهي ته انسان شڪاري دور ۾ گهر ۽ شاديءَ جي تصور کان بي نياز ننگي زندگي گذاريندو هو ۽ جڏهن ڪهڙن به سببن ڪري نوع انسان ۾ زراعت جي رواج جنم ورتو، جنهن کان ذاتي ملڪيت جو تصور پيدا ٿيو ته گهر ۽ شادي جهڙن سماجي ڪاميابين کان علاوه سترپوشي جي رواج به جنم ورتو، جنهن متعلق چيو وڃي ٿو ته انساني جسم جي مخصوص حصن کي ڍڪڻ سان احساس جمال اکين، وارن ۽ چهري جي ٻين حصن ڏي منتقل ٿي ويو. جنهن جي نتيجي ۾ فن، موسيقي ۽ شاعريءَ جي حس بيدار ٿي ۽ انسان فن ۾ ارتقاءَ ڪرڻ لڳو.

پر ساڳئي وقت هن سچائي کان به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته فن، موسيقي ۽ شاعري هڪ پهلو کان ارتقاءَ جو رجحان هو ۽ ٻئي پهلوءَ کان انسان جو ستر پوشيءَ جي خلاف لاشعوري احتجاج به هو. اهوئي سبب آهي ته عمومن مصوري ۽ شاعريءَ ۾ عريانيءَ کي وڌيڪ چٽو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. جيئن ته انساني جبلتون پنهنجي پهرين حالتن ۾ واپس وڃڻ جي خواهش رکنديون آهن، تنهن جي ڪري تهذيب جي اجاره داري جبلي رجحانن جي خلاف جبري اطلاق هو، اهوئي سبب آهي ته تهذيب جي ڊگهي پرورش جي باوجود به لاشعور غير مهذب آهي. هي انساني ذهن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارليامينٽ ۾ اڄ به فطرت جو نمائندو آهي ۽ هو عجيب شڪلين ۾ پنهنجن مقصدن جي تڪميل شعور کان ڪرائي ونندو آهي. جنهن جو پهريون نتيجو تاريخ جي ڏکهي عمل کان پوءِ صنعتي دؤر جي شڪل ۾ تهذيب جو عريانيءَ ڏي واپسي آهي. اڄ جي ترقي پسند معاشري جي نفسياتي رجحانن کان سترپوشي شعوري طور رجعت پسند عمل ثابت ٿي چڪي آهي. اڄ عريان پسند معاشرا ارتقاءَ ڪري رهيا آهن، ستريوشيءَ جي جاءِ تي عرياني ارتقاءَ جي جدلي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي، يعني اسان شعوري طور فطري معاشري ڏي واپسي اختيار ڪري چڪا آهيون، جنهن کان انساني جذبن جي تڪميل بي روڪ حالت ۾ ٿي رهي آهي. ان ڪري جو هينئر انسان جسم جي جنسي عضون جي اهميت ڪي فطرت جي رهنمائيءَ کان سواءِ شعوري طور سمجهي ٿو ۽ ان جا سماجي قدر مقرر ڪري سگهي ٿو. جيئن ”ڊزائين ۽ ماڊلنگ“ تنهن جي ڪري هن جي ارتقا جي عمل ۾ ستريوشي غير ضروري ٿي چڪي آهي.

ان کان پهريون جو اسان ڪا واضح راءِ قائم ڪيون، هي سمجهڻ نهايت ضروري آهي ته واقعي، عرياني، صنعتي دؤر جي ارتقاءَ وارن ٻين سببن کان علاوه هي به هڪ سبب بڻيل آهي؟ ڇا عرياني جيڪا وحشي دؤر جي روايت آهي سا جديد دؤر جي ارتقاءَ جو سبب ٿي سگهي ٿي؟

هڪ سروي جي مطابق صنعتي دؤر جو ڪوبه اهڙو معاشرو جيڪو عرياني جي عمل ۾ وڌيڪ واضح ۽ اڳتي وڌيل آهي، اهو تخليق جي عمل ۾ به ان نسبت سان اڳتي ٻيڻو آهي! صنعتي دور جو ڪوبه اهڙو معاشرو جيڪو ترقي يافته آهي، اهو ستر پوشيءَ کان انحراف ڪندو ٿو نظر اچي ۽ جن معاشرن ۾ ستريوشيءَ جا جذبا جنهن نسبت سان قائم آهن، اهي سڀ ان تناسب کان پوئتي بيٺا آهن! ان ڳڻپ جو تناسب جي شڪل ۾ سامهون اچڻ هي ثابت ٿو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ته عرياني جي شڪل ۾ ارتقاءَ جو رجحان صنعتي دؤر جي جدلي خصوصيت آهي. جيڪڏهن فڪري پهلوءَ ڪان ٻه ڏسجي ته هڪ اهڙو معاشرو جنهن ۾ قديم روايتون ۽ مذهب جي تجاوز ڪيل اخلاقي دٻاءَ ڪان جنسي ٻک مستقل حيثيت ۾ قائم هجي، اتي فرد جي شخصيت اڌوريءَ حالت ۾ پنهنجي ماضيءَ ڪي اپيل ڪندي نظر ايندي ۽ جن معاشرن ۾ هڪ خاص انداز ڪان فطري لوازمات ”عريان“ جسم جي شڪل ۾ جنسي جذبن جي تسڪين جو سبب بڻيل آهن، اتي جذبات جو وهڪرو ٻه اعتدال ۾ ٿو رهي ۽ فرد پنهنجي شخصيت جي تڪميل مرحليوار مقرر وقت تي ڪري ٿو وٺي، جنهن جي ڪري هو جنسي هيجان ڪان نجات حاصل ڪري انتهائي مطمئن حالت ۾ تخليقي عمل کي جاري رکي سگهي ٿو.

سترپوشيءَ جي جنسي هيجان ڪان جاگيرداراڻا روايتن جي نفسياتي تڪميل ته ٿئي ٿي، پر صنعتي دؤر جي نفسيات ۾ وائڙائپ پيدا ٿي ويندي. ان لحاظ ڪان جو سترپوشي صنعتي دؤر جي مخصوص نفسيات، جنهن ڪان هوءَ نشو نما حاصل ڪري ٿي ضد بڻيل آهي، ساڳئي وقت هن سچائيءَ ڪان ٻه انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته فرد، پنهنجي اهم مسئلن ۾ ڪاميابي تڏهن حاصل ڪندا آهن، جڏهن انهن جي حاصلات ۾ لاشعور، شعور سان سهمت هوندو آهي. اهڙي طرح جذبن جو هي نفسياتي اتحاد معاشرتي ارتقا ۾ ٻه هڪ ڪرو رول ادا ڪندو آهي. جيئن ته صنعتي دؤر ۾ عرياني جو رجحان لاشعوري جذبن جي تڪميل جو سبب بڻيل آهي، تنهن ڪري ”نوعي لاشعور“ تاريخ ۾ پهريون دفعو ارتقاءَ جي عمل ۾ بجاءِ مداخلت ڪرڻ جي، شعور جي نشونما جو سبب بڻيل آهي يا صنعتي دؤر جي شڪل ۾ شعور، اهڙو حل تلاش ڪري ورتو آهي! يا انهن جذبن جو اتحاد پهريون ڪان طئي ٿيل فطرت جي منشا هئي. اهوئي سبب آهي ته صنعتي دور ۾ انتهائي تيز رفتاري سان ارتقا ٿي رهي آهي. ممڪن آهي ته هي لاشعور جي رضامندي سان گڏ فطرت

جو پنهنجو معيار به هجي. ان ڪري جو اسان هڪ پهلوءَ کان سماج جي اندر ستر پوشيءَ کان ارتقا ڪئي، جنهن جو سلسلو جاگيرداري، دؤر تائين مثبت رهيو ۽ ٻئي پهلوءَ کان اسان عرياني جي جذبن کان ارتقا ڪري رهيا آهيون. جڏهن ته هي وچون دؤر شڪاري دؤر کان جاگيرداري دؤر تائين، صرف هڪ ڪورس هو جنهن ۾ اسان ارتقا جو ڍنگ سکياسين. ۽ صنعتي دؤر، جذبن جي ميلاپ وارو دؤر آهي. اصل ڪردار اسان کي خلائي دؤر ۾ ادا ڪرڻو آهي، جنهن ۾ شعوري طور ڪائنات جي تسخير ممڪن ٿي سگهي ٿي.

هن وقت جيڪا حقيقت سامهون آئي آهي اها هي آهي ته جنسي قوت تاريخي تبديلين جي بنيادي محرڪن مان هڪ قوت آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ يقينا انساني سماج ۾ جبلتن جو ڪردار حالتن پٽاندڙ پنهنجا معيار به رکي ٿو. ڪن حالتن ۾ ساڳيو عمل مثبت آهي ۽ حالتن جي تبديليءَ کان منفي به ٿيو وڃي. لهاذا ستر پوشي ۽ عرياني جي مختلف زاوين کان مختلف نتيجن جو عمل محض اضافي نه آهي، بلڪ جبلتن جو ڪردار تخليقي طور اهو فطري جبر جي هيٺ ڇونه هجي پر انساني سماج ۾ شعوري دٻاءَ کان لچڪدار ٿي وڃي ٿو.

منهنجي خيال ۾ انسان جو سماجي وجود نه ”هيگل“ جي مجرد روح جو حصو آهي نه مارڪسي جدلي تضادن جو. بلڪ هي هڪ اهڙي پراسرار سچائي آهي جنهن جي ساخت ۾ فطرت کي شعور مليو. هي فطرت جي دائري ۾ رهندي به فطرت جي خلاف ورزي جا رجحان رکي ٿو. هي سمجهي ٿو ته فطرت جي چالو حالت کان دائمي مسرت، حاصل نٿي ڪري سگهجي ۽ ان اصول لاءِ هن لاشعوري طور مذهب جو سهارو ورتو ۽ هڪ ڊگهي عرصي جي لاحاصل ڪوشش کان پوءِ مايوس ٿي اڄ هن جو شعوري ڪردار صنعتي دؤر جي شڪل ۾ لاشعور سان سهمت ٿي رهيو آهي، يعني فطري جذبن جي تڪميل ”عريان تهذيب“ جي اهڙي شڪل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري رهيو آهي جنهن جي شڪل شعوري طور فطري هجي يا فطري دائري ۾ شعوري ٿي وڃي.

دراصل جنسي بک ڪان شاعرانه تخيل ۾ ارتقا ته ٿئي ٿي البته سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي ۾ تخليق جو عمل جنسي هيجان جي خاتمي ڪان سواءِ ممڪن نه آهي. اسان سمجهيون ٿا ته سترپرشيءَ جون روايتون صنعتي دؤر ۾ پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي چڪيون آهن. اسان سمجهون ٿا ته آرٽ، عقليت ڪان سواءِ انساني فطرت جو جذباتي ۽ هيجاني انداز ۾ نمائندگي ڪندو آهي. ان لحاظ کان جيڪڏهن معاشري ۾ خصوصن عورت جسماني نزاڪت ۾ روپوش رهندي ته معاشرو مستقل طور هيجاني رهندو ۽ ڪوبه هيجاني معاشرو سواءِ جاگيرداراڻا روايتن جي ٽيڪنالاجي ۾ ارتقا نه ڪري سگهندو.

موضوع جي فڪري تڪميل خاطر سگمنڊ، فرائيڊ جي هن راءِ متعلق جيڪو غلط تاثر ورتل آهي. ته ”ليبيڊو“ انسان جي اهڙي قوت آهي جيڪا خارجي حالتن جي موافقت ڪان سواءِ اندروني ڪيفيت ڪان فرد کي ارتقا ڪرائڻ جو سبب آهي، جي تشريح ضروري ٿي لڳي. ”لبيڊو“ يعني انسان جي ساختي صلاحيت جيڪا عملي دائري ۾ عضرياتي لذت ڪان پوءِ سڌريل شڪل ۾ ذهني لذت جو سبب بڻيل آهي. هيءَ خارجي دباءَ ڪان سواءِ اندروني ڪيفيت ۾ تبديل ٿيندڙ حرڪتن جو ڪوبه ارتقائي رخ، متعين نه ٿي ڪري سگهي. بلڪل ائين جيئن اک کي ڏسڻ جي صلاحيت سندس اندروني ڪيفيت ڪان مليل آهي. پر هيءَ خارج ۾ روشني جي موجودگي ڪان سواءِ ڏسڻ جو اندروني ڪردار ادا نه ٿي ڪري سگهي. اهڙي طرح لبيڊو به خارجي ماحول جي مطابقت ڪان سواءِ پنهنجي اندروني ڪيفيت ۾ فعال نه ٿو رهي سگهي.

تنهنجي ڪري لبيڊو کي اهڙي قوت تصور ڪرڻ جيڪا سواءِ خارجي جاذبيت جي صرف پنهنجي اندروني ڪيفيت ڪان تخليقي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمل کي جاري رکندي هجي. سائنس جي تلاش نہ آهي. ان حوالي کان صنعتي دؤر ۾ انساني لبيڊو کي ان جي مطابق استعمال ڪرڻ خاطر هي خوڊ سائنسي اصول آهي تہ عرياني کي ممڪن حد تائين سترپوشيءَ تي اوليت ڏني وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جبلت موت

هي پراسرار ۽ هڪ لحاظ کان دلچسپ انڪشاف، ته انسان ۾ موت جي جبلت به ٿيندي آهي. علم نفسيات جي ”موجد“ سگمنڊ فرائيڊ، آخري عمر ۾ ڪيو. جڏهن ٿڪاوٽ ۽ بيمارين هن جي وجود کي زندگي کان فراريت تي آماده ڪري ڇڏيو هو، ان لحاظ کان ممڪن آهي، فرائيڊ نفسياتي بيماري جو شڪار ٿي ائين سوچيو هجي.

پر فرائيڊ جهڙي اعليٰ ۽ علمي شخصيت جنهن اعتماد سان اها ڳالهه ڪئي آهي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي لکيو آهي ته ”جبلت موت“ جو احساس مون کي پهريون کان ٿيڻ کپندو هو. هينئر وقت نه بچيو آهي جو اهڙي موضوع متعلق باقاعدگي سان تجزيو ڪري سگهجي. اهڙي صورتحال جي پيش نظر، هن اهم انڪشاف کي غيراهم سمجهڻ يا فرائيڊ جي عمر ۽ بيماري کي سبب بنائڻ (جڏهن ته فرائيڊ جي پيش رو ذهين شاگردن فرائيڊ جي موقف جي تصديق ڪئي آهي) غلط ٿو لڳي. ۽ ساڳئي وقت هي معمولي انڪشاف به نه اهي جنهن کي فوري طور قبول ڪري ڇڏجي.

اسان جي علم ۾ هجڻ گهرجي ته اسان جڏهن هي چئون ٿا ته انسان ۾ موت جي جبليت موجود آهي. تڏهن اسان دراصل هي قبول ڪري رهيا آهيون، ته موت جو عمل زندگي لاءِ جبري نه آهي. بلڪ موت زندگي جي پنهنجي اندروني خواهش به آهي. يعني اسان جي خواهشن جي تڪميل جي هڪ شڪل موت به آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جڏهن اسان تجرباتي زندگي ۾ اهڙي تصديق پنهنجن جذبن کان گهرون ٿا، ته جواب نفي ۾ ئي ملي. بلڪ زندگي پنهنجن روين ۽ اظهار ۾ موت کان فرار ٿي ڪري. جيئن ته زندگي وٽ ٻه آفاقي ذريعا آهن. جنهن کان هوءَ پنهنجي اردگرد جي فطري ماحول کي سمجهندي آهي ۽ ان جي مطابق هوءَ پنهنجو سماجي ڍنگ متعين ڪندي آهي، هي ٻه جذبا آهن، جبلت ۽ شعور، جڏهن ته هي ٻئي جذبا جيڪي ماحول کي، منفي ۽ مثبت، سمجهڻ جا واحد انساني ذريعا آهن. موت جي تصور کي انتهائي خوفناڪ ۽ زندگي لاءِ مهلڪ قرار ٿا ڏين ۽ هو موت کان بيحد خائف آهن، هي جدا ڳاله آهي ته واقعات ۽ حالات جي دٻاءَ کان انسان زندگي کان دستبردار ٿي ٿو وڃي ۽ خودڪشي ڪري ٿو ڇڏي. پر اهڙي حادثاتي عمل کي جبلي تسلسل ته نه چئبو. جبلي تسلسل جو مطلب آهي ته زندگي طبعي اصولن جي مطابق موت جي خواهش رکندي هجي. جنهن جا آثار عام حالتن ۾ تجربي ۽ مشاهدي کان نٿا ملن. ان حوالي کان هي سمجه ۾ نٿو اچي ته فرائيڊ ۽ انهن جي شاگردن ڪهڙي اصول کان، اهڙي روپوش محرڪ جي تصديق ڪئي آهي. يا ته جبليت مان جيڪا مراد فرائيڊ جي پيش نظر هئي، اها اسان جي جبلت واري عام تصور کان مختلف آهي، جنهن جي ڪري موضوع مبهم ٿو محسوس ٿئي. ان لحاظ کان بهتر آهي ته پهريون اسان جبلت جي موضوع کي چڱي ريت سمجهون، ته جبلت ڇا آهي؟ منهنجي خيال ۾ سوچڻ جي مثبت شڪل هي هجڻ کپي ته پهريون اسان جبلت متعلق معاشري ۾ مروج اصطلاحن کي پيش نظر رکون. جنهن کان اسان کي انهن روين جو علم ٿيندو، جيڪي جبلت متعلق معاشري ۾ پنهنجو پاڙ جڙي چڪا آهن. ان ڪري جو ڪن حالتن ۾ اهڙي خودڪار عمل کي فلسفي جي دنيا ۾ وڏي اهميت حاصل ٿي رهي آهي.

عام ماڻهن ۾ جبلت جو مفهوم ٽن شڪلين جو هوندو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) جذبو (2) خواهش (3) صلاحيت. سمجهڻو هي آهي ته اهي ٽئي شڪليون جبلت جو حقيقي مفهوم آهن، يا انهن مان ڪا هڪ جبليت جي تشريح لاءِ ڪافي آهي. جيڪڏهن قبول ڪجي ته اسان وٽ مرڻ لاءِ جذبو آهي ۽ اهو ائين آهي جيئن جنسي جذبو هوندو آهي ته پوءِ تضاد يقين شديد ٿي ٿا وڃن. هڪ پهلوءَ کان ڏسجي ته خواهش ۽ جذبي ۾ بنيادي فرق هي به هوندو آهي ته خواهشون محدود ۽ معتدل به ٿينديون آهن ۽ جذبا هميشه شدت جو تاثر ڏيندا آهن. جانور ڪڏهن به رضاڪارانه طور تي پنهنجن جذبن تان دستبردار نه ٿيو آهي. ڪمزور ڪتو ڪڏهن به رضاڪارانه طور پنهنجي ”مادي“ کي ٻئي ڪتي جي حوالي نه ڪندو آهي. هي انسان جي تهذيبي ڪمتري آهي. جنهن ۾ فرد پئسن جي خاطر پنهنجي جنس مخالف کي پاڻ جهڙي هم جنس جي حوالي ڪندو آهي. اهڙي صورتحال جي پيشنظر، ”نطشي“ چيو هو ته انسان، تهذيب جي شڪل ۾ ’حيوان‘ جي اعليٰ خصوصيات کي به نظرانداز ڪري ويو آهي. منهنجي خيال ۾ واقعاتي لحاظ کان ائين ضروري ٿيو آهي. پر ان وقت ’نطشي‘ هڪ بنيادي سوچ کي نظرانداز ڪري ويو آهي. ته جيڪڏهن تهذيب جي شڪل ۾ هر فرد کي مضبوط انا ملي ها يا جڙي ها ۽ هي سڀ بهادر هجن ها، ڪوبه پنهنجي انا تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿئي ها ته يقينا انساني نسل جو خاتمو ٿي چڪو هجي ها. ته پوءِ چا هي قبول ڪجي ته اڄ جو نسل ماضي جي بزدل انسانن جي بدولت موجود آهي. اسان جا جذبا ان سچائي کي قبول ڪرڻ کان ڪيترو به لنوائن، پر اها هڪ تاريخي حقيقت آهي. پر جيئن ته هي بحث اسان جو هلندڙ موضوع نه آهي. تنهنڪري ڪنهن ٻئي فرصت ۾ اهڙي تجزيي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين- لهاذا اسان پنهنجي موضوع تي واپس اچي رهيا آهيون. حقيقت هي آهي ته جيڪي اصطلاحون پنهنجو پاڻ جبلت متعلق جڙي چڪيون آهن. اهي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبلت جي ترجماني ٻه ڪن ٿين مثلا جڏهن حيوان پنهنجي ٻچي کي تحفظ ڏي تڏهن هو محبت جي جبلي جذبي جو استعمال ٿو ڪري، ۽ جڏهن هو نسل خيزي ٿو ڪري تڏهن هو پنهنجي صلاحيتن کي پنهنجن خواهشن جي مطابق استعمال ٿو ڪري. پر انهن سڀني ڪيفيتن کان ڪا اهڙي علامت واضح نٿي ٿئي. جيڪا موت کي پنهنجن خواهشن جو حصو سمجهندي هجي.

پر فرائيڊ جي تصور کي جنهن تخيل جي دنيا ۾ 'لاشعور کي تلاش ڪري نفسيات جي دنيا ۾ اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي جيڪو يقينا تاريخ ۾ ڪولمبس جو آمريڪا کي تلاش ڪرڻ واري ڪارنامي کان وڌيڪ حيثيت ٿو رکي. تنهن کي رد نٿو ڪري سگهجي.

منهنجي خيال ۾ فرائيڊ نفسيات جي هڪ آسان پهلو کي نه صرف دير سان سمجهيو. بلڪ ان جي لڪل پهلو کي به واضح نه ڪري سگهيو. هو جيڪڏهن انسان ۾ موجود جبلتن جي متضاد تضادن کي پيش نظر رکي سوچي ها ته يقينا هو موت جي جبلت کي، انسان ۾ چڱي ريت تلاش ڪري وٺي ها. فرائيڊ جبلت موت، جي متعلق مبهم وضاحت ڪندي صرف ايترو واضح ڪيو هو ته انسان لاشعوري حالت ۾ پنهنجي ماضي ۾ وڃڻ جي يعني پنهنجي پهرين حالت ۾ وڃڻ جي شديد خواهش هيٺ زندگي گذاريندو آهي. پر هو هي واضح نه ڪري سگهيو ته اهڙو احساس انسان کي زنده رهڻ جي جبلت جيئان شعوري طور ڇو نٿو ٿئي.

حقيقت هي آهي ته جبلتون تضادن جي شڪل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. جيئن روئڻ ۽ کلڻ، غم زده ٿيڻ ۽ مسرت حاصل ڪرڻ، نفرت ۽ محبت، اقتدار ۽ خود سپردگي يعني جبلتن ۾ خود تضاد آهن هر جبلت جي مثبت شڪل تڏهن واضح ٿيندي آهي جڏهن هن جي منفي جبلت پنهنجو اظهار ڪندي آهي. ان لحاظ کان زنده رهڻ جي جبلت جو ضد موت جي جبلت کان سواءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿـو. بنيادي طور جنهن صورتحال مسئلي کي مبهم ۽ پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي اهو آهي جبلتن جو احساسي تاثـر يا رويو. مثلا مسرت جي جبلت شديد خواهش جي شڪل ۾ پنهنجو اظهار ڪندي آهي، پر ان جو ضد ”افسردگي“ خواهش جي شڪل ۾ پنهنجو اظهار نہ ٿي ڪري، بلڪ جبري حالت ۾ پنهنجو تاثـر پيش ڪري ٿـي. جڏهن تہ ٻـئي جبلتون آهن. بس، متضاد جبلتن جي اظهار ۽ عمل ڪرڻ جا رويا ۽ شڪليون متضاد ۽ مختلف بڻيل آهن. جيئن زنده رهڻ جي خواهش مسرت جي اعليٰ قدرن جو نمونو آهي. تيئن موت جي جبلت نجات جو اعليٰ ذريعو آهي. جيئن روئڻ اسان جي خواهش نہ آهي، بلڪ جبلت ضروري آهي. ان لحاظ کان جبلت جي مڪمل تشريح صرف جذبن ۽ خواهشن کان مڪمل نہ ٿي ٿئي بلڪ هيءَ هڪ صلاحيت بہ آهي. يعني زنده رهڻ جي اسان وٽ خواهش آهي ۽ مرڻ جي اسان جي ساخت کي ضرورت آهي. جنهن جي تڪميل جبلت صلاحيت کان ڪري ٿـي. جنهن جو پوشيده سبب آهي بقول فرائيڊ پنهنجي پهرين حالت ۾ موٽـي وڃڻ جي خواهش.

حقيقت هي آهي تہ اسان مرڻ جي لاشعوري طور شديد خواهش رکون ٿـا. ان ڪري اسان جنگ، نشي ۽ سماجي تشدد کان سرور حاصل ڪندا آهيون. جيڪڏهن فرائيڊ چوائي تہ انسان پنهنجي پهرين حالت ۾ وڃڻ جي شديد خواهش هيٺ زندگي گذاري ٿـوتہ پوءِ هي بہ قبول ڪرڻو پوندو تہ انسان جون جبلي صلاحيتون فطري منشا کي وجداني طور سمجهن ٿـيون. پهريون هي خيال ڪيو ويندو هو تہ موت يعني تبديلي فطرت جو جبري عمل آهي ۽ زندگي نہ چاهيندي بہ ان جي سامهون بي وس آهي، پر جڏهن اسان جي علم ۾ هي حقيقت آئي تہ فطرت جي اهڙي تبديلي جنهن کي موت چئون ٿـا، جبر نہ آهي. يعني هڪ طرفو فيصلو نہ آهي جڏهن تہ منشا ۽ فطرت خود منشا ۽ زندگي آهي، تہ پوءِ ڇا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جي پوشيده خواهشن ۾ فطري منشاءَ جي هن ربط ۾ هڪ ڪرائي ڪان هي واضح نہ ٿو ٿئي تہ زندگي ۾ موت حادثاتي عمل نہ آهي، بلڪ هڪ خوشگوار تسلسل آهي جيڪو مقصديت رکي ٿو. لهاذا انسان موت جي شڪل اختيار ڪرڻ کان پوءِ بہ پنهنجي جوهر ۾ موجود آهي.

جبلت موت جو، هي پراسرار پهلو تہ زندگي فطري منشاءَ سان خود سهمت آهي، ڪنهن عظيم انڪشاف جو پيش خيمو ثابت ٿي سگهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موت جي سڏريل شڪل

جڏهن موسم متبي آهي تڏهن خوشيون زنده رهڻ لاءِ اڪسائينديون آهن. پر تجربيڪار ”جبلت“ يعني پوڙهو انسان، نہ صرف عقل ڪان بلڪ پنهنجن جذبن ڪان بہ زندگي جي اهڙي اڪسائڻ ڪي عارضي سمجهندي، ڪجهہ لمحن لاءِ مايوس ٿي ويندو آهي ۽ هي لمحا جڏهن مستقل ٿي ويندا آهن تڏهن ان ڪي زندگي نہ بلڪ موت جي سڏريل شڪل چئبو آهي.

فڪري ارتقا ۾ پوشيده انساني زندگي جو الميو، موت جو طبعي احساس بہ آهي. جيڪو ڪن غير يقيني خواهشن ڪي جڏهن يقيني محسوس ڪرائڻ لڳندو آهي، تڏهن اسان ان ڪي موت جي سڏريل شڪل چوندا آهيون.

انسان جڏهن جواني جي الجهيل رنگينين مان نڪري، پوڙهائپ جي سلجهيل ويراني ۾ ايندو آهي. تڏهن زندگي هن ڪي رنگين دلچسپن جي ابتڙ، خوفناڪ سچائي جيان نظر ايندي آهي. تڏهن اسان ان ڪي موت جي سڏريل شڪل چوندا آهيون.

جڏهن پوڙهائپ ڪي محبت جي وڃائي ويهڻ جي خوف ڪان جواني جون بيقرار راتيون ياد اينديون آهن، تڏهن اسان ان ڪي موت جي سڏريل شڪل چوندا آهيون.

موت جي سڏريل شڪل مان مراد، موت جو قسم يا مادل نہ آهي، بلڪ زندگي جي اهڙي نيستيءَ واري صورت آهي، جيڪا عمر، بيمارين ۽ نفسياتي هيجان ڪان جنم وٺندي آهي. هي ڪن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتن ۾ اهڙي سنگين شڪل اختيار ڪري ويندي آهي، جنهن ڪي جيڪڏهن موت نه به چئجي ته اها زندگي چوائڻ جي لائق به نه هوندي آهي. البته اهڙي صورتحال کي موت جي سڊريل شڪل چئجي ته غلط نه ٿيندو.

انسان جڏهن اهڙي، مرحلي ۾ داخل ٿي ويندو آهي، تڏهن ان جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جا انداز به معاشرتي نه رهندا آهن. بلڪ هو موت ۽ زندگي جي راز کي پنهنجي شعبي ۽ طبيعت جي مطابق سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن هڪ اديب تي اهڙو مرحلو ايندو آهي ته هو ان کي ناوليت انداز ۾ سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ۽ پنهنجي تسلي لاءِ ڪنهن ڪهاڻي جو سهارو وٺندو آهي. هو يقينا مقبول ناول ”عاشي“ جي ليکڪ جيان سوچيندو هوندو ته موت ٿيندو ئي ناهي، صرف تبديلي ٿيندي آهي. فطرت ۾ انسان وانگر حياتياتي روح موجود آهي. بس جيڪو اهو حياتياتي روح حاصل ڪري وٺي ٿو، سو فطرت جيڏي حياتي ماڻي ٿو.

۽ جڏهن اهڙو مرحلو ڪنهن شاعر تي ايندو آهي ته هو ”شيخ اياز“ جيان به ٿي ويندو آهي.

ماڻ، جيتري ماڻي سگهين چو ته
زندگي هڪ دفعو ايندي آهي
بس پوءِ هڪ وڏي ڪڏم هڏا ۽ مٽيءَ کان
سواءِ ڪجھ به نه آهي. ”شيخ اياز“

شيخ اياز جي زاويي کان جيڪڏهن ڏسجي ته ائين محسوس ٿيندو ته شاعر حالات سان سمجهوتو نه ڪري سگهندو آهي. يا ته هو بي تحاشا خوشيءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي. يا ضرورت کان وڌيڪ مايوس. عموما شديد افسردگي جي مرحلي ۾ هو صرف ماضي کي اپيل ڪندو نظر ايندو آهي. ساڳئي وقت شاعر جو ڪو به هڪ نقطئہ نظر نه هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو ائين ڪرڻ سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي لا ابالي پڻ ۽ رنگين مزاجيءَ جي بلاڪ ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي ويندو آهي. حقيقت هي آهي ته شاعر جو موت تهذيب جي دلچسپ الميو آهي.

سچائي هي آهي ته انسان ڪائنات جي اندر انتهائي مظلوم هستي آهي. هو پنهنجي متعلق بدترين حالتن جو به شعور رکي ٿو. جيئن ته هو جانورن جي ابتڙ طبعي موت جو ادراڪ رکي ٿو. تنهن جي ڪري هو زندگي جي خوشگوار لمحن ۾ به مايوس ٿي ويندو آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ فطرت جي تعاون کان سواءِ هو پاڻ کي پاڻ مطمئن ڪرڻ جو ذريعو بڻيل هوندو آهي. خصوصا هڪ اهڙي زندگي جيڪا باشعور حالت ۾ فطرت جي اٽل فيصلن کي تهذيب جي شائستگيءَ سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪري چڪي هجي. يقينا ان وقت وڌيڪ مظلوم محسوس ٿيندي، جڏهن زندگي موت جي سڌريل مرحلي ۾ داخل ٿي ويندي آهي. هن مرحلي ۾ انسان شعوري طور، مرڻ لاءِ به تيار ٿي ويندو آهي ۽ اهڙي آمادگي جي هڪ شڪل، خوف ۽ فرار جي نفسياتي دٻاءَ کان به جڙندي آهي. يعني فرد گهڻو وقت اهڙي بي يقيني واري حالت ۾ رهڻ قبول نه ڪندو آهي. يا هو خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي، يا هن جو ذهن موضوع کي ان جي حقيقي صورت ۾ سمجهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي. يعني هو پاگل ٿي ويندو آهي. ان لحاظ کان انسان جو حقيقي الميو ان وقت پنهنجي اصل شڪل ۾ سامهون ايندو آهي جڏهن انسان موت جي سڌريل شڪل ۾ ڪن اٽل حقيقتن کي قبول ڪرڻ کان پوءِ به حالات سان مقابلي يا سمجهوتي لاءِ دليل جو سهارو وٺندو آهي.

اهڙي مرحلي ۾ جيڪي فرد زندگي کي، سنگين حالات سان سمجهوتو ڪرڻ لاءِ آماده ڪندا آهن. اهي ماڻهو دراصل هڪ اعليٰ مقصد خاطر جيئڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي اعليٰ مقصد جو هڪ پهلو هي به هوندو آهي، ته فرد زندگي ۽ موت جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسرار کي عقلي حالت ۾ سمجھڻ ۽ مشاهدي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته هي موت، هي زندگي، خوشي ۽ وري افسردگي، هي سڀ ڇا آهي؟ حقيقت هي آهي ته جيستائين اسان هي نه ٿا سمجهي سگھون ته زندگي ڇا لاءِ آهي، ڪنهن جي ۽ ڪهڙي مقصد جي تڪميل لاءِ ”حرڪت“ کي شعور مليو، تيستائين اسان زندگي جو آفاقي رشتو مقصديت جي حوالي کان واضح نٿا ڪري سگھون. جيڪڏهن انساني ساخت ۾ فطرت کي شعور ڪنهن مقصديت لاءِ ڏنو ويو ها، ته يقينا ان هستي کي جنهن کي شعور ڏنو ويو، پنهنجي ٽارگيٽ کان آگاهي ڪرائي وڃي ها. پر اهڙي ڪنهن به رمز کان انسان، شعوري ۽ جبلي طور اڄ به واقف نه آهي. بلڪ انتهائي دلچسپيءَ واري حالت ۾ مقصديت هن جي اڄ به تلاش آهي. هي هن وقت تائين نه سمجهي سگھيو آهي، ته زندگي خود هن جو پنهنجو مقصد آهي. يا هي ڪنهن ٻئي هستيءَ جي آلهء ڪار آهي، جنهن پنهنجي مقصد جي تڪميل خاطر هن کي ذريعو بڻايو آهي.

جيڪڏهن اهو سڀ ڪجھ ائين نه آهي، ته پوءِ هي سمجھڻ ۾ اعتراض ڪرڻ جو پهلو ڪمزور ٿي ٿو وڃي، ته هي سارو پيچيده سلسلو صرف حادثاتي آهي؟ ڇا بس ائين سمجھڻ گھرجي، ته انسان ۽ ڪائنات جي هن ساري اسرار ۽ جاکوڙ جو ڪو به مرڪزي ڪردار نه آهي؟ الائي ڇو اسان جون خواهشون اهو سڀ ڪجھ ائين مڃڻ لاءِ تيار نه آهن ته هي واقعاتي تسلسل صرف اسان جو حادثاتي الميو آهي. اسان اهو سڀ ڪجھ نه سمجڻ واري حالت ۾ جڏهن خود زندگي کان پڇندا آهيون، ته تون ڇا آهين؟ ته زندگي خود سوال بڻجي ويندي آهي، هڪ اهڙو سوال، جنهن کي شعور اڄ تائين مطمئن نه ڪري سگھيو آهي. اسان کي اڄ تائين جيڪو ٻڌايو ۽ سمجھايو ويو آهي، ته مادو، قديم ۽ ازلي آهي، هي هميشه تغير جي حالت ۾ رهي ٿو ۽ عنصر جيڪي هن جي خمير ۾ پهريون ڪان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود آهن. انهن جي هڪ خاص حالت ۾ اچڻ ڪان زندگي ظهور ۾ اچي ٿي، اهڙي طرح زندگي عنصرن جي هڪ خاص حالت جو مخصوص اظهار آهي. پر جيئن ته زندگي خود عنصر نه آهي، يعني پاڻياٺ، گئس ۽ ٺوس جيان خود ڪا شيءِ نه آهي. بلڪ هي مختلف عنصرن جو گڏيل ڪيميائي مظاهرو آهي. جيڪو هڪ وقتي ڪردار ادا ڪري وري پنهنجي پهرين حالت يعني عنصرن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. ان حوالي ڪان زندگي ڪا اهڙي شيءِ نه آهي جنهن مان ڪا ٻي شيءِ ٺاهي سگهجي لهاذا هن جو ڪو فطري تضاد نه آهي.. موت صرف نالو آهي مادي جو، پنهنجي پهرين حالت ۾ واپس ٿيڻ جو. جيئن ته مادي کي موت نه ايندو آهي، موت مادي ۽ ڊيزائن جو ٿيندو آهي، پر زندگي جنهن حالت ۾ اظهار ڪيو آهي، ان جو هڪ وسيع پسمنظر به آهي. هوءَ صرف مادي ۽ ڊيزائن نه آهي، بلڪ هڪ خودمختيار ڪردار به آهي، جيڪو پنهنجي تخليق ڪندڙ تي اعتراض ڪرڻ ڪان سواءِ پنهنجي اندروني ڪيفيت جي ادراڪ ڪرڻ جي صلاحيت به رکي ٿو. لهاذا هن زندگي جو ڪو مقصد هجڻ گهرجي، جيڪو جيڪڏهن آفاقيت ڪان واضح نه ٿي سگهيو آهي. تڏهن به هن جو هڪ فطري جواز ملي ٿو. اهو هي ته فطرت خود پاڻ کي سمجهڻ گهري ٿي. بقول ”هيگل“ فطرت اهو روح آهي جنهن کي پنهنجي روح هجڻ جو شعور نه آهي.

بلڪ مان چوندس ته فطرت هڪ اهڙو خودڪار تخليقي نظام آهي، جنهن کي پنهنجي نظام هجڻ جو شعور نه آهي. پر جڏهن انسان جي مادي ۾ فطرت ڪان شعور تخليق ٿي ويو يا هن جي ديرينا خواهش جي تڪميل ٿي ويئي يا ڪري ورتي تڏهن هن جي هڪ ”اڪائي،“ کي پنهنجي وجود جو شعوري احساس ٿيڻ لڳو، لهاذا زندگي جو مقصد خود زنده رهڻ ۾ پوشيده ٿي ويو. اسان جي سڀني خواهشن، خوف ۽ اسرار جا سڀ پهلو اسان جي مستقل بقا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان مڪمل ٿين ٿا. اهوئي سبب آهي جو زندگي جي تسلسل کي قائم رکڻ نہ صرف اسان جي جبلي خواهش بلڪ شعوري بہ آهي.

شعوري حالت ۾ اهو سڀ ڪجھ سمجھڻ ڪان پوءِ موت جي سڏريل شڪل واري ڪيفيت ۾ انسان زندگي سان ڪھڙن شرطن تي سمجھوتو ڪري سگھي ٿو؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هندي تمدن، موسيقي ۽ ارتقا

هي دلچسپ خيال ته جيڪڏهن هندي تمدن ارتقا نه ڪئي آهي يا هن جي ارتقا جي رفتار سست رهي آهي، ته ان جو هڪ سبب، هندي تمدن ۾ موسيقيءَ جي وافر ۽ بيجا استعمال جو نتيجو به ٿي سگهي ٿو؟ ڪيتري قدر سچائيءَ جو پسمنظر رکي ٿو!! البت مان جنهن پهلوءَ کان، موسيقي جي بيجا ۽ گهٽي استعمال کان هندي سماج تي مرتب ٿيل اثرن جو فطري تجزيو ڪيو آهي اهو آهي هندي سماج جو دفاعي صلاحيتن ۾ ڪمزور ٿي وڃڻ ۽ عام حالتن ۾ سماج جو غير فطري تصورن تي مطمئن ٿي وڃڻ. جنهن جي نتيجي ۾ نه صرف پنهنجي ماضي ۾ بلڪ هلندڙ مرحلي ۾ به هن دنيا جي ڪيترن ئي سماجن کان پوئتي نظر اچي ٿو.

ماضيءَ ۾ هندي تمدن جي ارتقا نه ڪرڻ جا ڪهڙا اسباب هئا، جيڪي هن وقت به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا نظر اچن ٿا. مثلا جديد ٽيڪنالاجي ۾ هندستان، پاڪستان، بلڪ تقريبا سارڪ جي سيني ملڪن (جيڪي تاريخي طور تمدن هند جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا) ڪا به اهڙي نوعيت جي ايجاد نه ڪئي آهي، جنهن کي ارتقا جي بئلنس ۾ مثال طور پيش ڪري سگهجي. جيڪڏهن ڪا مختصر ايجاد ٿي به آهي ته ان جي حيثيت ايتري ته ڪمتر ۽ محدود رهي آهي، جنهن کي ڪنهن به لحاظ کان هن تيز رفتاري واري دؤر ۾ تقابلي تناسب طور پيش نه ٿو ڪري سگهجي. چائنا اسان کان پوءِ آزاد ٿي پر ٽيڪنالاجي ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ اسان کان گهڻو اڳتي نڪري ويئي آهي. اهڙي طرح ايشيا کنڊ جا ٻيا ملڪ جهڙوڪ جپان، ڪوريا، ويٽنام به اسان کان گهڻو اڳتي نڪري چڪا آهن. جپاني ته يورپ جي نقل ڪرڻ تائين محدود نه رهيا، بلڪ ڪيترن ئي پهلوئن کان ايجادات جي عمل ۾ يورپ کي به مات ڏئي چڪا آهن.

جيڪڏهن هن خيال کي اوليت به ڏجي ته جيڪي ملڪ يورپ جي تصرف ۾ رهيا انهن کي دانسته طور اهل يورپ، ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ پوئتي رکيو، جنهن جي ڪري هو ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ باقي دنيا سان نسبت قائم ڪري نه سگهيا، ته پوءِ سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته هانگ ڪانگ، ويٽنام، سينگاپور وغيره جيڪي ايشيائي ملڪ هجڻ جي ناتي يورپ جي تصرف ۾ به رهيا. انهن ڪهڙي پس منظر کان زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ ارتقا ڪئي. اهڙي طرح هندي تمدن جي ماضيءَ جو جائزو وٺي ڏسو ته نتيجا اڄ جي صورتحال کان به بدتر نظر ايندا. آخر ڇو؟ اهي ڪهڙا فطري اسباب آهن، جيڪي ارتقا جي عمل ۾ هندي تمدن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيندا آيا آهن ۽ هن وقت به ان جي اثر کان هندي تمدن متاثر نظر اچي ٿو. لهاذا هندي تمدن ۾ موجود ڪنهن فطري نقص جي تلاش ۾ اسان مارڪس جي هن راءِ کان بحث جو آغاز ڪنداسين، جنهن ۾ مارڪس قبول ڪيو آهي ته هندي معاشري تي هزارن سالن کان جمود تاري آهي ۽ ان سوال جو جواب به هن تاريخي ماديت جي روشنيءَ ۾ معيشت مان تلاش ڪيو آهي. مارڪس جو چوڻ آهي ته هندستاني معاشري جي ڪا به تاريخ نه آهي يعني هتان جو معاشرو ترقي پذير نه هو. هن جي تاريخ دراصل مختلف حملا آورن جي تاريخ آهي، جن هڪ ٻئي پويان سلطنتون قائم ڪيون پر معاشري جي نوعيت اها ئي رهي. هندستان جو ماضي سياسي پهلوءَ کان ڇاهي ڪيترو به بدليل نظر اچي، پر سماجي حالت ۾ قديم دؤر کان 19 صديءَ جي شروعات تائين ڪوئي فرق

نہ آيو. مارڪس جي خيال ۾ ان جمود جا ٻہ سبب هئا.

1ـ ڳوٺن جو خود ڪفيل سماجي نظام.

2ـ زرعي پئداوار جو طريقو.

پهرين سبب جي وضاحت ۾ مارڪس چيو آهي تہ هر ڳوٺ هڪ خود مختيار ۽ خود ڪفيل جمهوريت هوندو هو، هر ڳوٺ ڪي پنهنجو اڳواڻ يا پٽيل هوندو هو، هر ڳوٺ ۾ زندگيءَ جا سڀ لوازمات ميسر هوندا هئا، يعني ڳوٺاڻا ضرورت ۽ حاجت ڪي پوري ڪرڻ لاءِ ٻاهر واجهائڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪندا هئا. مثلا هر ڳوٺ ۾ لوهر، حجم، ڌوٻي، مندر، مسجدون، مدرسا، حوتشي، ميراسي ڪنيار، حڪيم ايستائين جو عدالتي نظام وڏيرن جي شڪل ۾ موجود هو. جنهن جي نتيجي ۾ علائقائي رابطا محدود ٿي ويا ۽ انساني ذهن ننڍن ننڍن دائرن ۾ ورهائجي ويو روايتي ضابطن جي غلاميءَ مان نہ نڪري سگهيا، مستقل طور وهم پرستيءَ جو شڪار ٿي ويا ۽ هنن جو دفاع هر قسم جي بلند خيالي ۽ تاريخي توانائين کان محروم ٿي ويو. هندستان جي معاشري تي جمود جو هڪ وڏو سبب هي بہ هو تہ هتي زمين هاريءَ جي ذاتي ملڪيت نہ هئي، جنهن جي نتيجي ۾ هاري، زراعت ۽ زرعي پئداوار کي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

مارڪس تمدن هند جي جمود جي تلاش ڳوناٽي زندگي جي هڪ خاص انداز ۽ هاري جي عدم دلچسپيءَ ۾ ڪئي آهي. جڏهن تہ هڪ جهڙي معيشت مان هڪ جهڙا نتيجا نہ ملندا آهن ۽ نہ مارڪس جي دعويٰ جي حمايت ۾ هندستان کان هڪجهڙا اطلاع ملن ٿا. جيئن تہ پوري هندستان ۾ ڳوناٽي زندگيءَ جا انداز هڪ جهڙا نہ آهن. مختلف صوبن ۾ ڳوٺن جي خود ڪفيل هجڻ جي تصديق نہ ٿي ٿئي ۽ نہ ئي مارڪس جي خود ڪفيل ڳوناٽي زندگي جي فارمولا جي تجربو حمايت ڪري ٿو.

جيڪڏهن هندي ڳوٺن جي خود ڪفيل هجڻ جي ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دائرن ۾ ورهائجي چڪو هو، جنهن جي ڪري هن جا علائقائي رابطا محدود ٿي ويا هئا، تہ پوءِ ”ٻڌ ڌرم“ جي پرچار کان هندي معاشرو هڪ ئي دؤر ۾ اجتماعي طور ڇو متاثر ٿيو؟ ۽ ڇو ”برهمڻي“ مذهب کان اجتماعي طور شڪست کائي ويو؟ حاصل مقصد تہ اجتماعي تحريڪن کان هندستان جا ڳوناڳا پنهنجن دائرن ۾ رهندي بہ متاثر ٿيندا هئا ۽ نتيجا بہ ڏيندا هئا.

اهڙي طرح هندستان ۾ هاري جي حيثيت زراعت جي لحاظ کان بہ هڪجهڙي نہ رهي آهي، هندستان جي ڪيترن صوبن ۾ جاگيردار ڪمزور. ۽ هاري ڪنهن حد تائين خود ڪفيل بہ رهيو آهي. پر انهن معاشرتي اختلافن جي باوجود بہ هندستان تي تمدني پسماندگيءَ جا اثر هڪ ڪرا مرتب ٿيل نظر اچن ٿا، خاص ملڪي دفاع ڪرڻ ۾ هندستان اجتماعي طور افسوسناڪ حد تائين ناڪام رهيو آهي. جنهن کان هي خيال قوي ٿي وڃي ٿو تہ هندي تمدن تي جمود جو ڪارڻ جنهن کان پورو هندستان هڪجهڙا نتيجا ڏيندو هجي اجا ڪو ٻيو بہ ٿي سگهي ٿو. سچائي هيءَ آهي تہ اسان جن محرڪن کي معمولي سمجهي نظر انداز ڪندا آهيون يا ڪن غير معمولي سببن جي ڪري ڪابہ اهميت نہ ڏيندا آهيون اهي دراصل معاشري جي اندر فيصلہ ڪن ڪردار بہ ادا ڪندا آهن جيئن ”موسيقي جو فن“

منهنجي خيال ۾ موسيقي جو وافر ۽ بيجا استعمال، پوري هندستان ۾ هڪجهڙو رهيو آهي. هن جي لطافتن ۽ سحرانگيزي پوري معاشري کي نہ صرف حساس بڻائي، فطري جذبن کان پري رکيو آهي. بلڪ ايب نارمل حد تائين هنن کي امن پسند بہ بڻائي ڇڏيو. البت ائين ضرور آهي تہ ”زراعت پيشہ“ قومون جنگجو نہ هونديون آهن ۽ انهن ۾ موسيقي، ناچ ۽ امن پسندي جا لاڙا وڌيڪ هوندا آهن. پر هندي سماج جو فطري نقص صرف زراعت کان بہ نبرندو نظر نہ ٿو اچي. ان ڪري جو دنيا جون ڪافي زراعت پيشہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومون جيئن ايران، عراق ۾ چين تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ هندستان کان ڪافي مختلف رهيون آهن. انهن جيڪڏهن شڪستون کاڌيون آهن ته ڏنيون به آهن. هو ديوار چين ڪڍي پنهنجي اجتماعي دفاع کان شعوري طور واقف به رهيون آهن. افغانستان، زراعت پيشه هندستان کي جيئن لٽيو تيئن پنهنجي سرحدي زراعت پيشه ايرانين کي نه لٽي سگهيو. حاصل مقصد ته، هندي تمدن تي جمود جو ڪارڻ ۾ ان جو محرڪ اعليٰ زراعت به نه ٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري موسيقي جي موضوع کي اسان بهتر طريقي سان واضح ڪري حقائق تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان هر پهلوءَ کان فن موسيقي جا مخالف نه آهيون. اسان سمجهون ٿا ته انساني سماج جي اوسر ۾ هن فن جو ڪردار چٽو به رهيو آهي. جنهن معاشري ۾ موسيقي جا رجحان نه آهن اهو معاشرو بي ڪيف ٿي وڃي ٿو ۽ ارتقا خود معاشري جو ڪيف آهي. بي ڪيف معاشرو ارتقا نه ٿو ڪري سگهي.

”شوپن هاور“ به ڪجهه ائين ئي چيو آهي ته انسان کي ارادن جي ڪشش مان نجات ڏياري بلند ڪرڻ جي قوت سڀ کان وڌيڪ موسيقي ۾ محسوس ڪئي وڃي ٿي. موسيقي ڪهڙي به لحاظ کان ٻين فنن وانگر تصور جي نقالي يا اشياءَ جو جوهر نه آهي، بلڪ هي خود ارادي جي نقالي آهي. هي اسان کي ابدي متحرڪ ڪوشش ۾ سرگرم ارادي کي ڏيکاري ٿي. جيڪو هميشه نتيجا پنهنجي طرف رجوع ڪندو آهي، جيئن هو پنهنجين ڪوششن کي نئي سر شروع ڪري سگهي. اهڙي طرح موسيقي اثر اندازي ۾ ٻين فنن جي نسبت زياده شديد ۽ طاقتور هوندي آهي، چو ته ٻيا فن صرف پاڇن جون ڳالهيون ڪندا آهن جڏهن ته هي خود شيءَ جو ذڪر ڪندي آهي. هيءَ ٻين فنن کان ان ڳالهه ۾ به ممتاز آهي ته هيءَ انهن وانگر تصور جي ذريعي نه بلڪ سڌوسنئون اسان جي احساسات کي متاثر ڪندي آهي. موسيقيءَ ۾ جيڪا حيثيت ”تال“ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. فنون شڪل تراشي ۾ اها حيثيت تناسب جي آهي.

اها حقيقت آهي تہ فن موسيقي تصور جي ذريعي نہ بلڪ سڌوسنئون اسان جي احساسات کي متاثر ڪندي آهي، پر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ، جيڪڏهن اهڙي حالت ۾ هن جي تاثر ڏيڻ جا جذبا غير فطري ٿي وڃن تہ هي نہ صرف عشق کي عقل تي فوقيت ڏيندي، بلڪ سچائين کي بہ عقل کان سواءِ صرف روايتن ۽ ڏند ڪٿائن کان قبول ڪرڻ کي ڪافي خيال ڪرڻ سکي ويندي، جنهن کان سڄو معاشرو رومانوي ٿي سگهي ٿو، جيئن هندستان ۾ ٿيو. دراصل تصوراتي نظريا، هندو فلسفي جي ڪڙي آهن. جنهن لحاظ کان هي ڪائنات صرف نظر جو فريب آهي، يعني طبعي نہ آهي. دراصل هي ويدانيت جو بنيادي نظريو آهي جنهن هندستان ۾ اسلامي تصوف کي بہ ڪافي متاثر ڪيو. نتيجتا هندستان ۾ هندي تصوف ۽ اسلامي تصوف جا ماهر هن نڪتي تي متفق ٿي ويا تہ، ڪائنات جي رازن کي سمجهڻ لاءِ عقل نہ بلڪ عشق (جنهن جو واسطو وجدان سان آهي) وڌيڪ مؤثر ذريعو آهي ڇو تہ عقل غلطي ڪري ٿو پر هن هڪ پل بہ ائين سوچڻ گوارا نہ ڪيو تہ جڏهن اسان چئون ٿا تہ عقل غلطي ڪري ٿو تڏهن اها خبر اسان کي خود عقل کان پوندي آهي. حقيقت هي آهي تہ عقل پنهنجي ماهيت ۾ اهو جوهر آهي جيڪو پنهنجو احتساب پاڻ ڪرڻ سگهيل آهي. ڪاش! جيڪڏهن هندستان جا صوفي حضرات موسيقي جي سرور انگريزي ۽ هندي مذهب جي افسانوي رجحان کان متاثر ٿيڻ جي بجاءِ عقل جي روشنيءَ ۾ نتيجن ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ها. جيئن يونان ۾ عقل کي عشق جو بنياد تصور ڪيو ويو ۽ موسيقي کي مذهب ۽ رياست ۾ حيثيت نہ ڏني وئي تہ نتيجتا يوناني پنهنجن سرحدن جي تحفظ ڪرڻ ۽ تخليقي عمل ۾ وڌيڪ بهتر ثابت ٿيا.

موضوع کي مڪمل طور واضح ڪرڻ لاءِ هي سمجهڻ ضروري آهي تہ نقص فن موسيقي ۾ نہ بلڪ ان جي وافر ۽ بيجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعمال ۾ آهي. جيئن ته هي انتهائي مانو تضاد آهي، بلڪ ٻين تضادن کي به مانو ٿو ڪري. هي مسئلن کي سمجهڻ جو انتهائي حساس رومانوي ذريعو آهي. هي محض امن جي جذبن جي نشونما ڪندو آهي. تجرباتي حوالي کان جائزو وٺي ڏسبو ته هن جو جتي گهڻو استعمال ٿيو آهي انهن ملڪن پنهنجو دفاع ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ هميشه ٻاهرين حملا آورن جو نشانو بڻيا رهيا جيئن ”هندستان“.

هندستان قديم دؤر کان موسيقي جو وطن تصور ڪيو ويندو آهي ۽ هندن جي اعتقاد مطابق ان جو مؤجد مهاديو هو. اهوئي سبب آهي ته، هندستان ۾ موسيقي عبادت تصور ڪئي ويندي آهي. جنهن جي تصديق رگويد ۽ ڀڄن مان ٿئي ٿي. مندرن ۾ ديوتائن جي سامهون حسين ڇوڪريون نچنديون، ڳائينديون هيون. جنهن جو سلسلو هن وقت به جاري آهي. هندستاني تاريخ ٻڌائي ٿي ته هندو مذهب جي زير اثر اتر هندوستان جي مقدس شهر مٿرا، اجوديا ۽ بنارس موسيقي جا مرڪز هئا. دکن ۾ بيجا نگر کي به موسيقي ۾ مرڪزي حيثيت حاصل رهي.

مٿي ذڪر ڪيل شهرن ۾ ۽ اهڙي طرح ذڪرڻ هندستان ۾ خصوصا لکنؤ، موسيقي جا مرڪز رهيا. موسيقي جي حوالي کان هندستان جي مجموعي صورتحال هن حد تائين واضح هئي جو پيشه آور ناچڻين ۽ ڳائڻين جي ايڏي ته اڪثريت هئي جو انهن جي ٽيڪس مان پوري هندستان جي پوليس کاتي جي پگهار ادا ڪئي ويندي هئي. هندستان کان پوءِ مصر ۽ بابل به موسيقي جا مرڪز رهيا، اتي به موسيقي عبادت جي دائري ۾ شامل هئي. توريت مقدس جي حوالي کان بني اسرائيل جو حضرت دائود زبور چنگ تي ڳائيندو هو پر بيت المقدس جي تباهي کان پوءِ بني اسرائيل هن فن کي بيڪار سمجهندي ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ موسيقي کي مذهبن ناجائز قرار ڏنو. پر مصر ۽ بابل موسيقي جي فن تان دستبردار نه ٿيا. نتيجتا بابل، سڪندر اعظم جي هٿان ۽ مصر هر حمله آورن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿان تباهه ٿيندي رهي. بلڪ هر اها قوم جنهن موسيقي جو وافر استعمال ڪيو، پنهنجي تمدن جي دفاع ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. جيئن اهل ليڊيا اهل هيڊ ڪان، اهل ايٿنز سپارٽا کان، يوناني رومن کان، رومي گاٿ کان ۽ اهل برگندي سوسانين کان اهڙي طرح چيني هن کان، ايراني عربن کان، هندستاني افغانين کان، مغلوب ٿيندا رهيا ۽ هي عمل تيستائين انهن قومن لاءِ جاري رهيو جيستائين فن موسيقي ۾ انهن اعتدال حاصل نه ڪيو. بني اسرائيل جن موسيقي جي معاشرتي استعمال کي نارمل رکيو اهي تاريخي حادثن کان شڪار ٿي پوري دنيا ۾ ورهائجي ويا، پر انهن جي مستقل مزاجي مار نه کاڌي نتيجتا اڄ هو بهتر وحدت جي شڪل ۾ موجود آهن. فن موسيقي جو استعمال هن وقت به انهن وٽ محدود آهي. اهڙي طرح قديم دؤر ۾ يوناني قوم کي دشمن کان خصوصا ايرانين کان مستقل خطرو پيدا ٿي چڪو هو. جنهن جي ڪري هو پنهنجي آزادي ۽ سياسي زندگي جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ صحتمند، جفاڪش ۽ جنگجو فردن تي مشتمل معاشرو رکڻ تي مجبور ٿي چڪا هئا. لهاذا افلاطون، پنهنجي دؤر جي فني لطافت انگيزيءَ کي قوم جي آزادي ۽ بقا جي منافي سمجهندي، جڏهن يوناني معاشري تان فنون لطيفا جي وافر اثر کي زائل ڪيو تڏهن هو پنهنجي تمدن جو تحفظ ڪري سگهيا.

اهڙي طرح سفيد روس ۽ هندستان جي تاريخ ۾ به ڪافي مماثلت ڏني وڃي ٿي. سفيد روس ۾ تقريبا هندستان جيان موسيقي جو وافر ۽ بي تحاشا استعمال رهيو آهي. نتيجتا سفيد رشين مستقل طور جپانين کان شڪستون کائيندا رهيا ۽ نيپولين بونا پارٽ، قيصر وليم ۽ هٽلر جي فوجن هميشه فتح ڪيل روس کي سرد موسم جي دباءَ کان ڇڏي پئي ڏنو. هندستان ۽ روس ۾ هي فرق رهيو ته، ٻاهرين حملي آورن کان سفيد روس جو، موسم، دفاع ڪندي آئي، جيڪا جاگرافيائي حيثيت هندستان کي حاصل نه هئي. جنهن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هندستان هميشہ غلام رهيو، پر روس جا موسيقار آرڪسترا وڄائڻ جا شوقين، امن پسند ماڻهو، موسم جي احساس کان آزاد رهيا، تنهن جي ڪري بنسبت هندستان جي هنن کي تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ جا وڌيڪ موقعا ميسر رهيا.

مٿي ڪيل بحث مان هي حقيقت واضح ٿئي ٿي تہ جن ملڪن موسيقي جي وافر استعمال تي ڪنٽرول ڪري ورتو، اهي ملڪ پنهنجين سرحدن جي تحفظ ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ويا ۽ جن ملڪن هن فن جي وافر استعمال کي مستقل رکيو اهي عموما غلام رهيا، ۽ لڳاتار غلام. رهڻ وارن ملڪن جو جيڪڏهن گهرائيءَ سان تجزيو ڪبو تہ انتهائي خطرناڪ صورتحال سامهون ايندي. هو فني حقائق جو تجزيو غيرفطري طريقي سان ڪندي نظر ايندا! جيئن هندستان متعلق ”رسڪن“ چيو آهي تہ ”هندي فن، نازڪ ۽ نفيس هجڻ سان گڏ، هڪ ٻي عجيب خصوصيت جو بہ مالڪ آهي. طرز ۽ ڊيزائين جي معيار کان دنيا جي ٻين باقي فنن سان اختلاف ڪندو نظر اچي ٿو. هو ڪڏهن بہ فطري واقعي جي نقاشي ان جي مطابق نہ ڪندو آهي. هو صرف بي تحاشا خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ رنگن ۽ بي مقصد جزن کان واقعات جي تصوير ڪشي ڪندو آهي. جڏهن هو ڪنهن جاندار شيءِ جي تصوير ڪشي ڪندو آهي، تہ هن کي مسخ ڪري عجيب خلقت شيءِ جي صورت ۾ پيش ڪندو آهي. هو فطرت جي سڀني شڪلين ۽ واقعن جي بنا ارادي جي مخالفت ڪندو آهي. هو انسان جي تصوير نہ ٺاهيندو آهي بلڪ اٺن ٻانهن واري هڪ عجيب خلقت شيءِ کي ٺاهيندو آهي. هو گلن جي تصوير نہ ٺاهيندو آهي، بلڪ ڪنهن مخروطي ڦڏي سڏيءَ شيءِ کي پيش ڪندو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي اهڙي فنڪاري ڪندا آهن. اهي فطري مسرت ۽ صحتمند علم جي سڀني امڪاني ذريعن کان ڪٽيل هوندا آهن. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي، تہ انهن دنيا جي وسعتن کان منهن موڙي ڇڏيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائنات جي سيني مناظرن تي انهن هڪ پردو وجهي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري حقيقت تي پهچڻ لاءِ انهن هڪ سوراخ به نه رکيو آهي.

مون کي ”رسڪن“ جي تجزيي ۾ صداقت نظر اچي ٿي. هندي تمدن جي فلمي آرٽ جي نفسياتي تجزيي ڪرڻ کان پوءِ ”رسڪن“ سان اختلاف ڪرڻ جي باقي گنجائش نه ٿي رهي. اهڙي طرح هندي تمدن ۾ سنڌي قوم غيرفطري ڪردار ادا ڪرڻ ۾ اڄ به پيرِ قدم اڳتي نظر اچي ٿي. اسان اڄ به واضح شڪل ۾ حقيقتن جو شعور غير فطري طريقي سان ڪري رهيا آهيون. مثلاً جڏهن المئه قومي گيت ڏڻ تي ڳايا ويندا آهن، ته بجاءِ سنجيده ٿيڻ جي اسان ناچ ۽ تاڙين جي شڪل ۾ خوشي جو اظهار ڪندا آهيون. جڏهن ته آرٽ انسان جي فطرتي هيجان جي ترجمانيءَ جو نالو آهي. جڏهن اسان خوشي ۽ غم جي جذبن ۾ موسيقي جي رومانيت وارن جذبن کان متاثر ٿي فرق ڪرڻ ۾ ناڪام وڃون ٿا ته پوءِ ڇا نوس ۽ سنگين مسئلا هميشه اسان جي سياسي ۽ سماجي تجربن کان اڳتي نڪتل نه هوندا! ڇا اهڙي حالت ۾ اسان جي قومي حيثيت پنهنجي موضوع ۾ ڪڏهن به مڪمل ٿي سگهي ٿي؟ هڪ اهڙي قوم جيڪا هر مسئلي کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ سرور جي عادي ٿي چڪي هجي. جيڪڏهن اها قوم رياضي ۽ فزڪس جهڙن نوس سبجيڪٽن کي به سرورجي شڪل ۾ سمجهڻ کان سواءِ انڪار ڪري ڇڏي ته پوءِ معاشري ۾ ارتقا جو حشر ڇا ٿيندو. هڪ روايت موجب هندستان جا ماڻهو ڪنهن حد تائين مسلمان ٿيڻ لاءِ تڏهن آماده ٿيا، جڏهن اسلام کي موسيقي جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو. تڏهن چوندا آهن ته هندستاني مسلمان ٿيڻ کان پوءِ به هندستاني رهيا. هو اڄ به موسيقي جي تجاوز مان جان نه ڇڏائي سگهيا. جيئن سنڌ ۾ قومي سياسي يا عام سياسي جلسن جلوسن ۾ راڳ جو استعمال صرف مجبوري کان ڪيو ويندو آهي، ان ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هتان جا ماڻهو تيستائين پنهنجا مسئلا پڌڻ نہ ايندا آهن، جيستائين هنن کي راڳ جي آفر ٿيل نہ هجي. جڏهن تہ اهي انهن جا پنهنجا مسئلا هوندا آهن.

مٿي ذڪر ڪيل بحث کان پوءِ اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون تہ جيستائين موسيقي جي رجحان کي اعتدال تي نہ رکيو ويندو تيستائين ارتقا جي دوڙ ۾ اسان هميشہ پوئتي رهنداسين. ڇو تہ فن موسيقي کان ذهني ترقي، مسئلن تي حقيقي شڪل ۾ حملا آوار نہ ٿي ٿي سگهي.

ان کان پهريون جو اسان بحث کي آخري مرحلي. ۾ ڪٿي اچون، هن سوال جو جواب ڏيڻ نهايت ضروري آهي تہ هن وقت جن ملڪن ۾ موسيقي جي وافر استعمال جو تخليقي عمل جاري آهي ۽ هو پنهنجين سرحدن جي تحفظ جا بہ اهل ثابت ٿي چڪا آهن جيئن يورپي ملڪن کان علاوه آمريڪا، جاپان ۽ ڪينادا. انهن ملڪن ۾ مائيڪل جيڪسن، ميڊونا ۽ ٻين وڏن فنڪارن جا وڏي پيماني تي موسيقي جا پروگرام ٿين ٿا جن تي ڪروڙين رپيا خرچ کان علاوه لکن ماڻهن جي شرڪت بہ ٿئي ٿي تہ پوءِ موسيقي سماجي جمود جو سبب ڪيئن ٿي، ٿي سگهي؟

حقيقت هي آهي تہ ڪنهن بہ مسئلي کي سمجهڻ لاءِ دانشمندي سان گڏ سنجيدگي بہ لازمي هوندي آهي. پهريون تہ موسيقي انسان جو فطري جذبو نہ آهي، جيئن راند، ننڊ، بک ۽ جنس. فطري ۽ سماجي روين ۾ بنيادي فرق هي هوندو آهي تہ فطري عادتون اڻ سکيل، خودڪار سمجھ کان پنهنجي حصول جي تڪميل ڪنديون آهن، جڏهن تہ سماجي عادتون سکڻيون ۽ سمجهڻيون پونديون آهن. جيئن موسيقي، جيڪا سکڻ کان سواءِ هلائي يا وڄائي نہ ٿي سگهجي ۽ نہ سمجهڻ کان سواءِ متاثر ڪري سگهي ٿي. پر ان مان هي قطعي نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪا بہ اهڙي سماجي عادت جيڪا فطري جذبي جي سماجي حالت ۾ شعوري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجماني ڪندي هجي، ان جو ڪو سماجي تبديلين ۾ ڪردار نہ آهي. بلڪ انهن سيني سماجي عادتن جو، جيڪي فطري جذبن جو سماج جي اندر شعوري ترجماني ڪن ٿيون بنيادي ڪردار آهي. بس اصل خيال هي آهي تہ هر سماجي عادت جو معاشرتي ڪردار، پنهنجي پس منظر ۾ ڪنهن مخصوص فطري جذبي سان نسبت ۾ هوندو آهي، جيئن موسيقي جو جنسيات سان. حقيقت هي آهي تہ موسيقي جي سماجي حس، ان وقت شعوري شڪل ڌاري ورتي جڏهن سماج سترپوشي جو روپ اختيار ڪري ورتو ۽ موسيقي ان سماجي جبر جي خلاف هڪ بي روڪ لطيف احتجاج جي شڪل ۾ سامهون آئي. هڪ اهڙي حالت جنهن ۾ سماج جي اضافي اخلاقي دٻاءُ ڪان، فرد جنسي پيڙا جو شڪار ٿي پنهنجي شخصيت جي تڪميل نہ پيو ڪري سگهي، اهو معاشري جي قدرن جي تڪميل ڪيئن ڪري سگهي ها. پر هڪ اهڙو معاشرو جيڪو عرياني جي عمل ۾ فطرت کي ويجهو آهي اهو يقينا موسيقي جي حساس اثراندازي کان فرد جي شخصيت کي مفلوج ٿيڻ کان بچائي ٿو وٺي. ظاهر آهي تہ موسيقي جو وافر استعمال عريان معاشري کي رومانوي بک جو شڪار نہ بڻائيندو. اهڙو معاشرو جيڪو عرياني ۾ فطرت کي ويجهو هجي، موسيقي جي اثراندازيءَ کان منفي نتيجا نہ ڏيندو. پر اهڙو معاشرو جنهن ۾ جنسي بک مهذب دٻاءَ کان، صرف موسيقي جي ذريعي تسڪين حاصل ڪندو هجي، اتي فرد جاجذبا ڪڏهن بہ پنهنجي نفسياتي تڪميل اعتدال تائين نہ پهچائي سگهندا. اهڙي معاشري ۾ فرد جي شخصيت اڌوري حالت ۾ پنهنجي ماضي کي اپيل ڪندي نظر ايندي ۽ جتي موسيقي جي حساسيت لاءِ فطري لوازمات عريان جسم جي شڪل ۾ پورائي ڪندا هجن تہ اتي جذبات جو وهڪرو بہ رد عمل طور اعتدال ۾ رهي ٿو ۽ فرد پنهنجي عمر واري مرحلي ۾ ان فطري بک کان ذهني طور نجات حاصل ڪري انتهائي مطمئن حالت ۾ تخليقي عمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي ته جن ملڪن ۾ جنسي بندش اعتدال تي آهي. اهي ملڪ بنسبت انهن ملڪن ڪان جيڪي فرسوده روايتن ۾ قاتل جنسي بک جو شڪار آهن. تخليقي عمل ۾ اڳتي ييٺا آهن. جيئن جپان، برطانيا، فرانس، جرمني ۽ آمريڪا. حالانڪ، هندستان ۽ پاڪستان گڏ آزاد ٿيا، پر هندستا بنسبت پاڪستان جي ٽيڪنالاجي ۾ ان ڪري اڳتي ييٺو آهي جو اتي انسان جي بنيادي تجسس کي صنعتي دؤر جي تقاضائن مطابق آزادي ميسر آهي. هتي هن موضوع کي واضح ڪرڻ نهايت ضروري ٿو لڳي ته وچ اوير جي، ملڪن ۾ جنسي بندش هنستان ڪان به وڌيڪ هئي، ته پوءِ ڪهڙن سببن جي ڪري هنن ماضي ۾ نه صرف پنهنجو دفاع ڪيو بلڪ هي عموما ماضي جا فاتح به رهيا ۽ تقريبا دنيا جا وڏا عالم يعني گهٽي ڪان گهٽا پيغمبر ان سرزمين پيدا ڪيا.

حقيقت هن رخ ڪان به سامهون اچي ٿي ته سماجي ارتقا جو انحصار زندگي ۽ فطرت جي ڪشمڪش ۾ پوشيده آهي. هي ويڙهه جو سلسلو ڪهڙن به سببن جي ڪري جيڪڏهن پنهنجي فطري معيار ڪان مانو ٿي وينو ته معاشرو ارتقا ڪرڻ ڇڏي ڏيندو. جيڪا صورتحال مشرق وسطيٰ ۾ نه هئي. ريگستاني ماحول جي ڪري اتي زندگيءَ ۽ فطرت جي وچ ۾ ڪشمڪش جاري هئي. جنهن ڪا ورتل ترتيب جي ڪري هو باقي قدرتي نقصن تي عبور حاصل ڪري ويا. بس هو صرف جنسي بک کي مذهبي جبر ڪان يا ڪهڙن به سببن ڪان جيڪڏهن ختم نه ڪري سگهيا، ته نتيجتن هو صنعتي دؤر جي تقاضائن ۾ ٻين قومن ڪان ارتقا جي عمل ۾ پوئتي رهجي ويا.

هنيئر اسين موضوع کي صاف ۽ چٽي ڪرڻ خاطر پنهنجي پهرين نقطي تي واپس ٿا اچون ته جن ملڪن ۾ جنسي آزادي اهي اتي نه صرف فطري طور موسيقي جي ردعمل عريان جسمن جي شڪل ۾ موجود آهي بلڪ اتي دراصل موسيقي جي وافر انداز ۾

پيدا ٿيڻ جو ڪو فطري جواز نہ آهي. حقيقت هي آهي تہ يورپ يا ٻين ترقي يافتہ ملڪن ۾ موسيقي جو ايترو وافر استعمال نہ آهي جيترو هندستان ۾ آهي. فلم فنون لطيفہ جي تعين ڪرڻ جو سڀ کان بهتر ذريعو آهي. توهان هندستاني فلمن جي حالات ڪو ڏسو ۽ يورپ ۽ چيني تمدن جي فلمن کي بہ ڏسو انهن ۾ اوهان کي ڳائڻ ۽ موسيقي جو استعمال هندي فلمن جي مقابلي ۾ نہ هجڻ جي برابر نظر ايندو. اهڙي طرح ڪنهن بہ معاشري جي اندر ٽريفڪ جي اصول کي نظرانداز ڪندي ٽئڪسن ۽ بسن ۾ هندستان جيان ريڪارڊنگ نہ هلندي آهي. بس جتي هر.روز هر چوڪ ۾ مائيڪل جيڪسن ۽ ميڊونا فل وقت موجود آهن ۽ ان جي بنسبت ترقي يافتہ ملڪن ۾ اهڙا پروگرام ڪنهن مخصوص سال ۾ هڪ اڌ دفعو ٿين ٿا اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن مائيڪل جيڪسن کي لکين ماڻهو ڏسڻ بہ آيا تہ اها نسبت نہ آهي ۽ نہ دليل تہ هندستان جي بنسبت موسيقي جو هي وافر يا برابر وارو استعمال آهي. هندستان لاءِ مشهور آهي تہ هتان جو پورهيت بہ ڏن تي وڏيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ٿيندو آهي ۽ هٿ جي استعمال ڪرڻ ۾ ٿڪاوٽ محسوس نہ ڪندو آهي.

موضوع کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هي سمجهڻ نهايت ضروري آهي تہ اهي ڪهڙا اسباب آهن، جن هندستان کي يونان ۽ اسرائيل وانگر موسيقي جي وافر رجحان کي اعتدال ۾ آڻڻ کان روڪي ڇڏيو، جنهن متعلق ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي تہ هندستان جيئن تہ گرم ملڪ آهي ۽ شديد گرميءَ جي ڪري فرد ”گوڏ ۽ گنجي“ جي ڪمتر پوشاڪ ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور هو ۽ ڪمتر پوشاڪ جي نفسياتي تاثر معاشري جي اعليٰ قدرن کي پائمال ڪري ڇڏيو، نتيجتا معاشري ارتقا ڪرڻ ڇڏي ڏني.

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ بني اسرائيل بہ گرم علائقي جا باشندا آهن تہ پوءِ انهن وٽ هندستان جهڙيون حالتون ڇو ڪونہ پيدا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيون. ان مان ظاهر آهي تہ هندي تمدن جي پسماندگيءَ جو مک
ڪارڻ اجا ڪو ٻيو آهي. منهنجي خيال ۾ هڪ ڪارڻ هي بہ ٿي
سگهي ٿو تہ هڪ سروي مطابق هي حقيقت ثابت ٿي چڪي آهي
تہ هندستان جون دريائي زمينون انتهائي نرم آهن، جيڪي ٿوري
محنت سان فصل ڏئي ٿيون ڇڏن. جنهن جي ڪري زندگي ۽
فطرت جي وچ ۾ ڪشمڪش نہ ٿي رهي. نتيجتا فرد فطرت جي
چئلينج کي قبول ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪري ڇڏي. نوس حقائق
کان فراريت ۽ موسيقي جي سُرور ۾ پناهہ حاصل ڪرڻ هن جي
ذهني مجبوري ٿي وڃي ٿي ۽ معاشرو موسيقي جي دلفريبين تائين
محدود ٿي وڃي ٿو.

جڏهن اسان پنهنجي طبعي ڪمزوري کان شعوري طور واقف
ٿي چڪا آهيون تہ پوءِ يقنن ان تي حاوي بہ ٿي سگهون ٿا. جيئن
مارڪس چيو آهي تہ ”ڪهڙي بہ نوعيت جي موضوع کي جيستائين
اسان شعوري طور نہ سمجهيو آهي تيستائين هو جبري آهي، ۽ جڏهن
اسان مسئلن کي شعوري طور سمجهي ويندا آهيون تہ اسان اختياري
ٿي ويندا آهيون.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي قوم جو فڪري جائزو

"مان آزاد نہ آهيان. ان ڪري جومنهنجي وجود
جو انحصار ڪنهن ٻيءَ شيءِ تي آهي، جيڪا
شيءِ مان خود نہ آهيان، مان آزاد تڏهن آهيان،
جڏهن منهنجي وجود جو انحصار خود منهنجي
ذات تي هجي." "ڊاڪٽر هيگل"

زنده قومن جو تاريخ ساز ڪردار هي هوندو آهي تہ هو پنهنجي حيثيت جو امتيازي شعور رکنديون آهن. ان حوالي کان سنڌي قوم جي فڪري جائزي وٺڻ سان، انتهائي ڪمتر صورتحال سامهون اچي ٿي. مان جيڪڏهن غلط نہ سمجهندو هجان تہ دنيا جي هيءَ واحد قوم آهي، جيڪا مجموعي طور پنهنجن شهرن ۾ قومي تقدس وڃائي ڳوٺن ۾ مطمئن زندگي گذاري رهي آهي. ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو يا ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ جي صدمي جو تاثر بہ هن جي نفسيات ۾ موجود نہ آهي. حيوان بہ پنهنجي وجود جي تحفظ لاءِ فطري ردعمل جو اظهار ڪندو آهي، جڏهن تہ اسان پنهنجي تاريخ ساز موضوع کي شعوري طور سمجهڻ کان نابري واري رهيا آهيون. حقيقت هيءَ آهي تہ اسان جي حالت ان جهاز جهڙي ٿي چڪي آهي جنهن جو قطب نما گم ٿي چڪو هجي، ڏسڻو ۽ سمجهڻو هي آهي تہ آخر اهي ڪهڙا اسباب آهن، جيڪي سنڌي قوم کي تاريخ ساز ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪي رهيا آهن.

ڇا هيءَ فطري طور قوم نہ آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي بهتر قيادت نہ ملي ؟

هن جي معاشري ارتقاءَ ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي ؟

جيستائين هن جي فطري هجڻ جو تعلق آهي تہ انسان جي هڪ وڏي تعداد کي قومي حيثيت ڏيڻ لاءِ جيڪي فطري تقاضائون آهن، جيئن تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ ٻولي. هيءَ انهن سڀني شرطن جي مطابق موجود ۽ مڪمل آهي، تہ پوءِ سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ هڪ گڏيل پسمنظر کان اپريل هي ماڻهو پنهنجن جذبن کان بنيادي قومي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مختلف روپ ڇو ڌاريون بيٺا آهن!

ڇا هن کي بهتر قيادت نہ ملي ؟

مشهور عمراني دانشور "روسو" جي هن قول کان تہ "غلام پنهنجيءَ غلامي ۾ سڀ ڪجھ وڃائي ڇڏيندو آهي، ايستائين جو غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻ جي خواهش بہ."

ان لحاظ کان ممڪن آهي تہ انتخاب قيادت ۾ سنڌي قوم جا غيرفطري حالت ۾ غلامانہ ذهنيت جا جذبا لاشعوري طور پنهنجو ڪرار ادا ڪري چڪا هجن! انتخاب قيادت جي هڪ اهڙي شڪل، جنهن ۾ جي. ايم سيد پنهنجي پوري سياسي پيداوار سميت هن کي غير مؤثر محسوس ٿيو؟ مرحوم حيدربخش جتوئي، ڄام ساقي، رسول بخش پليجو سڀ نااهل هئا؟ جڏهن تہ مذهبي حوالي کان اصولي سياست ڪندڙ مرحوم عبيدالله سنڌي ۽ ان جي پوءِ لڳن کي بہ ڪاموٽ نہ ملي! اصولي سياست ڪندڙ هي قيادتون جيڪي فڪري حوالي کان سنڌ جي اپريل تضادن سان نسبت رکن پيون، ۽ ساڳئي وقت سنڌ جي سنگين صورتحال پنهنجي تاريخي عمل کان بہ سنڌي قوم جي سياسي شعور کي متاثر ڪرڻ جو باعث نہ ٿي سگهي! تہ پوءِ ڇا هي سمجهڻ گهرجي تہ رسواءِ زمانہ سنڌ جا وڏيرا، جاگيردار ۽ پير بهتر قيادتون آهن؟ جن کي سنڌي قوم ڪهڙي نہ ڪهڙي شڪل ۾ مستقل طور سياسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ قائم رکيو آهي. انتخاب ڪرڻ جي هيءَ نوعيت ڪهڙي به لحاظ کان صورتحال جي ترجماني نہ ٿي ڪري. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي قوم کي بهتر قيادتون مليون آهن. پر جيئن تہ معاشري ۾ فطرتا تبديليءَ جو رجحان نہ آهي، جنهن جي ڪري هو ناڪام وڃن ٿيون. لينن جهڙي عظيم ۽ ڪامياب شخصيت کي بہ جيڪڏهن ”ڪانگو“ جهڙي پوئتي پيل ۽ فطري طور مار ڪاڌل سماج ۾ انقلابي مشن لاءِ موڪلجي ها تہ هو بہ يقينن ناڪام وڃي ها. انقلاب روس ۾ لينن جي ڪاميابيءَ جو راز صرف ان جي شخصيت ۾ سمايل نہ هو پر رشين معاشرو جاگيرداراڻا دؤر جي مرحلي مان گذرڻ جي باوجود بہ تبديليءَ جا رجحان رکي پيو، جيڪا صورتحال سنڌي قوم ۾ قومي ناانصافي واري سنگيني بہ پيدا نہ ڪري سگهي. جنهن کان هي امڪان قوي ٿي وڃي ٿو تہ سنڌي قوم جي معاشري ارتقاءَ ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي.

جنهن جي بهتر شڪل ۾ تصديق ان قوم جي عام سماجي روين سوچڻ ۽ سمجهڻ جي فطري انداز مان ڪري سگهجي ٿي. جنهن کان هي تعين ٿي ويندو تہ هن جو مزاج ڪيتري قدر حقيقت پسند آهي يا هي مسئلن کي ائين سمجهن ٿا جيئن مسئلا خود آهن.

1_ جڏهن الميہ قومي گيت ڏن تي ڳايا ويندا آهن، ان وقت فطرتا سنجيده ٿيڻ جي بجاءِ هي لاشعوري طور ناچ ۽ تاڙين جي شڪل ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ لڳندا آهن.

2_ هڪ غير تاريخي واقعو جيڪو سنڌ ۾ مستقل طور پنهنجي حيثيت قائم رکيون بيٺو آهي. اهو هي تہ هتي حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم جو انتخاب قيادت واضع تضادن جي باوجود بہ ساڳيو آهي.

3_ سمجهڻ جو هي انداز جڏهن هو چوندا آهن تہ ”سنڌ جا پير ۽ جاگيردار يا انهن مان ڪي خاص چوندڊ ماڻهو جيڪڏهن نہ هجن تہ اسان جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا،“ جڏهن تہ هو هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مسئلن تي وڙهيائي نہ آهن.

4ـ پيداواري مرڪز، شهر ۽ زمينون ڌارين جي تحويل ۾ وڃڻ جو ايترو صدمو نہ آهي، جيترو پرائمري ماستري نہ ملڻ جو!

سوچڻ جي هن ڪمتر معيار مان واضح ٿئي ٿو تہ هن قوم جو مزاج حقيقت پسند نہ رهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سواءِ چند مصنوعي سياسي ۽ سماجي تبديلين جي، معاشري ارتقا ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي.

هن سوال جو جواب ڏيڻ بہ ضروري آهي تہ سنڌي معاشري ارتقاءَ ڪرڻ ڇو ڇڏي ڏني آهي، ۽ ان جا سماجي يا فطري اسباب ڪهڙا آهن؟ ڇا ماضي جو ڪو سنگين واقعو يا اهڙو بنيادي نقص جيڪو هن قوم جي تخليق سان گڏ موجود هو. اهڙي نقص جي تلاش لاءِ انهن بنيادي مرڪزي ڪردارن جي تاريخي طور ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوندي، جن ڪان فطري طور قومون وجود حاصل ڪنديون آهن. جيئن تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ ٻولي. جيئن تہ هندي ننڍي کنڊ ۾ سنڌ بہ هندي تمدن جي دائري ۾ اچي ٿي، ان ڪري هندي تمدن جا اثر ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ سنڌي تمدن تي مرتب ٿيل نظر اچن ٿا. جڏهن تہ خود هندي تمدن جي اوسر متعلق تاريخ جا ماهر غير مطمئن آهن. انهن جي خيال ۾ هندي تمدن هزارن سالن کان جمود جو شڪار آهي. مارڪس ۽ اينگلس جي خيال ۾ هندي معاشري جي پنهنجي ڪابہ تاريخ نہ آهي. هن جي تاريخ دراصل مختلف حملہ آورن جي تاريخ آهي، هندستان جو ماضي سياسي لحاظ کان ڪيڏو بہ بدليل نظر اچي پر سماجي حالت ۾ قديم دؤر کان 19 صدي جي شرعات تائين ڪوئي فرق نہ آهي.

منهنجي خيال ۾ تقريبا "مهين" جي دؤر کان پوءِ سنڌ جي تاريخ بہ هندستان جيان ڌارين حملہ آورن جي تاريخ رهي آهي. لڳاتار ڌارين جي تسلط ۾ رهڻ ۽ مختلف ثقافتن جي مسلط هجڻ ڪري، معاشرتي بحران هڪ اهڙو سماجي روپ اختيار ڪري ورتو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ڪان قوم جي ثقافتي تجربن ۾ به تسلسل قائم نه رهيو. هڪ اهڙي صورتحال جنهن ۾ هڪ قوم جڏهن پنهنجن علائقائي ثقافتي جذبن ڪان مرحلي وار تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو هجي ۽ هر مرحلي ۾ ڌارين ثقافتن جو شڪار ٿيندي آئي هجي، جن ثقافتن جو تجربو ماضيءَ ۾ هن کي حاصل ٿيل نه هجي ته يقينن هن جي سوچڻ جا جذبا غيرفطري ٿي ويندا، ان ڪري جو جن جذبن سان هوءَ مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي سي هن جا پنهنجا نه هوندا، جنهن جي ڪري ان قوم جو ماضي، حال ۽ مستقبل مختلف پسمنظرن ۾ انهن جي ترجماني ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. جنهن ڪان ان قوم ۾ سوچڻ جا مختلف طبقا پيدا ٿي ويندا آهن ۽ هوءَ قومي حيثيت جو امتيازي شعور وڃائي ويهندي آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي قوم هميشه قومي سياست کي اوپرائپ سان ڏٺو آهي. جيئن بنگالن جي قومي جنگ واري مرحلي ۾ هي انهن ڪان نفرت ڪرڻ لڳا هئا.

مٿي ذڪر ڪيل تجزيي مان هيءَ حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي ته سنڌي قوم جي معاشري ارتقاءَ ڪرڻ چو چڏي ڏني آهي.

موضوع جي روح تي پهچڻ لاءِ هي سمجهڻ ضروري آهي ته اهي ڪهڙا اسباب آهن جنهن جي ڪري سنڌي قوم عمومن هندي تمدن جي ٻين قومن ڪان پوئتي رهجي ويئي آهي.

منهنجي خيال ۾ هندستان جا اهي علائقا جيڪي ابتدا ڪان وٺي سياسي، سماجي ۽ حڪمراني جي تجربن ۾ تاريخي طور مرڪزي حيثيت حاصل ڪري چڪا هئا. جيئن ”دهلي ۽ لکنؤ.“ سنڌ انهن ڪان جاگرافيائي لحاظ ڪان ڪٽيل هئي، هن جو مرڪزي هندستان سان ميداني رابطو نه هو. محدود رابطي جي ڪري هن جو سياسي ۽ سماجي تجربو هندي تمدن جي ٻين قومن ڪان محدود رهيو، پر هيءَ غلاميءَ جي عمل ۾ هندي تمدن سان هڪ ڪري رهي.

مارڪس جي چواڻي ته جيستائين ڪوبه مسئلو انسان جي شعور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نہ ايندو آهي، تيستائين هو جبري هوندو آهي ۽ جڏهن هو شعور جي دائري ۾ اچي ويندو آهي تہ اختياري ٿي ويندو آهي. هن حوالي ڪان اسان کي پنهنجن ڪاوشن کي جاري رکڻ لاءِ حوصلو مليو ٿو. ان ڪري جو اسان پنهنجي نقص کي شعوري طور سمجهي ورتو آهي. پر اهو سڀ ڪجھ تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن مسئلي ۽ سمجھ ۾ فطري نسبت قائم ٿي سگهي، جاگرافيائي هيئت جا مادي اثرات ۽ هزارين سالن جي تلخ تاريخي واقعن، جنهن شڪل ۾ هن قوم جي تحت الشعور تي پنهنجا اثر مرتب ڪيا آهن، جنهن کان عادتون "آميزش" جو روپ ڌاري عضوياتي شڪل اختيار ڪري چڪيون آهن.

لفظ آميزش مان اسان جي مراد هيءَ آهي تہ انساني ذهن جي هيءَ فطري خصوصيت رهي آهي تہ هن کي جهڙي بہ نوعيت جي عادتن جي 'پريڪٽس' ڪرائبي تہ هو ان جو عادي ٿي ويندو ۽ جڏهن لڳاتار پريڪٽس سان عادتون استحڪام حاصل ڪري وينديون آهن تہ هو پنهنجو اظهار عضوياتي شڪل ۾ بہ ڪرڻ لڳنديون آهن. مثلا جڏهن ڪوبہ فرد هٿ جي هنر سکڻ جي شروعات ڪندو آهي تہ ان مرحلي ۾ سکڻ جو عمل شعوري هوندو آهي ۽ ٿوري بہ ڌيان هٽائڻ سان غلطي يقيني ٿي ويندي آهي. پر جڏهن لڳاتار پريڪٽس سان هو پنهنجي فن تي عبور حاصل ڪري ويندو آهي تہ پوءِ دوران عمل ۾ هو ڪنهن سان بہ مخاطب هجي، هٿ پنهنجو پاڻ گهربل نتيجا ڏئي ڇڏيندا آهن. توهان عام حالتن ۾ ماهر درزي يا ڪنيار کي ڪم جي دؤران ڪچهري ڪندي ڏٺو هوندو. حاصل مقصد تہ ڪابہ عادت جنهن کان ذهن، لڳاتار متاثر ٿئي ٿو، ان کي عضوياتي شڪل ڏئي ڇڏيندو آهي، جنهن کي اصطلاح ۾ "آموزش" چئبو آهي. هينئر اسين پنهنجي موضوع تي واپس ٿا اچون.

سنڌي قوم جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ غلاميءَ جي هزارن سالن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تاريخي پريڪٽس ڪان غلام رهڻ جي عادت نہ صرف ذهني بلڪ عضوياتي روپ ڌاري چڪي آهي، جنهن ڪان مسئلي جي سنگيني واضح شڪل ۾ سامهون اچي ٿي. ان ڪري جو ان نقص کي صرف شعوري طور سمجهڻ سان ختم نہ ٿو ڪري سگهجي، بلڪ ان لاءِ خود پريڪٽس جي ضرورت آهي. نوان لاڙا ۽ نئين سوچ اينڊز نسل کي اهڙيءَ شڪل ۾ منتقل ڪئي وڃي، جنهن ڪان ماضيءَ جا تلخ نفسياتي رجحان انهن جي ذهن تي مرتب نہ ٿين. جيئن انهن ۾ فطري طور خود اعتمادي ۽ بلند حوصلو پيدا ٿي سگهي. جنهن سان هن ۾ قومي حيثيت جو امتيازي شعور پيدا ٿي سگهي ٿو. هي وسيع تر رجحان تڏهن پيدا ٿي سگهي ٿو جڏهن هن قوم جي ذهين اقليت انتهائي خلوص ۽ منصوبہ بنديءَ سان مستقل طور ڪورس جي شڪل ۾ هڪ ڪرو عمل ڪري ۽ مسئلن کي تاريخي پسمنظر ۾ سماجي سائنس جي مطابق اهڙي شڪل ۾ پيش ڪري جيئن هو خود آهن. ان ڪري جو جيستائين هن قوم جو فطري رجحان، واقعات جي اصل نوعيت کي شعوري طور نہ سمجهندو تيستائين هن ۾ اجتماعي خود اعتمادي پيدا نہ ٿيندي. جيئن ڌاڙيل فيڪٽر ۽ پيپلز پارٽيءَ سان دلچسپيءَ جا حقيقي ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ ان متعلق جيستائين سنڌي قوم جي ڪردار کي نفسياتي طور مطمئن نہ ڪبو تيستائين هيءَ قوم پنهنجي سوچڻ جي غلط عمل کي تبديل نہ ڪندي ۽ نہ هيءَ پنهنجي روايتي عادتن تان دستبردار ٿيندي، جڏهن تہ سنڌي قوم جي ذهين اقليت هن جي سوچڻ جي غلط انداز کي درست ڪرڻ ۾ فڪري طور ناڪام وئي آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ ڌاڙيل فئڪٽر ۽ پيپلز پارٽي ٻہ اهڙا رجحان آهن، جنهن ڪان لاشعوري طور سنڌي قوم پنهنجي بقا جي جنگ لڙي رهي آهي.

ڌاڙيل فئڪٽر، جنهن متعلق عام راءِ هيءَ آهي تہ هي رجحان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيرن ۽ پوليس جي منفي روين ڪان نشونما ورتي ٿو، مڪمل طور صحيح نہ ٿو لڳي. وڏيرن ۽ حاڪمن جو منفي رويو نہ صرف سنڌ بلڪ تمدن هند ۾ قديم زماني ڪان وٺي هڪ ڪرو رهيو آهي. هندي تمدن عمومن ڌارين جي حملن جي تاريخ جو پسمنظر رکي ٿي؛ هي هميشہ راجائن ۽ مهاراجائن جا غلام رهيا آهن ۽ آخر ۾ انگريزن جا. پر سنڌ ۾ ڪرائيم جو فوري رجحان خصوصن موجوده دؤر ۾ هڪ رنگي قوم هيٺ غلام رهڻ ڪري، احساس محروميءَ جو نتيجو آهي. ان ۾ سنڌ جي مستقل روايتن جو ايترو عمل دخل نہ آهي، جيترو تاريخ جي فطري جبر جو.

هيءَ هڪ طئي ٿيل حقيقت آهي تہ ڪائنات جي هر شيءِ بقا جي فطري جنگ لڙندي آهي. ڊارون جي نظريي "جهد للبقا" جي مطابق جيڪڏهن فطرت ۾ دشمن، جنگ ۽ وبا جهڙيون بيماريون نہ هجن ها تہ هڪ نوع جو تعداد ايترو وڌي وڃي ها جو سطح ارض تي ڪنهن بہ ٻيءَ نوع ڪي پير پائڻ جي جاءِ بہ نہ ملي ها. جنهن جي نتيجي ۾ سطح ارض تي زندگيءَ جو نوعي بيلنس، قائم نہ رهي سگهي ها. نوعي بقا جي هن سلسلي کي چالو رکڻ لاءِ فطرت جو هي خودڪار نظام ڪن حالتن ۾ ضابطن تاهڻ وارو سماجي روپ بہ اختيار ڪري وٺندو آهي. ۽ هي هڪ گڏيل پسمنظر ڪان اپريل قومن ۽ قبيلن جي لاشعوري حرڪتن ڪان عجيب شڪل ۾ بقا جي جنگ لڙائيندو آهي، جنهن عمل ڪان اهي قومون ۽ قبيلا شعوري طور واقف نہ هوندا آهن. جيئن سنڌ ۾ ڌاڙيل فئڪٽر، سنڌي قوم جي تحت شعور ۾ هي احساس پيدا ڪري چڪو هو تہ ڌارين جي وڌندڙ آبادڪاري هن جي قومي وجود کي ختم ڪرڻ جو باعث ٿي سگهي ٿي.

هڪ اهڙي قوم جنهن جي سياسي ۽ سماجي تجربن ڪان مسئلا اڳتي نڪري چڪا هجن، اهڙي حالت ۾ قوم پنهنجي وجود جو دفاع شعوري طور گهٽ بلڪ فطري ردعمل سان وڌيڪ ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ڊاڙيل فئڪٽر ڪان ڪيترا ٻہ صدما چو نہ مليا هجن پر ساڳي وقت هيءَ ٻہ حقيقت آهي تہ اندرون سنڌ ۾ ڊارين جي وڏنڊڙ آباد ڪاري رڪجي وئي، نہ تہ اسان سنڌ ۾ پنهنجو چيف منسٽر ٻہ نہ چونڊائي سگهون ها ۽ اهي ساڳيا جذبا پيپلز پارٽيءَ کي ووٽ ڏيڻ جي نفسياتي پسمنظر ۾ ڪار فرما آهن.

پر اسان اهڙي فطري رجحان سان شعوري سمجهوتو نہ ٿا ڪري سگهون. ان ڪري جو اسان سمجهون ٿا تہ جڏهن بقا جي فطري جنگ ڪوبہ منطقي نتيجو نہ ڏئي سگهندي آهي تہ هوءَ خود ان وجود جي هيئت تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. جنهن سان اسان جو قومي وجود هميشہ لاءِ ختم ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي تہ فطري دفاعي جنگ کي شعوري شڪل ڏيون. ڪرائيم ۽ ووٽ جي فطري رجحان کي سياسي تنظيم جي شڪل ۾ شعوري طور ڪٺي اچون، ان ڪري جو اڄ ٻہ واضح طور سنڌي قوم شعوري حوالي ڪان قوم پرستيءَ کي قبول نہ ڪيو آهي. عمومن جيڪا قوم پرست دانشورن کي شڪايت هوندي آهي تہ ڌڙي بندي يا اهڙي نوعيت جي ٻين غلطين جي ڪري سنڌي قوم قومي سياست ڪان مايوس ٿي وئي آهي. منهنجي خيال ۾ سوچڻ جو هي انداز مڪمل طور حقائق جي ترجماني نہ ٿو ڪري. حقيقت هي آهي تہ ڪاوڙ يا ناراض ٿيڻ هڪ لحاظ ڪان تاريخ جو مثبت انقلابي ڪردار ٻہ آهي. ان لحاظ ڪان ائين سمجهڻ ٻہ گهرجي تہ جيڪڏهن سنڌي قوم قومي اڳواڻن جي حرڪتن تي ڪاوڙجي رهي آهي تہ پوءِ يقينن هوءَ نفسياتي پهلوءَ ڪان قومي سياست تي شعوري طور آماده ٻہ ٿي رهي آهي. جيڪا صورتحال سنڌي قوم جي روين ۾ محسوس نہ ٿي ٿئي. بس جيڪڏهن هيءَ ناراض ٿئي ٿي تہ غنيمت سمجهڻ گهرجي. منهنجي چوڻ جو مطلب هي قطعي نہ آهي تہ غلطي ڪو منفي پهلو نہ ٿي رکي بلڪ منهنجو چوڻ هي آهي تہ سنڌي قوم پنهنجي قيادت متعلق غلطي واري زاويي ڪان نہ ٿي سوچي، هيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سان سهمت ٿيڻ نہ ٿي گهري، هي انهن کي نظرانداز ڪرڻ کي اوليت ٿا ڏين. دراصل تاريخ ۾ لڳاتار ناڪامين کان جيڪي مايوسين جا اثر، هن جي تحت شعور تي مرتب ٿيا آهن، انهن کان هيءَ لاشعوري طور پاڻ کي هي باور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي آهي تہ نوس تاريخي ڪردار مان ڪوبہ مثبت نتيجو نہ نڪرندو! هيءَ ناراض نہ آهي ۽ ٿيڻ جي ضرورت بہ محسوس نہ ٿي ڪري ان ڪري جو ماضي ۾ نتيجن نہ ملڻ ڪري هيءَ اجتماعي عمل کان نفسياتي طور غير مطمئن ٿي چڪي آهي. تنهن جي ڪري، هيءَ ڪابہ اهڙي سياست جيڪا فوري منافعي کان خالي هجي نہ ڪندي..

ساڳي وقت هڪ ٻي پهلوءَ کي بہ سامهون رکڻ نهايت ضروري آهي تہ قومي سياست جا اڳواڻ انقلاب جو تعارف، سياسي ۽ انقلابي فلاسافي کان ڪرائن. جڏهن تہ هي انقلاب جي سکيا ۾ ادب، موسيقي ۽ شاعريءَ جو بيجا استعمال ڪري رهيا آهن. دراصل موسيقي ۽ شاعريءَ جي حساس جذبن ۾ انقلاب کي هڪ اهڙي قوم جي سامهون پيش ڪرڻ جيڪا خود ٿڪجي، مايوس ٿي تال ۽ تبلي جي سرور ۾ پناهہ ورتي آهي. اها شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جي ذريعي انقلاب سکڻ جو عمل نہ ڪري سگهندي، ڇو تہ موسيقيءَ جو سرور تاريخي فرار کان جڏهن ڪنهن قوم جي نفسياتي پناهہ گاهہ بڻجي ويندو آهي تڏهن ان مان موسيقيءَ جي ذريعي نجات حاصل نہ ٿي ڪري سگهجي ۽ نہ ان عمل کي سائنس جي تلاش چئي سگهجي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال جي پيش نظر سنڌي قوم جي ذهين اقليت جي صلاحيتن تي منحصر آهي تہ هو سنڌي قوم جي ساري وايومنڊل کي سامهون رکي اهڙي پاليسي ترتيب ڏين جيڪا هن قوم جي تاريخي واقعات سان جڙيل ”نفسيات“ کي سماجي سائنس جي مطابق نتيجہ خيز بڻائي سگهي.

# مهاجر طبقي جي نفسيات ۽ سنڌي قوم جو مستقبل

”مهاجريت“ کي تقويت ڏيڻ جي پس منظر ۾ سامراج جي سياسي فلاسافي ڪارفرما رهي آهي. هي سامراجي پاليسي ساز اداري جو اهو سياسي ڪيس آهي، جيڪو ڪنهن مرحلي ۾ سوشلزم کي روڪڻ لاءِ غير طبقاتي سوچ کي لساني سوچ ۾ منتقل ڪرڻ جو ذريعو بڻيل هو. جيڪو هن وقت سامراج جي نڪتهٔ نظر کان ڪافي حد تائين غير ضروري ٿي چڪو آهي ۽ ساڳئي وقت بنگال جي علحدگيءَ کان پوءِ پنجاب جي ضرورت به نه رهيو آهي. بلڪ الٽو هن جو وجود پنجاب جي مستقل مفادن جو ضد بڻجي چڪو آهي. البت هي هندستان جي اهڙي ضرورت باقي آهي، جيڪا ڪشمير جي تصفيي تائين حقيقت بڻيل هوندي.

پر سوچڻ جو هي انداز ته مهاجر استعمال ٿيڻ ۾ صرف ٻين جي ضرورت رهيو آهي ۽ ان ۾ هن جي پنهنجي ڪا به دلچسپي يا فطري حيثيت سبب بڻيل نه آهي، غلط ۽ غير سائنسي ٿو لڳي. هي جيڪو جيترا دفعا جهڙي به شڪل ۾ استعمال ٿيو آهي يا ٿي رهيو آهي ان ۾ صرف استعمال ڪرڻ وارن جا مفاد نه هئا. بلڪ هن جي مفادن جي تڪميل به انهن وٽ استعمال ٿيڻ ۾ پوشيده هئي يا آهي. هيءَ جدا ڳالهه آهي ته هن جي اهڙي سوچ اڳتي هلي غير فطري ثابت ٿئي ۽ ڪنهن به نتيجي ڏيڻ کان سواءِ مهاجريت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن وڏي تاريخي صدمي جو شڪار ٿي ويچي. مهاجرن جي سياسي دلچسپي جيڪا مهاجريت جي نالي جدا صوبو يا ملڪ ٺاهڻ جي خواهش تي منحصر آهي، جنهن ڪان هنن جي لساني تجسس جي تڪميل ٿئي ٿي، جيڪو مسئلو دراصل نه پيپلز پارٽي جو آهي نه مسلم ليگ جو ۽ نه پاڪستان جو. بلڪ هي بنيادي طور سنڌي قوم جو مسئلو آهي. هڪ اهڙي قوم جو، جيڪا پنهنجي قومي حيثيت جو امتيازي شعور وڃائي چڪي آهي. جنهن جي ڪري هن اصولي سياست ۾ دلچسپي نه ورتي، فوري ۽ ذاتي منافعي خوري ۾ جنون جي حد تائين شڪار ٿي وئي. نتيجتا هن جي سياسي تجربي ڪان مسئلا گهٽو اڳتي نڪري ويا.

سنڌي قوم متعلق اهڙا تجزيا اسان پنهنجي ڪيترن مضمونن ۾ ڪري چڪا آهيون. تنهن ڪري اڄ جي مضمون ۾ تصوير جي ٻئي رخ تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ته سنڌي قوم جو غير فطري حريف ”مهاجر“ خود پنهنجي معاشرتي وجود ۾ ڇا آهي؟ ۽ هن جي موجود نفسياتي سوچ ڪهڙو پس منظر رکي ٿي، جنهن جا لازمي نتيجا ڪهڙا نڪرندا؟ حقيقت هيءَ آهي ته معاشرتي تبديليون اهي چاهي ڪهڙي به شڪل ۾ سامهون اچن، پر اهي مثبت يا منفي پهلو رکنديون هجن، خاندان، جماعت يا قوم جي نفسيات، سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڪردار کي نوان لاڙا، نوان رخ ڏيڻ جو بنيادي سبب بڻيل هونديون آهن. ان حوالي ڪان هن سچائيءَ کي به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي ته هندستان جي ورهاست سان جن خاندانن کي، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن وسيع تر لساني طبقي سان تاريخي طور جڙيل هئا، هجرت جو تجربو ٿيو. جنهن ڪري انهن جي پهرين، معاشرتي شڪل، ضرور متاثر ٿي هوندي. هي سمجهڻ خصوصا سنڌي قوم لاءِ نهايت ضروري آهي ته انهن تجربن ڪان ”مهاجر نفسيات، ڪهڙي رخ ۾ جڙي، جنهن ڪان هوءَ ڪهڙن زاوين ڪان سياسي ۽ سماجي رخ اختيار ڪندي. پر انهيءَ ڪان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون هي سمجهڻ ضروري آهي ته معاشرتي تبديليءَ کان ڪيئن ۽ ڪهڙي شڪل ۾ نفسياتي رخ جڙن ٿا. ان متعلق مان هڪ قبيلي سان اهڙي نوعيت جو ٿيل واقعو پيش ٿو ڪريان، جيڪو هجرت جي جبري عمل ۾ پنهنجون صلاحيتون وڃائي ويٺو هو. هي حوالو ”ڪولن ولسن“ جي ڪتاب ”انسان، هڪ مجرمانا تاريخ“ مان ورتل آهي.

چا ٿيو جو ٻي جنگ عظيم کان پوءِ حڪومت برطانيه I.K قبيلي جي ماڻهن کان انهن جو پهاڙي علائقو، پالتو جانورن جي افزائش ۽ شڪار جي غرض کان خالي ڪرائي انهن کي بدلي ۾ اهڙو علائقو ڏنو، جتي برسات تمام گهٽ پوندي هئي. ان جو نتيجو هي نڪتو ته ٻک ۽ افلاس جو اهڙو مرحلو سامهون آيو جنهن ڪري قبيلو ڪيترن انساني خواصن کان محروم ٿي ويو، ٻارن کي صرف ٽن سالن تائين پاليو ويندو هو. جنهن کان بعد هنن کي اڪيلو خوراڪ جي تلاش لاءِ ڇڏيو ويندو هو. ڪراڙن ۽ بيمارن کي ٻک ۽ اڃ جا تسيه ڏئي ماريو ويندو هو. هر هڪ شخص صرف پنهنجن ضرورتن جو غلام بڻيل هو. رات جي وقت جڏهن قبيلي جا ماڻهو باهه جي چوڌاري ويندا هئا ۽ جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن ٻار جو هٿ باهه ۾ سڙي پوندو هو، جنهن کان هو دانهون ڪرڻ لڳندو هو ته قبيلي جا ماڻهو ٽهڪ ڏيڻ لڳندا هئا ۽ ان ٻار جي ماءُ ان خيال کان خوش ٿيندي هئي ته ان جي ٻار جي سبب ڪري قبيلي جي ماڻهن کي ٽهڪ نصيب ٿيو. جيڪڏهن ڪا اهڙي خوراڪ وافر حالت ۾ ملي ويندي هئي، جيڪا گهڻو وقت رکڻ کان پوءِ کائڻ جهڙي نه رهندي هئي ته هو ڊؤ ڪري کائيندا هئا ۽ وري الٽيون ڪري ڪڍندا هئا ته جيئن وري کائي سگهون.

حاصل مقصد ته معاشرتي تبديلي منفي يا مثبت شڪل ۾ قومن ۽ قبيلن جي لاڙن ۽ سوچن ۾ نوان نفسياتي رخ جبري طور پيدا ڪري ٿي. جيئن ته اهڙي تبديلي خطي جي موسم، آبهوا يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسيلن جي ڪوٽ ڪان سواءِ پيا پهلو بہ رکي ٿي. فطرت خود غرض آهي يا نہ، پر حقيقت هي بہ آهي تہ بک ۽ افلاس کان سواءِ، ثقافتي صدمو بہ انسان جي نفسياتي ڪيفيت کي خطرناڪ حد تائين متاثر ڪري ٿو. اهڙي طرح معاشرتي تبديلي مان هڪ شڪل اهڙي بہ جڙندي آهي، جنهن جي پس منظر ۾ تبديليءَ جو بنيادي محرڪ واقعاتي بہ هوندو آهي. جيئن هندستان جي ورهاست دوران، اوچتو صرف هڪ رات جي پيٽ ۾ ٿينڊڙ قتل عام، تشدد انهن فردن، انهن ماڻهن جو ڪيو. جيڪي ڪجھ دير پهريون هڪ ٻئي جا دوست ۽ هڏ ڏوکي هيا. جن جا پار گهٽين جي چوراهن ۾ گڏ رانديون ڪيڏندا هئا. نتيجتا صدين جو قائم ٿيل اهو اعتماد هڪ پل ۾ ختم ٿي ويو. جيڪا صورتحال هندستان ۾ مهاجرن کي پيش آئي، ان کان نہ صرف هنن ملڪيتون ۽ زندگيون وڃايون بلڪ هنن جي عزت بہ محفوظ نہ رهي. اهڙي واردات کان پوءِ وطن جي تبديلي جنهن نفسياتي شڪل ۾ سامهون آئي، ان ۾ شڪ جو عنصر بنيادي حيثيت اختيار ڪري ويو. جنهن مهاجرن جي تحت الشعور ۾ مستقل حيثيت ڏاري ورتي. جيڪو اثر مخصوص پالنا، تربيت ۽ ترغيب کان هنن جي نسل ۾ منتقل ٿيندو رهيو. نتيجتا اڄ جو مهاجر شڪ ۽ تخريب جي ذهني دٻاءَ کان نجات حاصل نہ ڪري سگهيو. تنهن ڪري حالتن ۽ رشتن تي اعتماد ڪرڻ جو جذبو هنن وٽ موجود نہ رهيو. اوچتو ڪجھ بہ ٿيڻ جي خوف، جنهن ڊپريشن جو هنن کي شڪار ڪيو، ان جو نتيجو هي نڪتو تہ ان کان پهريون جو هو ڪنهن واقعي جي صحتمند تصديق ڪن، هي خود ڪنهن سنگين واقعي جا مرتڪب ٿي ٿا وڃن. لفظ ”ڏاريو“ هنن لاءِ واقعي جي علامت بڻجي چڪو آهي. مان ڪن ڏاهن مهاجرن کي هي باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اصل خطرو پنجاب کان آهي. توهان ۽ اسان جا مفاد هڪ جهڙا ۽ گڏيل آهن. تنهن ڪري اچو تہ گڏجي انهن سان منهن ڏيون، پنجاب جي غير اصولي بالادستيءَ کي رياست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ختم ڪريون. هن ڪجھ دير شڪ سان مون ڏي تڪيندي چيو
تہ پوءِ توهان تي ڪھڙو يقين آهي تہ توهان اسان ڪي نہ ڪيندا؟

حاصل مقصد تہ هي واقعاتي لحاظ کان معاشرتي تبديليءَ جي ڪري ان حد تائين شڪي مزاج ٿي چڪا آهن، جو تاريخ جي جدلي اصولن تي بہ هنن جو اعتماد نہ رهيو آهي. هي مسئلو ان وقت وڌيڪ خوفناڪ شڪل اختيار ڪري ويو جڏهن مهاجر شڪي مزاج هجڻ سان گڏ لساني نرگسيت جو شڪار ٿي ويو. هو نہ ڪنهن تي اعتماد ٿو ڪري ۽ نہ ڪنهن کي پاڻ جھڙو ٿو سمجھي. جنهن جو هڪ ڪارڻ هي بہ آهي تہ پاڪستان جي جنهن خطي "سنڌ" کي هن سڪونت لاءِ انتخاب ڪيو، اتي جا رهواسي انتهائي سادا، رحمدل ۽ مهمان نواز هئا. جيڪو هنن ۾ تاريخي نقص هو سو هي هو تہ هي پنهنجي قومي حيثيت جو امتيازي شعور نہ پيدا رکن، تنهن ڪري هي مهاجر طبقي جي لساني تشخص کي متاثر ڪرڻ جو فطري سبب بڻجي نہ سگھيا.

سنڌي قوم جي مستقل بدنصيبي ان وقت وڌيڪ خطرناڪ شڪل اختيار ڪري ورتي، جڏهن مهاجر طبقي واضح حالتن ۾ رهائش لاءِ سنڌ جي شهرن جو انتخاب ڪيو. جنهن جو فطري نتيجو هي نڪتو تہ سنڌ جي معاشري جو لساني مزاج هڪ ڪرو نہ رهيو، ۽ ضم ٿيڻ جا فطري چانس پنهنجي اثرانداز ٿيڻ کان مفلوج ٿي ويا.

تاريخ جو هي منفرد پهلو سنڌ ۾ هڪ نئين تجربي جي حيثيت ۾ سامهون آيو آهي. منهنجي خيال ۾ تاريخ جي اندر اهڙي صورتحال پهريون دفعو سامهون آئي آهي تہ هڪ خطي جي اندر شهرن تي هڪ لساني، طبقي جو تسلط هجي ۽ ٻهراڙين تي ٻئي طبقي جو. جڏهن تہ شهرن ۽ ٻهراڙين جو انحصار هڪ ٻئي تي هوندو آهي. شهري سماج، صنعتي اثرات کان تربيت ورتل هجڻ جي ڪري، سياسي، سماجي يا ٽيڪنالاجي، جي عمل ۾ ٻهراڙين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڏيڪ رياست جي اندر بهتر ڪردار ادا ڪندو آهي. پر جيڪڏهن انهن شهرن جو ان خطي جي ٻهراڙين سان لساني ٽڪراءُ ٿي وڃي ته يقينن شهر پنهنجي فطري خصوصيت وڃائي ويهندا آهن. انهن جا سياسي، سماجي ۽ ٽيڪنالاجي جا معيار تبديل ٿي اهڙي اڪتاهٽ جو شڪار ٿي ويندا آهن، جنهن مان جيڪڏهن ڪا شيءِ جڙندي آهي ته اهو تشدد خود غرضي جي اهڙي صورت هوندي آهي، جنهن جو ڪوبه نصب العين نه هوندو آهي. اهڙا شهر مجرمن جي وڏي ۽ اعليٰ تربيت گاهه ثابت ٿيندا آهن. اهڙا شهر جيڪي پنهنجن ٻهراڙين ڪان سماجي ۽ سياسي رشتن ڪان ڪٽيل هوندا، يقينا انهن ۾ فرد جو ڪردار چڙيا گهر جي جانورن وانگر محدود ٿي پنهنجي عام فطري حالتن جي نسبت ڪان تبديل ٿي ويندا آهن ۽ شهر جي صورتحال ۾ فطري اظهار جا ڪيترائي رستا بند ٿي ويندا آهن. شهرن جي سماجي نتيجن ۾ جيڪا خصوصيت نمايان ٿي ويندي آهي، اها هڪ وڏي تشدد ۽ گروهه بندي جو سبب بڻبي آهي. هڪ اهڙي گروهه بندي جيڪا قديم ماڻهن کي نظر انداز ڪرڻ جا جذبا رکندي آهي. چيو ويندو آهي ته شايد هٽلر يهودين جو قتل عام نه ڪرائي ها، جيڪڏهن يهودي پنهنجن اندروني گروهي جذبن ۾ هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ وارا ۽ مقامي ماڻهن ڪان واضح حالت ۾ جدا رهڻ جو رويو اختيار ڪيل نه هجن ها.

هن مضمون جو مقصد صرف هي واضح ڪرڻ آهي ته معاشرتي تبديليءَ ڪان مهاجرن جي نفسيات، شڪي مزاج، خود غرض ۽ لساني نرگسيت جو ان حد تائين شڪار ٿي چڪي آهي جو هي تاريخي رشتن کي نفسياتي پهلوءَ ڪان سمجهڻ جي فطري صلاحيت به وڃائي چڪا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي قوم جو مستقبل اهڙي شڪل ۾ متاثر ٿيو آهي، جنهن ڪان هو سياسي رخ متعين ڪرڻ ۾ غير يقيني صورتحال ڪان نجات حاصل نٿا ڪري سگهن ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود مهاجر ڪي سنڌ جي اسٽريٽ پوزيشن تائين محدوديت، سنڌ جي نه صرف لساني مزاج کان پري رکيو بلڪ ٻهراڙين سان معاشرتي رابطي ۾ نه رهڻ جي ڪري هن جو شهري ڪردار ايبنارمل به ٿي ويو، جنهن جي سڌرڻ جي ڪابه توقع نه آهي. ان ڪري جو هن ۾ ضم ٿيڻ جا واضح طور ”جدا حيثيت ملي وڃڻ جي ڪري“ فطري چانس محدود ٿي چڪا آهن. شهر ۽ ٻهراڙيون، جدا لساني گروپن ۾ هجڻ جي ڪري رياست جي اندر هڪ ڪرو سياسي ڪردار ادا نٿا ڪري سگهن، نه سنڌ جي ورهاست جاگرافيائي تقاضائن کان اهڙي شڪل جي آهي ته جيڪڏهن ان جو ڪوبه حصو مهاجرن کي ورهائي ڏجي ته باقي حصي ۾ سنڌي قوم ڪهڙيءَ به حالت ۾ پنهنجي وجود جو تحفظ ڪري سگهي.

هڪ اهڙي صورتحال جنهن ۾ هڪ ڪري سياسي ڪردار ۽ ضم ٿيڻ جي ڪابه فطري ڪل باقي نه رهي هجي ته پوءِ ائين سمجهڻ وڌيڪ حقيقت جي مطابق آهي ته تاريخ سنڌي قوم تي جنگ مسلط ڪري چڪي آهي، جنهن ۾ سنڌي قوم لاءِ آخري مورچي طور ٻهراڙين جي حيثيت باقي آهي.

هن وقت تائين ته پنجاب جي مستقل مفاد خودڪار حالت ۾ اسان جو دفاع ڪيو آهي، پر هي ذميواريون بين الاقوامي تبديلين جي پيش نظر يقينا اسان ڏي منتقل ٿي رهيون آهن. ايجنسين جي روحاني پيشوا پنجاب، جو پاليسي ساز ادارو عالمي سياسي تبديلين جو ڪنهن حد تائين ادراڪ ڪري چڪو آهي، لهاذا هن جي مجبوري ٿي چڪي آهي، ته پنهنجي غير جمهوري حاڪميت کي قائم رکڻ لاءِ مصنوعي شڪل ۾ سنڌي قومپرستيءَ کي سامهون آڻي، جڏهن ته اسان جي مسئلن جو حل ڪنهن حقيقي وجود کان ممڪن ٿي سگهي ٿو. اهڙي نه رخي سياسي بساط تي چال هلڻ جي صلاحيت، سنڌي قوم جي انقلابي معاشري ۾ ڪيتري قدر موجود


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قومون ڇا آهن؟

## هڪ مستند فڪري تجزيو

هن جديد سائنسي دؤر ۾ قومون ڇا آهن؟ جو فڪري سوال، فڪري دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اپيل آهي. خصوصا غلام قومن ۽ غلام سماجن ۾ هن مسئلي جي باقائدي، فلاسافي بنيادن تي ڇنڊڇاڻ ٿي رهي آهي.

ان خيال کان اسان پنهنجي مضمون ۾ قومن جي ماهيت تي، خالص سائنسي ۽ فطري اصولن جي مطابق تجزيو ڪيو آهي. مقصد کي واضح ۽ چٽي ڪرڻ خاطر اسان مضمون ۾ ڪيل بحث کي هيٺين سوالن ۾ ورهائي لکيو آهي:

1ـ ڇا قومي وجود فطرت جو آفاقي اصول آهي؟

2ـ قومن ۽ اشتراڪيت جا جدلياتي اصول.

3ـ قومن جا آفاقي اصول ۽ انساني ذهن.

4ـ انساني ارتقا لاءِ مستقبل ۾ قومن جو وجود ڪيتري قدر ضروري آهي؟

### 1- ڇا قومي وجود فطرت جو آفاقي اصول آهي؟

ڪجھ وقت پهريون برطانيہ جي هڪ ڏاهي ڊاڪٽر بَرَڪ کان اهو سوال پڇيو ويو تہ قومون ڇا آهن.

هن ٻڌايو تہ قومي نظريي جو تَتُ هي آهي تہ هوءَ ڪنهن فرد جي غرض يا مقصد جي بجاءِ مخصوص سماجي طبقي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غرض يا مقصدن کي وڏيڪ اهميت ڏيندي آهي. هن چيو ته هيءَ ڳالهه ظاهر آهي ته موجوده دؤر ۾ قوميت جو نظريو هڪ سياسي طاقت جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي، پر قوم ڇا آهي ۽ ان جي سائنسي بنيادن تي ڪا واضح سرحد مقرر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. هن چيو ته قبيلن ۽ پيشه ورانه وفادارين کي واضح ڪرڻ بلڪل آسان آهي، البت اُهي ماڻهو جيڪي هڪ گڏيل پس منظر کان اپيل آهن، هو پنهنجي متعلق هميشه هڪ فرقي جي حيثيت سان سوچيندا آهن ۽ مجموعي طرح ٻاهران آيل ماڻهن کي ڌاريو تصور ڪندا آهن. هن چيو ته ”هڪ قوم هڪ اهڙو فرقو هوندي آهي جيڪا پنهنجي ذات جي باري ۾ باشعور هجي ۽ ان ۾ ان جو ڪردار انفرادي هجي.“

هن چيو ته قوم عام طور تي تمام وڏي ٿيندي آهي بلڪ لکن، ڪروڙن ماڻهن تي به مشتمل هوندي آهي. جنهن ۾ مختلف طبقا شامل هوندا آهن. عمومن ڪنهن حد تائين مختلف علائقائي ثقافتون به ان ۾ شامل هونديون آهن ۽ عام طور تي انهن قومن جا رڪن مذهبي حدَ بندين ۾ ورهايل هوندا آهن ۽ لساني طرح ڪنهن حد تائين مختلف علائقائي زبانون به ڳالهائيندا آهن، پر اُنهن سڀني ڳالهين جي باوجود انهن جي ماضيءَ ۽ حال جي تجربن کان ڪا اهڙي ڳالهه ضرور مشترڪ هوندي آهي، جيڪا هنن کي محسوس ڪرائيندي آهي ته هو هڪ آهن ۽ باقي ٻاهران آيل سڀني ماڻهن کي هو ”غير“ تصور ڪندا آهن. هن چيو ته جيئن قومن جا ڇتا اسباب گهڻو ڪري نظر نه ايندا آهن. ان ڪري اُن جي تعريف صرف ان جي عمل ۽ نتيجن کان ڪري سگهجي ٿي. آخر ۾ هن چيو ته ”هڪ قوم هڪ اهڙو فرقو آهي جيڪا ڪهڙن به سببن جي ڪري پنهنجي حيثيت جو امتيازي شعور رکندي آهي.“

حاصل مقصد ته ڊاڪٽر بَرَڪُ صاحب جي خيال ۾ قومن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا واضح سائنسي توجيح نٿي ڪري سگهجي. بلڪ انهن جي وجودڪي انهن جي عمل ۽ نتيجن ڪان محسوس ڪري سگهجي ٿو.

پر جيئن ته اڄ جي هن جديد سائنسي دؤر ۾ ڪا به سچائي يا ڪا به فارمولا تيستائين قابل قبول نه هوندي آهي جيستائين هوءَ سائنسي حقيقت سان نسبت قائم نٿي ڪري. ان لحاظ ڪان مٿي ڏيکاريل ڊاڪٽر برڪ جي قومن متعلق تشريح اَڻ پوري ٿي لڳي. جنهن مان قومي وجود فطري يا آفاقي وجود ثابت نٿو ٿئي. ڇا قومي وجود غير فطري ۽ غير آفاقي عمل آهي؟ نه. بلڪ قومن جو وجود جدلياتي اصولن جي مطابق هڪ آفاقي عمل آهي.

سطح ارضِ تي مادي تضادن ڪان جيڪي انساني گروهي تضاد پيدا ٿيا آهن، قوم انهن جي جدلياتي تشريح آهي. مثلا سطح ارض تي جيترا به علائقائي ۽ جاگرافيائي تضاد آهن اوترا ثقافتي تضاد آهن ۽ اوترا ٻولين جا تضاد آهن ۽ اوترائي انساني گروهي تضاد آهن يعني اوتريون قومون آهن، فرض ڪيوته سطح ارض تي پنج هزار (5000) جاگرافيائي خطن جي شڪل ۾ تضاد موجود آهن. يعني سطح ارض تي پنج هزار اهڙا جاگرافي خطا آهن جيڪي هڪ ٻئي ڪان آبهوا، زمين، موسم ۽ ٻين ڪيميائي بنيادن تي مختلف آهن. اهڙي طرح نوع انسان ۾ به اُن نسبت ڪان ثقافتي تضاد به پنج هزار آهن، ته ٻوليون به پنج هزار آهن ۽ قومون به پنج هزار آهن. ان ڳڻپ جو بيلنس جي حيثيت ۾ بيهڻ ثابت ڪري ٿو ته قومي وجود راجه راڻيءَ جي ڪهاڻي نه آهي ۽ نه ئي حصول روزگار هن جو بنيادي محرڪ ٿي سگهي ٿو. بلڪ هي خالص مادي جو تخليقي عمل آهي. فطرت جي هڪ اسڪيم آهي.

## 2- قومن ۽ اشتراڪيت جو جدلياتي اصول؟

جدلياتي اصولن مطابق اندروني تضاد خارجي تضادن ڪان جنم وٺندا آهن. جيئن خارجي مادي تضادن ڪان قومن جا معاشرتي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي تضاد جنم ونندا آهن ۽ هو پنهنجي سماجي ماهيت جي لحاظ کان خارجي مادي تضادن جو نتيجو هوندا آهن، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، ان حوالي کان قومن ۾ اشتراڪيت قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته انهن آفاقي تضادن ۾ به اشتراڪيت قائم ڪجي (جنهن کان قومن جا سماجي تضاد جنم ونن ٿا.) ظاهر آهي ته جدلياتي اصولن جي مطابق جڏهن خارجي آفاقي تضاد ختم ٿيندا، تڏهن نوع انسان جا سماجي تضاد به ختم ٿي سگهن ٿا. ڇاهي ممڪن آهي؟ ڇا انسان مختلف خطن جي موسم، آبهوا ۽ ٻين ڪيميائي تضادن کي ختم ڪري سگهندو؟ مثلا .پهاڙي علائقي ۾ رهندڙ انسان جي نفاست ۽ سوچڻ جي انداز کي، پهاڙي علائقي ۾ رکي، ميداني علائقي جي سوچ رکندڙ فرد جي نفسيات ۽ سوچڻ جي انداز ۽ نفاست کي تبديل ڪري سگهجي ٿو. ان ڳالهه کي ڊارون جي هن مثال مان وڌيڪ چٽو سمجهي سگهجي ٿو. جنهن ۾ هن چيو آهي ته جيڪڏهن نوريئڙي کان وڻ جي زندگي کسي ميداني زندگي ڏني وڃي ۽ ڪوئي کان ميداني زندگي کسي وڻ جي زندگي ڏني وڃي ته اهڙيءَ حالت ۾ هو پنهنجي نئين ماحول کي ڪيتري قدر قبول ڪري سگهندا؟ ظاهر آهي ته هو پنهنجي جسماني ساخت جي تبديليءَ کان سواءِ ٻي ڪهڙي به شڪل ۾ هو پنهنجي غير ساختي ماحول ۾ ٺٺا هلي سگهن. اهو عمل تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن ڪوئي ۽ نوريئڙي جا ڇنبا ۽ ڀڇ به مٽايا وڃن. ظاهر آهي ته قومن ۾ اشتراڪيت فطري بنيادن تي تڏهن قائم ڪرائي سگهجي ٿي جڏهن قومن جي تخليقي آفاقي محرڪات جي تضادن ۾ اشتراڪيت قائم ڪرائي سگهجي يا قومون ذهني ارتقا جي ڪنهن اهڙي مرحلي ۾ داخل ٿي وڃن جنهن ۾ آفاقي تضاد انسان جي ذهني منشا ۾ رڪاوٽ پيدا نه ڪري سگهن. ظاهر آهي ته هي عمل حضرت انسان جي موجوده ارتقائي مرحلي کان گهڻو پري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 3- قومن جا آفاقي اصول ۽ انساني ذهن

جدلياتي اصولن جي مطابق قومن جو وجود آفاقي ثابت ٿيڻ کان پوءِ اسان يعني نوع انسان، ذهني طرح اهو قبول ڪريون ته جيئن ته قومي وجود آفاقي ۽ فطري عمل آهي، ان ڪري ضروري آهي ته اسان هميشه قومن جي شڪل ۾ ورهايل رهون. ۽ قومي انا پرستيءَ کي آفاقي عمل سمجهندي قومي نفرت کي مستقل پاليندا رهون، ۽ ڪوبه خالص انساني اشتراڪي بنيادن تي معاشرو قائم نه ڪريون! ته پوءِ ڪهڙي ڪم جي اها ذهني ارتقا جيڪا جاگرافي فرق ندين ۽ نالن، جبلن، سمنڊ ۽ موسمن جي فرق کي اورانگهي نه سگهي!

هيءَ هڪ واضح حقيقت آهي ته آفاقي تضادن کي ته انسان پنهنجي ذهني ارتقا کان ختم نٿو ڪري سگهي، البت انهن آفاقي تضادن مان جيڪي قومي، سماجي تضاد پيدا ٿيا آهن هي (اسان) انهن کي ذهني ارتقا کان پنهنجي سماجي حالتن جي مطابق رخ ڏئي سگهي ٿو. هتي هڪڙو عجيب نوعيت جو فڪري سوال اُڀري ٿو ته ڇا حضرت انسان مستقل طور فطري يا آفاقي اصولن جي قيادت ۾ هلڻ، شعوري طور قبول ڪيو آهي؟ انسان جي ماضي ۽ حال جي مشاهدن ۽ تجربن کي سامهون رکي تجزيو ڪبو ته جواب انڪار ۾ ايندو.

انساني ذهن هميشه فطري يا آفاقي قاعدن کي خصوصا هڪ قيدي جيان وقتي طور قبول ڪيو آهي ۽ پنهنجي شعوري ارتقا جي نشتر سان هميشه ڪائنات جي انهن اٽل اصولن کي جيڪي انسان جي ذهني مفادن مطابق نه هئا ڪَٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ ڪري رهيو آهي ۽ ڪنهن حد تائين پڻ ڪامياب به ٿيو آهي. ان حوالي کان تجزيو ڪري ڏسبو ته جانور مڪمل طرح فطري ماحول جو محتاج هوندو آهي ۽ انسان پنهنجي مرضيءَ جي مطابق ماحول کي ٺاهيندو آهي. هو اڪثر ڪري قدرت جو ڪتاب اُن جي هٿ مان کسي وٺندو آهي ۽ انهن شرطن کي ڪٽي ڇڏيندو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي هن جي مجموعي مفاد وٽان نہ هوندا آهن. قدرت جو ڪتاب چئي ٿو تہ ريگستان ۾ پاڻي گهٽ ٿيندو آهي پر انسان واهہ ۽ کوهہ کوٽائي ان حالت کي ختم ڪري پنهنجي مرضيءَ جي مطابق ناهي ٿو. قدرت جو ڪتاب چئي ٿو تہ برسات لازمي پوندي پر انسان بَمَ هٽي جهڙ کي ختم ڪري ماحول کي پنهنجي مرضي مطابق قائم ڪري ٿو. فطرت جو هي نافرمان شاگرد (انسان) تقريبا هر فيلڊ ۾ فطري اصولن جي مخالفت ڪري ٿو فطرت ۾ موت اٽل آهي، پر هي مستقل زنده رهڻ لاءِ عملي طرح جدوجهد ۾ مصروف آهي. فطرت ۾ پوڙهاپ يعني پراڻي ٿيڻ جو عمل آهي، پر هي مستقل جوان رهڻ لاءِ ليبارٽريون قائم ڪري تجربا ڪري رهيو آهي.

ڊارون جي نظريي ارتقا موجب فطرت، صدين جي مسلسل تغيرات ۽ جهدَ کان پوءِ مختلف شين، وڻن، ٻوٽن، ساهہ وارن ۾ وصفي تبديلي جو ڪارڻ بڻبي آهي. بلڪ ان جي بنسبت حضرت انسان اهو ساڳيو عمل ”ذهني ارتقا جي بنياد تي“ افزائش نسل ۽ پيوند ڪاريءَ جي مصنوعي عمل ذريعي تمام مختصر عرصي ۾ جانور ۽ ٻوٽن جا نوان نسل پيدا ڪيا ۽ هن تبديليءَ ۾ انسان ڪنهن بہ آفاقي مقرر پيرڊ ۽ تغير کان مدد نہ ورتي. حقيقت هي آهي تہ جڏهن کان انساني فطرت ۾ شعور داخل ٿيو آهي ان وقت کان انساني ذهن فطرت جي اڪثر اصولن سان اختلاف ڪيو آهي ۽ تقريبا هر فيلڊ ۾ هن فطرت جو مقابلو ڪيو آهي. ”جنگ اڄ بہ جاري آهي“ ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ شعوري ارتقا انسان کي ان جي فطري دائري کان مٿي کڻي آئي آهي ۽ هي سلسلو بتدريج جاري آهي. انسان پنهنجي ذهني اوسر کان آفاقي يا فطري اصولن کي پنهنجي تابع ڪندو ٿو اچي. ممڪن آهي تہ ڪنهن خاص ارتقا جي مرحلي ۾ ’انسان‘ قومن جي آفاقي تضادن واري جبر تي شعوري طرح حاوي ٿي وڃي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 4- انساني ارتقا جي لاءِ مستقبل ۾ قومي وجود ڪيتري قدر ضروري آهي؟

جيئن اسان مٿي واضح ڪري آيا آهيون ته قومي وجود آفاقي عمل آهي ۽ مادي جو تخليقي فطري عمل آهي ۽ انساني ذهن جنهن کي 'فطرت جو نافرمان شاگرد چئجي ته غلط نه ٿيندو' ماحول کي پنهنجي ذهني ارتقا ڪان پنهنجي تجسس جي مطابق ناهڻ ۾ مشغول آهي جنهن ۾ هو ڪيتري حد تائين ڪامياب به ٿيو آهي. اسان مٿي اهو به ذڪرڪري آيا آهيون ته انساني ذهن پنهنجي موجوده ارتقا جي مرحلي ۾ قومن جي آفاقي تفاوت کي ختم نه ڪري سگهيو آهي ۽ نه ئي مستقبل قريب ۾ اهڙا اهڃاڻ نظر اچن ٿا. جنهن ۾ حضرت انسان علمي ادبي نفسياتي ارتقا ڪان قومي جبلي قوتن کي زير ڪري پنهنجي ذهني تخليقي اصولن جي منشا مطابق قومن کي اشتراڪيت جو بهتر نظام ڏيئي سگهي. ان ڳالھ کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ اسان عام بين الاقوامي قومي سياست جو نفسياتي ۽ تجرباتي بنيادن تي تجزيو ڪري ڏسون ته دنيا جون سڌريل قومون ۽ اڻهي قومون جيڪي معاشرتي حوالي ڪان سپر سماج جون دعويدار آهن. سي خود قومن جي جبلي خول ڪان ڪيتري قدر ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون آهن؟

1ـ اتر آمريڪا، ڪئنادا ۽ ڪافي حد تائين لاطيني آمريڪا جا ملڪ، اولھ يورپ جا تقريبا سڀ ملڪ اڄ به نفسياتي طرح گوري نسل جي نسلي امتياز جو شڪار آهن. آمريڪا ۽ آسٽريليا جون قديم قومون گوري نسل جي يلغار ڪان مستقل طور پنهنجو قومي وجود وڃائي چڪيون آهن ۽ هن وقت دنيا ۾ هو ريڊ انڊين جي نالي سان متعارف آهن جيڪو لفظ اصطلاحن غلامي يا گهٽ درجي جي علامت سمجهيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح آسٽريليا جو ڪنڌ جيڪو هندوپاڪ ڪان ايراضيءَ ۾ ٻيڻو ۽ ذرخيزي جي لحاظ ڪان ڪنهن به صورت ۾ آمريڪي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊ ڪان گهٽ نہ آهي. پر سنڌس آدمشماري ٽن ڪروڙ ماڻهن تي مشتمل آهي ۽ هن ڪنڊ ۾ ڪنهن بہ ٻي نسل يا ٻي قوم جي ماڻهوءَ کي (سواءِ گوري نسل جي) رهڻ جو حق نہ آهي. جڏهن تہ هن ڪنڊ جي ويجهو مشرق بعيد (ڏکڻ ايشيا) جا ملڪ وڏنڊڙ آدمشماريءَ جي خوفناڪ عمل مان گذري رهيا آهن. اهڙي طرح پئسفڪ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ڪيترائي گريناڊا جهڙا بدنصيب ۽ گمنام جزيرا گوري نسل جي ايندڙ نسلي واڌ لاءِ رزور (Reserve) پيا آهن. اهڙي طرح ڏکڻ آفريڪا جو مثال وٺو: انهن جي مقامي باشندن .لاءِ سندن ملڪي خوشحالي بدنصيبيءَ جو سبب بڻجي ويئي. اڄ بہ ايشيا ۽ آفريڪي ڪنڊ جاڪيترائي ترقي پذير ملڪ اولهہ يورپ ۽ آمريڪا جي جديد بينڪيت واري نظام جا شڪار بڻيل آهن. اهڙي طرح خصوصن گوري نسل جي دانشور ميزيني بين الاقواميت جو نظريو پيش ڪيو پر هن اٽلي وارن جي قيادت جي ڳالهہ ڪري قوميت جو تصور ڏنو. انقلاب فرانس ڪان پوءِ بہ فرانس ۾ نيپولين بونا پارٽ جي مقبوليت صرف قومي سبب جي ڪري مار کائي ويئي. هن لاءِ مشهور هو تہ هي اٽلي قوم جي بونا پارٽ قبيلي جو فرد هو. حاصل مقصد تہ دنيا جون سڌريل قومون ارتقائي مرحلن کي طئي ڪرڻ جي باوجود بہ زندگيءَ جي سيني ميدانن ۾ چاهي اهو راندين جو شعبو ڇو نہ هجي، قومي تضادن جو شڪار آهن. غير جانبدارانہ تجربي ڪان قومي انا پرستيءَ جا ڇتا اسباب واضح ٿي وڃن ٿا. جيئن سوشلزم نظريي ڪان اشتراڪيت جو عمل سوويت يونين ۾ مني صدي جي تجربي ڪان پوءِ بہ قومي انا کي ٽوڙي نہ سگهيو. سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪان پوءِ ان ۾ موجود رياستون پنهنجي ڀرين قومي شڪل ۾ سامهون آيون. ويٽنام جي آزادي ۾ چيني گوريلن ويهن سالن ڪان بہ وڌيڪ عرصي تائين ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سامراج جي خلاف ويٽنام جو ساٿ ڏنو پر جڏهن ويٽنام آزاد ٿي ويو تڏهن انهن، چيني گوريلن کي هنن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن سان واپس ڪيو ته اسان جا وسيلا اسان تائين محدود آهن.

چين پنهنجي وڌندڙ آدمشماري ڪان مجبور ٿي هڪ ٻار ڪان وڌيڪ پيدا ڪرڻ تي بندش وڌي. جنهن جو هڪ مطلب هي به ٿيو ته ڏهن سالن ڪان پوءِ پياءُ ۽ پيڻ جو قديم ناوليٽ تصور ختم ٿي ويندو، جڏهن ته چين جي پرسان سابق سوويت يونين جا وڏا ۽ ڏگها ميدان ماڻهن نه هجڻ ڪري غيرآباد پيا آهن. هنگري جو مسئلو، پولينڊ جون بغاوتون، يوگ ۽ سلواڪ جو قومي ٽڪر، آذر بائيجان ۽ آرمينيا جو قومي ٽڪراءُ هي سڀ سوشلزم ڪان پوءِ به قومي ٽڪراءُ جو واضح سبب.رهيون. حقيقت هي آهي ته اڄ به انسان فطرتن خود غرض آهي، جيڪڏهن اڄ به هن کي ان جي حال تي ڇڏي ڏنو ويندو ته يقينا هو ڪنهن ٻئي انسان جي آزادي سلب ڪري ڇڏيندو ۽ اهو ساڳيو حال قومن جو آهي.

جيئن ته مٿي ڏنل حوالن ڪان واضح ٿئي ٿو ته حضرت انسان ذهني ارتقا جي کوٽ جي ڪري قومي جبلت ڪان ٻاهر نڪري نه سگهيو آهي تنهن ڪري سماجي سائنس جي تقاضا هي هجڻ گهرجي ته فل وقت ارتقا ۽ ذهني نشونما لاءِ انسان کي قومي خول ۾ تحفظ ڏنو وڃي جيئن هو آزاد نفسياتي ماحول ۾ تربيت حاصل ڪري هڪ صحتمند عالمي سماج کي ارادي طور تي شعوري حالت ۾ جنم ڏئي سگهي. شعوري راضپي سان جيڪو عالمگير معاشرو جڙندو اهو يقينا ماضي ۾ موجود تاريخي صدمن ڪاڌل معاشرن ڪان ٻئي قسم جو هوندو. البت اهڙي تربيت ۾ تعليمي معيار قومي نفرت سيکارڻ وارو نه هجڻ گهرجي. ضروري نه آهي ته اسان پنهنجي جهنڊي جي عزت ڪنهن ٻئي قوم جي جهنڊي ڪان امتيازي حالت ۾ ڪري سگهون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا، انسان ۽ جدليات

مجتبيٰ راشدي

ماجد پبليڪيشنز



پير جو ڳوٺ جي مشهور راشدي خاندان سان تعلق رکندڙ بزرگ شخصيت مجتبيٰ راشديءَ کان سڄي سنڌ چڱيءَ طرح واقف آهي. پاڻ سورهيه بادشاهه شهيد صبغت الله شاهه راشديءَ جو ڀائٽيو ۽ موجوده شاهه مردان شاهه پير صاحب پاڳاري جا سڳا سوٽ آهن. سنڌن لاڳاپو روايتي طور پيري مريدي ۽ خادميءَ بدران علم، ادب ۽ سياست توڙي فلسفي سان آهي.

۱۹۴۸ع ۾ جڏهن انگريزن طرفان سنڌ اندر نندي ڪنڌ جي ڀهرئين مارشل لا ”حر مارشل لا“ مڙهي وئي ته سنڌن وڏا پير جو ڳوٺ مان هجرت ڪري سکر جي جاگيراڻي محلي ۾ وڃي آباد ٿيا جتي پاڻ ٦ مارچ ۱۹۳۸ع ۾ جنم ورتائون. سنڌ جو ناليوارو دانشور ۽ فلسفي جو ڄاڻو رشيد ڀٽي به ساڳئي پاڙي جو رهواسي هو. پاڙيسريءَ واري هن رشتي مجتبيٰ راشديءَ ۽ رشيد ڀٽي وچ ۾ ويجهو تعلق پيدا ڪيو ۽ ائين سنڌن ڄاڻ سڃاڻ جو رشتو ايترو پختو ٿي ويو جو مجتبيٰ راشديءَ سنڌن ئي صلاح سان ۱۹۵۲ع ۾ ڪميونسٽ تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي.

۱۹۵۰ع جي لڳ ڀڳ جڏهن پير جو ڳوٺ جي گادي ڀيهر آباد ٿي ته سنڌن سڄو ڪٽنب پنهنجو اباڻو شهر اچي وسايو. تيستائين مجتبيٰ راشدي، رشيد ڀٽي جي صحبت ۽ دوستي ۾ ايترو رچي ريٽو ٿي چُڪو هو جو هن پنهنجو سمورو ڌيان علم، ادب، فلسفي ۽ سياست ڏانهن ڪري ڇڏيو. پاڻ ”پير ڳوٺ واري سياسي بحران“ سبب رسمي تعليم حاصل نه ڪري سگهيا پر سکر جي علمي ادبي ماحول ۽ جرمن فلاسافر ڪانٽ جي ڪتابن منجهن علمي شڪتي پيدا ڪئي.

”اڻ پڙهيل“ هجڻ جي باوجود سائين سنڌي ۽ اردو زبان تي دسترس رکي ٿو. فارسي ۽ انگريزي کان به چڱي طرح واقف آهن. جڏهن ته عقل ۽ دليل جي ٻولي سنڌن سموري شخصيت کي نکاري نروار ڪري ٿي. ”عبوري دور“ کان پوءِ پاڻ ”قومي سياست“ قبول ڪيائون ۽ ۱۹۷۸ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ شامل ٿيا. مجتبيٰ راشديءَ ”جيئمسٽ انقلابي ڪائونسل“ جو باني ۽ پهريون چيئرمين رهي چُڪو آهي. هو جيئي سنڌ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري به رهيو.

پاڻ ۳ ڀيرا جيل ڪاٽيائون. ڪيس پهريون ڀيرو ۱۹۸۰ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. ان کان پوءِ ايم آر ڊي تحريڪ دوران جيل ڀوڳيو ۽ تازو گذريل فوجي آپريشن دوران ڪين ”احمد پور جي فوجي ڇانوڻي“ ۾ ڏيڍ مهينو قيد ڪيو ويو. عام راءِ اها هُئي ته سائين جي- ايم سيد ڪين حد کان وڌيڪ ڀائيندو هو ۽ راشدي صاحب پاڻ پڻ ساڳي دعويٰ ڪري ٿو. مجتبيٰ راشدي لاڳيتو بيماري ۽ ۸ ڀيرا آپريشن ٿيڻ سبب اڄڪلهه پنهنجي انهيءَ اوطاق تي زندگي گذاري رهيو آهي جنهن کي سيڪنڊ سن (ٻئي سن) جهڙي حيثيت حاصل هئي.

سائين جو خيال آهي ته مارڪسي سوشلزم سماجي سائنس پٽاندڙ نه هجڻ سبب فيل ٿي ويو ۽ سنڌي وري سياست کان ويندي هر شعبي ۾ انهيءَ ڪري مار کائي ويا آهن. اهي اصل موضوع کان لنوائين ٿا. سائين پنهنجي فلسفياڻي فڪر ۽ عقل جي بنياد تي انهيءَ نتيجي تي به پهتل آهي ته سنڌ ”حادثاتي“ طور تي به آزاد ٿي سگهي ٿي.

—— ظهير ميراڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

The Reading Generation پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني ڪي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جِئن جِئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻچاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book